ABC THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
هڪ ئي وقت ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت
حيدرآباد
Regd: NO-2430-B
69 YEAR 1958 - 2026
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492- Lahore: Ph: 5854047-8
سال (95) سومر 21 سيپٽمبر 2026ع 08 ربيع الثاني 1448هه صفحا 6 - ملهه 30 وپيه شمارو (37)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

وفاقي وزير حنيف عباسي پاران قلات ۾ دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين

اسلام آباد (اي پي پي) ريلوي بابت وفاقي وزير محمد حنيف عباسي قلات ۾

بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

گهرو وزير محسن نقوي شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرم جي گهر پهتو، والد سان تعزيت ۽ فاتحه خواني

اسلام آباد (اي پي پي) گهرو معاملن بابت

بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

سعودي پرڏيهي وزير فيصل بن فرحان جنرل اسيمبلي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ نيويارڪ پهچي ويو

نيويارڪ (اي پي پي) سعودي عرب جو

بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

صدر، وزيراعظم ۽ گهرو وزير پاران شهادت ماڻيندڙ آفيسرن ۽ جوانن کي خراج عقيدت پيش، وارثن سان همدردي ۽ تعزيت جو اظهار

هنگو ۽ قلات ۾ سڪيورٽي فورسز جون ڪارروايون، 13 دهشتگرد مارجي ويا، پاڪ فوج جا 2 آفيسر ۽ 4 جوان شهيد

پاڪستان هاءِ وي قلات تي سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن پاران اغوا ٿيڻ ۽ گاڏين کي ڦرڻ واري منصوبي کي وقت تي ڪارروائي ڪندي ناڪام بڻائيندي وقت سر ڪارروائي ڪئي

فائرنگ جي ڏي وٺ دوران فتنه الهندستان جا پنج دهشتگردن مارجي ويا ۽ سڪيورٽي فورسز اغوا ڪيل 23 ڄڻن کي آزاد ڪرائي، ڦر ڪيل 11 گاڏيون ۽ وڏي تعداد ۾ هٿيار هٿ ڪري ورتا

علائقي ۾ موجود ٻين لڪائي دهشتگردن جي خاتمي، مقامي آبادي جي تحفظ ۽ اهم قومي شاهراهه جي حفاظت ۽ سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سرچ ۽ ڪليئرنس آپريشن جاري

خيبرپختونخوا جي ضلعي هنگو ۾ سيڪيورٽي فورسز جي قافلي ۽ خوارج وچ ۾ ويڙهه، مؤثر جوابي ڪارروائي ۾ ڀارتي سرپرستيءَ ۾ سرگرم فتني الخوارج جا 8 دهشتگرد مارجي ويا

فائرنگ جي ڏي وٺ دوران دشمن جي اڳواٽي ڪندڙ پاڪ فوج جا 2 نوجوان بهادر آفيسر ڪئپٽن ابوذر فاروق ۽ جو ليفٽيننٽ شيراز بابر سميت 4 جوان شهيد ٿي ويا

بهادر جوانن جون قربانيون ملڪ جي دفاع ۽ قوم جي تحفظ لاءِ عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون. سيڪيورٽي فورسز ملڪ جي سلامتي ۽ تحفظ لاءِ پنهنجو فرض ادا ڪنديون رهنديون: آءِ ايس پي آر

راولپنڊي (م ر) بلوچستان جي علائقي قلات ويجهو ۽ خيبرپختونخوا جي ضلعي هنگو ۾ سيڪيورٽي فورسز جي ڌار ڌار ڪارروائين دوران مجموعي طور 13 دهشتگردن کي ماريو ويو جڏهن ته پاڪ فوج جي ٻن آفيسرن سميت 6 جوانن شهادت ماڻي آهي ان سلسلي ۾ مليل

بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: قلات ويجهو دهشتگردن سان ويڙهه ڪندي شهيد ٿيل اهلڪارن جا فائيل فوٽو

اولهه ايشيا ۾ ڇڪتاڻ سبب آمريڪا جو پنهنجي شهرين لاءِ سيڪيورٽي الرٽ جاري

خطي جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آمريڪي سفارتخانن پاران شهرين کي چوڪس رهڻ جون هدايتون

وڌندڙ ڇڪتاڻ سبب اڏامون رد ٿيڻ جو خدشو، شهرين کي سيڪيورٽي هدايتن تي عمل ڪرڻ جو حڪم

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي عملدارن اولهه ايشيا جي ملڪن ۾ موجود پنهنجي سفارتخانن ذريعي پنهنجي شهرين لاءِ سيڪيورٽي وارننگ جاري ڪندي انهن کي محتاط ۽ چوڪس رهڻ جي هدايت ڪئي

بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

احتجاج، ڌرنا ۽ هڙتالون مسئلن جو حل ناهن، ڳالهين جو رستو اختيار ڪيو وڃي: محمد اورنگزيب

احتجاجن سبب معاشي سرگرميون متاثر ۽ معيشت کي روزانو 120 ارب رپين تائين نقصان جو خدشو آهي

زرمبادله جا ذخيرا 21.4 ارب ڊالر تائين پهچي ويا آهن، ڪرنٽ اڪائونٽ 14 سالن کان پوءِ سرپلس ۾ آيو آهي

اسلام آباد (اي پي پي) ناڻي واري وفاقي وزير سينيٽر محمد اورنگزيب چيو آهي ته مارچ ڌرنن ۽ هڙتالن سان معاشي ترقي جو سفر

بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

مملڪتي وزير بلال بن ثاقب جي آمريڪي ناظم الامور نتالي بيڪر سان ملاقات، ڊجيٽل اثاثن جي ريگيوليٽري نظام تي غور

اسلام آباد (اي پي پي) مملڪتي وزير

بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

عطاالله تارڙ جي ايم اين اي فرح ناز اڪبر جي گهر آمد، اڳوڻي آءِ جي دل جان خان مروت جي وفات تي تعزيت

اسلام آباد (اي پي پي) سڏ سماءِ وار

بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ پهرين ۽ 2 آڪٽوبر تي گلوبل هيلٿ سمٽ بابت تيارين جو جائزو ورتو ويو

اسلام آباد (اي پي پي) صحت واري

بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

پاڪستان عالمي امن، گڏيل بقا ۽ سلامتي لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندو: وزيراعظم

تڪرارن جي خاتمي، ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ عالمي امن کي هٿي ڏيڻ لاءِ پرخلوص سفارتي ڪوششن تي يقين رکون ٿا

گڏيل قومن جي امن مشنز ۾ پاڪستان جو ڏهاڪن عرصي کان ڪردار قومي فخر جو باعث آهي

معاشي ۽ سماجي خوشحالي، بنيادي حقن جو تحفظ ۽ برابري جا موقعا به پائيدار امن جا بنياد آهن

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان عالمي

بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

سنڌ ۽ چين جي صوبي هونان وچ ۾ سهڪار وڌائڻ تي معاهدو، ليٽر آف انٽريسٽ تي صحيحون

سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ هونان فارن افيئرز جي ڊائريڪٽر جنرل گورونگ معاهدي تي صحيحون ڪيون

معاهدي تحت گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ وڌيڪ رابطن جي لاءِ هڪ فريم ورڪ جوڙيو ويندو

ڪراچي/ بيجنگ (بيورو رپورٽ) سنڌ ۽ هونان سسٽر صوبن جي ليٽر آف انٽريسٽ تي صحيحون جي ذريعي سهڪار کي مضبوط بڻائي ورتو آهي سنڌ حڪومت ۽ عوامي جمهوريه چين جي صوبي هونان ۾

بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

هونان: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ کي بريفنگ ڏني پئي وڃي

لاهور ۾ پ ٽي آءِ باني جي ڀيڻ عليمه خان گرفتار، ڪوٽ لکپت جيل منتقل

عمران خان جي ڀيڻ پنهنجي ڊرائيور سان گڏ جيمخانا وڃي رهي ته کيس حراست ۾ ورتو ويو

لاهور (م ر) لاهور ۾ پي ٽي آءِ باني

بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

وفاقي حڪومت پيٽرول في ليٽر هڪ هزار رپين تائين پهچڻ جو خدشو ظاهر ڪري ڇڏيو

يورپ ۽ آمريڪا ۾ تيل مهانگو ٿيو آهي، عالمي منڊي ۾ تيل جي قيمت ۾ 80 سيڪڙو واڌ ٿي آهي: علي پرويز ملڪ

پاڪستان ۾ رڳو 50 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي. وزيراعظم تيل جي قيمت اڳيان بند ٻڌو آهي

ملڪ ۾ پيٽرول جي کوٽ ناهي، پر کوٽ پيدا ٿي ته في ليٽر قيمت هڪ هزار رپين تائين به پهچي سگهي ٿي

اسلام آباد (م ر) وفاقي پيٽروليم واري وزير علي پرويز ملڪ پيٽرول جي في ليٽر قيمت

بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ۾ دهشتگردي واقعن ۾ فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج ملوث آهن: طاهر محمود اشرفي

دهشتگردن جي پويان افغانستان ۽ ڀارت آهن، جنهن جا ثبوت ۽ شاهديون موجود آهن

لاهور (اي پي پي) وزيراعظم جي قومي پيغام امن ڪميٽي جي ڪوآرڊينيٽر حافظ طاهر محمود اشرفي چيو آهي ته پاڪستان

بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

گڏيل قومن جي سيڪريٽري جنرل پاران سعودي عرب ۾ بنيادي ڍانچي تي حملن جي مذمت

گڏيل قومون (اي پي پي) گڏيل قومن جي

بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

پائيدار امن ڳالهين، سفارتڪاري، عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي منشور جي پاسداري سان ئي ممڪن آهي: صدر آصف

عالمي برادري، گڏيل قومن جي منشور جي پاسداري، عالمي قانون جي احترام ۽ سفارتڪاري ذريعي تڪرارن جي منصفاڻي ۽ پائيدار حل لاءِ پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري

پاڪستان عالمي امن، سلامتي ۽ گڏيل قومن جي مرڪزي ڪردار تي ٻڌل مضبوط، مؤثر ۽ جامع گهڻ رخي نظام لاءِ پنهنجي پختي عزم تي قائم آهي

عوام جي خودارادیت واري حق کان انڪار ۽ سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَن تي عملدرآمد نه ٿيڻ سبب پرڏيهي قبضي وارن علائقن ۾ پائيدار امن قائم ٿيڻ ڏور ٿي سگهي

پاڪستاني امن جٿا ڪيترن ئي ڏهاڪن کان گڏيل قومن جي مشنز ۾ شهرين جي تحفظ ۽ تڪرارن کان متاثر برادرين جي مدد لاءِ پنهنجون خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن

ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ تڪرار جي خاتمي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوشش کي عالمي سطح تي ساراهيو ويو، اسلام آباد مفاهمتي يادداشت ڳالهين جي راهه هموار ڪئي

ڀارتي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۽ والاربل فلسطيني علائقن سميت پرڏيهي قبضي وارن علائقن ۾ خودارادیت جي حق ۽ سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءَن تي عملدرآمد ضروري آهي

اسلام آباد (اي پي پي) صدر مملڪت آصف علي زرداري عالمي برادري تي زور ڀريو ته هو گڏيل قومن جي منشور جي پاسداري، عالمي قانون جي احترام ۽

بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت تعليمي انفراسٽرڪچر کي وڌائڻ لاءِ غير معمولي سيڙپڪاري ڪئي آهي: وڏو وزير

اسان جو مقصد صرف اسڪول جون عمارتون ناهن ناهي، هر ڪلاس روم سکڻ لاءِ تيار ٻارن سان ڀريل هجي

حڪومت تعليم کان محروم ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين ۾ تعليم کي ترجيح ڏئي رهي آهي ۽ جديد اسڪول قائم ڪيا پيا وڃن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير

بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

هونان: سينئر صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جو سهڪاري معاهدي بعد اڳواڻن سان گروپ فوٽو

ايم ڊي ڪيٽ دوران سکر آءِ بي اي جو وائيس چانسلر بيهوش، طبي امداد ڏني وئي

سکر (بيوروورپورٽ) ايم ڊي ڪيٽ جي

بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

ڪراچي کان جماعت اسلامي جو پيٽرول ليوي خلاف ٽرين مارچ شروع ٿي ويو

ڪينٽ اسٽيشن کان روانو ٿيل ڪاروان مختلف شهرن ۾ پهچڻ دوران ڌرڻن جو اعلان

عوام تان مهانگائي جو بار گهٽائڻ لاءِ مفت بجلي ۽ پيٽرول جون سهولتون ختم ڪيون وڃن: حافظ نعيم

ڪراچي (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان چيو آهي ته حڪومت عوام جي پريشاني

بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

سنڌ اندر ميڊيڪل ۾ داخلا لاءِ ٽيسٽ ورتي وئي، 34 هزار کان وڌيڪ اميدوارن جي شرڪت

ڪراچي ۾ 10 هزار 964، سکر ۾ 5 هزار 556 ۽ حيدرآباد ۾ 5 هزار اميدوارن ٽيسٽ ڏني

ايم ڊي ڪيٽ ۾ مافيا سرگرم هئي، شڪايتن بعد ٽيسٽ جي نمبواري آءِ بي اي سکر حوالي ٿي: ڊاڪٽر آصف شيخ

سکر(بيورو رپورٽ) سنڌ اندر ميڊيڪل ۾

بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

سکر: ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ دوران بيهوش ٿيل وائيس چانسلر کي طبي امداد ڏني پئي وڃي

اسلام آباد ۾ پي ٽي آءِ مارچ کي روڪڻ لاءِ انتظام سخت، خندقون کوٽڻ ۽ بنڪر ٺاهڻ جو فيصلو

پاڪستان تحريڪ انصاف جي لانگ مارچ کي روڪڻ لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا آهن: ذريعا

مظاهرين کي روڪڻ لاءِ وڏن شاهراهن تي رکيل شپنگ ڪنٽينرن کي واريءَ سان ڀرڻ جي شروعات ٿي وئي

شهر جي داخلي رستن تي خندقون کوٽي گاڏين جي گذرڻ کي ناممڪن بڻائڻ جو منصوبو تيار ڪيو ويو

اسلام آباد (م ر) اسلام آباد لاءِ رٿيل پاڪستان تحريڪ انصاف (پي ٽي آءِ) جي لانگ مارچ کي روڪڻ لاءِ اهم فيصلا ڪيا ويا آهن داخلي رستن تي خندقون کوٽيون پيون وڃن ۽ بنڪر ٺاهيا پيا وڃن جنهن لاءِ

بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

CLASSIFIED ADVERTISMENT

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج 6th حيدرآباد
ايف سي سوٽ نمبر 413 سال 2026

ميسرز معصر ڪنسٽرڪشن ڪمپني معرفت مجاز آفيسر سيد علي غلام ولد سيد معظم علي شاهه آفيس نمبر B-13 ارارحمن ايڪسٽيشن سامهون ماروي لان واڏو واهه قاسم آباد حيدرآباد. پلينٽف.. بخلاف.. (1) چيف سيڪريٽري سنڌ ڪراچي (2) سيڪريٽري ورڪس اينڊ سروسز ڊپارٽمينٽ ڪراچي (3) چيف انجنيئر هائي وي حيدرآباد (4) ايگزيڪيوٽو پرائنشل ڪوسٽل هائي ويزن حيدرآباد ايٽ شهباز بلڊنگ حيدرآباد (5) ڊسٽرڪٽ اڪائونٽس آفيسر حيدرآباد. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فارڪوري آف اماؤنٽ، سيڪيورٽي ڊپازٽر انفليشن ريٽ، ڊيمجن اينڊ ميسني پرافٽ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 23-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج 6th حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سيڪنڊ سول/ فيملي جج حيدرآباد
فيملي سوٽ نمبر 953 سال 2026

مسمات شائسته لغاري. پلينٽف.. بخلاف.. انور لغاري ولد گلشير لغاري عرف عبدالخالق لغاري رهندڙ ڳوٺ بخش علي لغاري تعلقو ماتلي ضلعو بدين. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ ۽ مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 05-10-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سيڪنڊ سول/ فيملي جج حيدرآباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار
ايف سي سوٽ نمبر 78 سال 2026

(1) شريمتي سعيده زال درهم داس (2) شريمتي دريتي ڌي درهم داس زال مولچند باگڙي (3) وزير باگڙي ولد درهم داس رهندڙ محلا حاجي احمد ميمڻ ڪالوني ٽنڊو الهيار. پلينٽف.. بخلاف.. (1) منسٽر انٽيرئر حڪومت پاڪستان اسلام آباد (2) چيئرمين نادرا اسلام آباد (3) اسٽنٽ مينيجر نادرا ٽنڊو الهيار. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف سوٽ فار ڊڪلريشن اينڊ مينڊيٽري انجڪشن لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فرسٽ سينئر سول جج ٽنڊو الهيار

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ
گارڊين سوٽ نمبر 23 سال 2026

اختر علي ولد آچر خان مري رهندڙ ڳوٺ قربان علي مري ديهه 08 نصرت تعلقو دوڙ ضلعو شهيد بينظير آباد. اپيليڪينٽ.. بخلاف.. (1) مسمات صغرا خاتون بيواهه آچر خان (2) مسمات صفيه (3) مسمات گلناز (4) مسمات نسيم سپ پٽ ڦيٿرون آچر خان (5) جنرل پبلڪ ايٽ لارج. اپونٽس

مٿين اپونٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين اپليڪينٽ گارڊين درخواست زير قلم 7،10،25،29 گارڊين اينڊ وارڊ ايڪٽ تحت درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 29-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II دوڙ

عام اطلاع

جيئن ته آئون پنهنجي فرم ميسرز ڏٿي بخش اينڊ سنز رجسٽريشن نمبر CS-30969 جيڪا پاڪستان انجنيئرنگ ڪائونسل وٽ رجسٽرڊ آهي مان پنهنجي آفيس جي ايڊريس تبديل ڪري رهيو آهيان جيڪا هن ريٽ هوندي بروهي چوڪ مسلم ڪالوني ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو بلاڪ ڊي گهر نمبر 37-209 ۽ اين ٽي اين (ايف بي آر) رڪارڊ ۾ تبديل ڪرائي چڪو آهيان اگر ڪنهن کي ڪوبه اعتراض هجي ته مون سان رابطو ڪري

ڏٿي بخش بليدي ولد حضور بخش شناختي ڪارڊ نمبر 4130472527557

عام اطلاع

هر عام خاص کي هن اشتهار ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته سال 2023 ۾ مون هڪ ايگريمينٽ وڏيرو اشتياق شورو ولد حسين شورو ويٺل جهنگڙي تعلقو ضلعو ٺٽو سان زمين ٽوٽل 145 ايڪڙ ۽ 165 ايڪڙ جنهن جو ڪيس نمبر 184/2023 ۽ ڪيس نمبر 185/2023 سول ڪورٽ ڄامشورو متعلق ڪيو هو جو ان ايگريمينٽ تحت اشتياق شورو پنهنجي ڪيل معاهدي تحت پورو نه هلي سگهيو جو هاڻ ايگريمينٽ جنهن جي اسان کي ڪابي نه اشتياق شورو نه ڏني آهي نه ئي اسان وٽ موجود آهي اسان بئي ڌرين هڪ ٻئي جا مالڪ آهيون جو مون پروسو ڪيو ۽ منهنجا تمام ڪاغذات به وڏيرو اشتياق شورو وٽ موجود آهن جوهاڻ مون کي خبر پئي آهي ته اشتياق شورو مخالفن سان گڏجي ويو آهي ۽ منهنجي وڪيل کي ڪر ڪرڻ کان روڪيو ويو جو مون اهو وڪيل به تبديل ڪيو آهي جو هن بيان تحت واضح طور چوان ٿو ته منهنجي ۽ اشتياق شورو جي ڪيل ايگريمينٽ جيڪا آئون ختم ڪيان ٿو ۽ اها ايگريمينٽ هن وقت رد ۽ خارج سمجهي وڃي جيڪڏهن اشتياق شورو منهنجي ايگريمينٽ کي استعمال ڪندو ته ان کي ڪوڙو سمجهيو ويندو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي جيئن ڪم اچي سگهي

حافظ عباس شورو ولد ميران محمد ويٺل جهنگڙي تعلقو ضلعو ٺٽو

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته آئون نالي عبدالغفار رند ولد محمد اشرف رند عمر اٽڪل 47سال شناختي ڪارڊ نمبر 4540330144375 ويٺل ڳوٺ لنگر خان رند سڪرنڊ هي بيان ڏئي رهيو آهيان ته منهنجي پهرين گهرواري جنهن کي آئون اٺ سال پهريان طلاق ڏئي چڪو آهيان مونکي ان مان هڪ پٽ جو اولاد آهي جنهن جو نالو ذاڪر علي رند آهي ان جي ماءُ ۽ سنڌس پٽ سان لاتعلقي جوا ظهار ڪيان ٿو منهنجو پٽ غلط ماڻهن جي صحبت ۾ اچي ويو آهي جيڪو تاريخ 03-2018-07 کان پنهنجي مامن ۽ ماءُ سان رهائش پذير آهي ۽ منشيات واپرائڻ ۾ پڻ ملوث آهي ۽ ٻين ڪمن ۾ اچي ويو آهي اگر ڪو به ماڻهو ان سان ڪنهن به قسم جي ڏيتي ليتي يا ٺهراو ڪندو ته آئون ان جو ذميوار ناهيان ۽ ڪنهن به قسم جو تدارڪ نه ڪندس منهنجو هي بيان رڪارڊ تي رکيو وڃي

عبدالغفار رند ولد محمد اشرف رند شناختي ڪارڊ نمبر 4540330144375 ويٺل ڳوٺ لنگر خان رند سڪرنڊ ضلعو شهيد بينظير آباد

لاتعلقي جو اظهار

جيئن ته منهنجي سئوٽ امام علي لاشاري ولد رسول بخش ۽ مسمات بيبي بيواهه قاسم جمالي ۽ ان جي گهر ڀاتين سان منهنجو ۽ منهنجي خاندان جو ڪو به لڳ لاڳاپو يا اٿڻ ويهڻ نه آهي تنهنڪري هنن جي ڪنهن به عمل جو آئون يا منهنجو خاندان ذميوار نه آهي منهنجو هي بيان ريڪارڊ تي رکيو وڃي ته جيئن وقت سر ڪم اچي سگهي

محمد امين ولد خير محمد لاشاري محلو پي ٽي سي آفيس ٽنڊوڄام

عام اطلاع

اسان وٽ نالي ارشاد علي ولد محمد خان شناختي ڪارڊ نمبر 1-0590446-41701 ذات لاشاري ڳوٺ اميد علي لاشاري ديهه آمري تعلقو ٽنڊوالهيار ضلعو ٽنڊوالهيار درخواست ڪئي آهي ته سندس والد نالي محمد خان ولد الله بخش خان جيڪو تاريخ 1991-05-01 تي وفات ڪري ويو آهي جنهن جي تصديق بن شاهدن هر هڪ (1)نالي محمد اشرف ولد قائم خان شناختي ڪارڊ نمبر 3-1389691-41307 ۽ (2) محمد ابراهيم ولد محمد خان شناختي ڪارڊ نمبر 9-1549657-41307 بيان ڏنو آهي ته عرضدار گهر ڪئي آهي ته سندس والد نالي محمد خان ولد الله بخش خان جو فوتي سرٽيفڪيٽ ڏنو وڃي جنهن جي تصديق حد جي وائيس چيئرمين آصف علي جروار ۽ 17 گريڊ جي آفيسر جي تصديق موجود آهي ان کري سيني عام ۽ خاص کي اطلاع ٿو ڪجي ته فوتي جي فوتي سرٽيفڪيٽ ڏيڻ يا مٿي ڪنهن به قسم جي غلط بياني جي باري ۾ ڪنهن کي ڪو به اعتراض هجي ته هن اشتهار جي اشاعت جي ستن07 ڏينهن اندر يونين ڪائونسل آفيس ۾ شيون سان گڏ رووبرو يا لکت ۾ پيش ڪري بي صورت ۾ مدو گذرڻ کانپو گهربل سرٽيفڪيٽ جاري ڪيو ويندو بعد ۾ ڪا به حجت نه بڌي ويندي ۽ انهي بيان ۾ ڪابه غلط بياني ثابت ٿي ته انهي جي ذميواري تصديق ڪندڙ ۽ شاهد هوندا

سيڪريٽري يونين ڪائونسل شاهه عنايت رضوي

عام اطلاع

جيئن ته منهنجو چاچو نالي محمد اعظم ولد رمضان رهندڙ ڳوٺ محمد رمضان جٽ ديهه 231 تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص تاريخ 2026-09-15 تي وفات ڪري ويو آهي جنهن جو ڊيٿ سرٽيفڪيٽ گهرجي جيڪڏهن ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي شايع ٿيڻ جي 07 ستن ڏينهن اندر پنهنجو اعتراض يو سي آفيس ڏينگاڻ پرگڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ۾ داخل ڪرائي سگهي ٿو مدو گذرڻ بعد ڪو به اعتراض بڌڻ ۾ نه ايندو

محمد ارسلان ولد امجد علي
ديهه 23 يو سي ڏينگاڻ پرگڙي تعلقو ڪوٽ غلام محمد ضلعو ميرپورخاص

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج ڄامشورو
فيملي سوٽ نمبر 319 سال 2026

مسمات ڪلثوم. پلينٽف.. بخلاف.. عابد حسين لغاري ولد طارق حسين ذات لغاري رهندڙ الله داد لغاري سامهون جامع مسجد بيگ اسٽاپ ضلعو سانگهڙ سيل نمبر 03073048977.. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف رڪوري دارو اماؤنٽ اينڊ ڊاوري آرٽيڪلز اينڊ مينٽيننس بي درخواست زير قلم S.17-A تحت داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج ڄامشورو

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سينئر سول جج هالا
(روبرو جناب اعجاز علي چانگ)
ايف سي سوٽ نمبر 77 سال 2026

مسمات Shoqin. پلينٽف.. بخلاف.. (3) بشير ولد Kirin ذات ڍاهري رهندڙ تعلقو هالا ضلعو مٽياري (4) مسمات رض بانو زال بشير ذات ڍاهري رهندڙ ڳوٺ شاهه محمد ڍاهري تعلقو هالا ضلعو مٽياري. ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي مٿي جاڻايل ايف سي سوٽ داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 21-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سينئر سول جج هالا

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سعيد آباد
(روبرو جناب عبدالستار)
فيملي سوٽ نمبر 03 سال 2026

مسمات نسرين ڌي محمد هارون زال راول ذات ڪاڪا رهندڙ ڳوٺ گل محمد ڪاڪا تعلقو سعيد آباد. پلينٽف.. بخلاف.. راول ولد رياض احمد ڪاڪا رهندڙ Sirachoon ڪاڪا تعلقو سعيد آباد ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح توڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سعيد آباد

ڪورٽ نوٽيس

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سعيد آباد
(روبرو جناب عبدالستار)
فيملي سوٽ نمبر 04 سال 2026

(1) مسمات فرزانه بيبي ڌي محمد فيض احمد زال محمد عمر ذات ملڪ رهندڙ ملاح ڪالوني وارڊ نمبر 11 سعيد آباد ضلعو مٽياري (2) فرحان علي عمر 14 سال (3) بيبي مونا عمر 09 سال (4) حسنين علي عمر 09 سال (5) بيبي مريم عمر 03 سال (6) بيبي ماريه عمر 03 سال سيريل نمبر 2 کان 6 سپ مائنر ڌي، پٽ محمد عمر. پلينٽف.. بخلاف.. محمد عمر ولد امام الدين ذات ملاح رهندڙ ملاح ڪالوني وارڊ نمبر 11 سعيد آباد ضلعو مٽياري ڊفينڊنٽس

مٿين ڊفينڊنٽس ڏانهن:
جيئن ته مٿين پلينٽف توهان جي خلاف مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخباري نوٽيس ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته 24-09-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو بڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

سول/ فيملي جج اينڊ جي ايم II سعيد آباد

عام اطلاع

هرعام وخاص کي آگاهه ٿو ڪجي ته مون جناب قاضي خضر حيات ولد قاضي محمد عمر شناختي ڪارڊ نمبر 4220180370837 حال رهندڙ ڪراچي کان سندس زمين ديهه مولس ٽيو بادا تعلقو ڪوٽڙي ديهه سون ڏيهارٽيو بولهاڙي تعلقو ڪوٽڙي ۽ ديهه موڙهو جبل مڪان مجيري مڪان دامن پوري ۽ مڪان بوڙاڇ ۾ ٽوٽل ايراضي 166 ايڪڙ خريد ڪرڻ جو معاهدو ڪيو آهي ڪنهن به شخص يا اداري کي ڪو به اعتراض هجي ته هن اشاعت جي 07 (ستن) ڏينهن اندر دستاويزي ثبوتن سان مختيارڪار ڪوٽڙي ضلعو ڄامشورو وٽ پيش ٿي اعتراض داخل ڪري معياد گذرڻ کانپو ڪو به اعتراض قابل قبول نه هوندو ۽ وڌيڪ ڪارروائي مڪمل ڪئي ويندي

غلام مصطفيٰ راهوجو
شناختي ڪارڊ نمبر 4120481143775
سيل نمبر 03008027585 ۽ 03342659181

بقايا 1 روزاني عبرت

دهشتگردن خلاف ڪامياب ڪارروائي تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته دهشتگردن پاران شهرين جي اڄ رچ معاشر ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بڻائڻ تي سيڪيورٽي فورسز جي وقت سر ۽ اثرائتي ڪارروائي جو ثبوت آهي ريلوي واري وزارت طرفان آچر تي جاري بيان ۾ محمد حنيف عباسي چيو ته دهشتگردي خلاف جنگ ۾ سيڪيورٽي فورسز جي بهادري ۽ پيشيوارانه صلاحيتن کي سلام پيش ڪريان ٿو هن قلات ۾ ڪارروائي دوران دهشتگردن کي مارڻ ۽ مغوي ماڻهن کي حفاظت سان آزاد ڪرائڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته پاڪستان جي سرزمين تي امن ۽ سلامتي کي نقصان پهچائڻ جي ڪوشش جو ڀرپور مقابلو ڪيو ويندو دهشتگرد پنهنجن ناپاڪ عزمن ۾ ڪڏهن به ڪامياب نه ٿيندا. محمد حنيف عباسي چيو ته دهشتگردن جي قبضي مان ٽرڪ، بسون ۽ ٻيون گاڏيون ڇڏائڻ سيڪيورٽي فورسز جي ڪامياب ڪارروائي آهي ريلوي واري وزير چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين رياست ۽ قوم متحد ٿي پنهنجي سيڪيورٽي فورسز سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي بيٺل آهي

بقايا 2 روزاني عبرت

وفاقي وزير محسن نقوي وطن عزيز جي بهادر سپوت شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرم جي گهر ويو گهرو وزارت پاران جاري بيان مطابق وفاقي گهرو وزير شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرم جي والد ۽ پاءُ سان ملاقات ڪئي، دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو وفاقي گهرو وزير شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرم جي درجن جي بلندي لاءِ دعا ڪئي هن شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرن جي والد جي بلند حوصلي ۽ جذبي کي ساراهيو ان موقعي تي شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرم جي والد چيو ته منهنجو پٽ حمزه پاڪستان تي قربان ٿيو بيو پٽ به پاڪستان لاءِ حاضر آهي. شهيد حمزه اسانجو ڳاٽ فخر سان اوچو ڪري ڇڏيو آهي هن چيو ته پاڪستان آهي ته اسان آهيون پاڪستان ناهي ته ڪجهه به ناهي وفاقي گهرو وزير چيو ته توهان جهڙي عظيم والد جي حوصلي تي سڄي قوم کي فخر آهي محسن نقوي چيو ته ڪيپٽن حمزه اڪرم 7 خوارجين کي جهنم پيڙو ڪري بهادري جو اعليٰ مثال قائم ڪيو هن چيو ته شهيد ڪيپٽن حمزه اڪرم اسان جي دلين ۾ زنده آهي ۽ هميشا زنده رهندو واضح رهي ته ڪيپٽن حمزه اڪرم هنگو ۾ خوارجين جو بهادري سان مقابلو ڪندي شهيد ٿيو هو

بقايا 3 روزاني عبرت

پرڏيهي وزير شهزاده فيصل بن فرحان گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس ۾ شرڪت لاءِ نيويارڪ پهچي ويو هو ملڪي وفد جي سربراهي ڪندو پرڏيهي ميڊيا مطابق جنرل اسيمبلي جي هن سال جي اعليٰ سطح جي اجلاس ۾ مملڪت جي شرڪت عالمي سهڪار ۽ گهڻ رخي ڪارروائي کي مضبوط بڻائڻ جي ان جي عزم جي عڪاسي ڪري ٿي سعودي وفد جنرل اسيمبلي جي اجلاس دوران مختلف سرڪاري اجلاسن ۾ شرڪت ڪندو جنهن جو مقصد گهڻ رخي عالمي ڪم کي اڳتي وڌائڻ علائقائي ۽ عالمي صورتحال تي خيالن جي ڏي وٺ ڪرڻ آهي اجلاس دوران سعودي وفد جون ڪيترين ئي ملاقاتون ۽ انگيجمينٽ شامل آهن جن جو مقصد برادر ۽ دوست ملڪن جي عالمي تنظيمن سان هر آهنگي ۽ سهڪار وڌائڻ آهي

بقايا 4 روزاني عبرت

رپورٽن موجب قلات ويجهو پاڪستان هاءِ وي (اين -25) تي دهشتگردن پاران اغوا پڻ ۽ گاڏين کي ڦرڻ واري منصوبي کي وقت تي ڪارروائي ڪندي ناڪام بڻائيندي فتنه الهندستان جي 5 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو ۽ اغوا ڪيل 23 ڄڻن کي آزاد ڪرائڻ سميت ٿر ڪيل 11 گاڏين ۽ وڏي تعداد ۾ هٿيار هٿ ڪيا آهن آءِ ايس پي آر موجب 18 ۽ 19 سيپٽمبر جي رچ واري رات فتنه الهندستان سان تعلق رکندڙ دهشتگردن قلات ويجهو پاڪستان هاءِ وي چمن ڪان ڪراچي اين -25) تي ٽريفڪ جي ٻر امن اچ وچ ۾ رنڊڪ وجهڻ جي ڪوشش ڪئي جڏهن ته ٻڪ لاءِ اغوا پڻ ۽ گاڏين ڦرڻ لاءِ ناڪابندي پڻ ڪئي سيڪيورٽي فورسز

فوري طور تي ڪارروائي ڪئي دهشتگردن ۽ سيڪيورٽي فورسز وچ ۾ فائرنگ جي شديد ڏي وٺ ڪانپوءِ فوج جي اثرائتي ڪارروائي جي نتيجي ۾ ڀارت جي سرپرستي ۾ ڪم ڪندڙ فتنه الهندستان جا پنج دهشتگرد مارجي ويا سيڪيورٽي فورسز دهشتگردن جي ڌڪاڻن مان اغوا ڪيل 23 ماڻهن کي آزاد ڪرايو جڏهن ته وڏي تعداد ۾ ڊماڪيدار مادي هٿيان 6 ٽرڪون 3 بسون ۽ ٻه ڪارون پڻ هٿ ڪيون سيڪيورٽي فورسز وقت سر ڪامياب آپريشن ڪندي ڀارتي سرپرستي ۾ ڪم ڪندڙ فتنه الهندستان جي ناپاڪ ارادن کي مٽي ۾ ملايو علائقي ۾ موجود ٻين امڪاني دهشتگردن جي خاتمي مقامي آبادي جي تحفظ ۽ اهم قومي شاهراهه جي حفاظت ۽ سيڪيورٽي کي يقيني بڻائڻ لاءِ سرچ ۽ ڪليئرنس آپريشن جاري آهي آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته نيشنل ايڪشن پلان تحت وفاقي اپيڪس ڪميٽي جي منظور ڪيل عزم استحڪام تحت دهشتگردي خلاف بنا ڪنهن رنڊڪ جي مهم پوري طاقت ۽ عزم سان جاري رهندي سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارا ملڪ مان پرڏيهي فنڊنگ ۽ حمايت ذريعي ڦهلجندڙ دهشتگردي جي لعنت جي خاتمي لاءِ پرعزم آهن ٻئي طرف خيبرپختونخوا جي ضلعي هنگو ۾ سيڪيورٽي فورسز خوارج خلاف ڪارروائي ڪندي 8 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو جڏهن ته فائرنگ جي ڏي وٺ دوران پاڪ فوج جا 2 آفيسر ۽ 4 جوان شهيد ٿي ويا پاڪ فوج جي شعبي بين الاقوامي تعلقات (آءِ ايس پي آر) موجب 20 سيپٽمبر تي هنگو ۾ سيڪيورٽي فورسز جي قافلي ۽ خوارج وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي سيڪيورٽي فورسز مؤثر جوابي ڪارروائي ڪندي ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم فتني الخوارج جي 8 دهشتگردن کي ماري ڇڏيو آءِ ايس پي آر موجب فائرنگ جي ڏي وٺ دوران دشمن جي اڳواڻي آڳئين مورچي تان ڪندڙ پاڪ فوج جا 2 بهادر آفيسر پڻ شهيد ٿي ويا. شهيد ٿيندڙن ۾ 23 ورهين جو ڪئپٽن ابوذر فاروق ۽ 22 ورهين جو ليفٽيننٽ شيراز بابر شامل آهن جڏهن ته ڪارروائي دوران 4 جوانن پڻ شهادت ماڻي اهڙيءَ ريت مجموعي طور 2 آفيسرن سميت 6 اهلڪار شهيد ٿيا. آءِ ايس پي آر جو چوڻ آهي ته علائقي ۾ ڀارتي سرپرستي ۾ سرگرم ٻين خوارج جي خاتمي لاءِ صفائيءَ جي ڪارروائي جاري آهي وفاقي اپيڪس ڪميٽي تحت سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن پاران ملڪ ۾ پرڏيهي سرپرستي ۽ مدد سان ٿيندڙ دهشتگردي جي خاتمي لاءِ ڪارروايون پوري رفتار سان جاري رکڻ جو عزم ڪيو ويو آهي. آءِ ايس پي آر موجب بهادر جوانن جون قربانيون ملڪ جي دفاع ۽ قوم جي تحفظ لاءِ عزم کي وڌيڪ مضبوط ڪن ٿيون سيڪيورٽي فورسز ملڪ جي سلامتي ۽ تحفظ لاءِ هر قيمت تي پنهنجو فرض ادا ڪنديون رهنديون هوڏانهن صدر آصف زرداري، وزيراعظم شهباز شريف، گهرو وزير محسن نقوي ۽ ٻين پاران سيڪيورٽي فورسز جي ڪارروائي دوران دهشتگردن کي مارڻ تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش ڪيو ۽ شهيد ڪئپٽن ابوذر فاروق، ليفٽيننٽ شيراز بابر ۽ 4 جوانن کي خراج عقيدت پيش ڪيو اڳواڻن چيو ته شهيد آفيسرن ۽ جوانن وطن جي دفاع ۽ دهشتگردي خلاف جنگ ۾ بي مثال شجاعت جو مظاهرو ڪيو هن چيو ته شهيدن قوم جي مستقبل ۽ ملڪ جي سلامتي لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون جنهن تي پوري قوم پنهنجي بهادر شهيدن کي سلام پيش ڪري ٿي هنن شهيدن جي وارثن سان دلي همدردي ۽ تعزيت جو اظهار ڪندي شهيدن جي درجن جي بلندي ۽ پوئترن لاءِ صبر جميل جي دعا ڪئي صدر ۽ وزيراعظم چيو ته دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين فتني الخوارج خلاف سيڪيورٽي فورسز ۽ قانون لاڳو ڪندڙ ادارن جون ڪارروايون جاري رهنديون هن چيو ته ملڪ ۾ پرڏيهي سرپرستي ۽ مدد سان ٿيندڙ دهشتگردي جي مڪمل خاتمي لاءِ آپريشن "عزم استحڪام" تحت ڪارروايون پوري قوت سان جاري رکيون وينديون

بقايا 5 روزاني عبرت

آهي. پرڏيهي ميڊيا موجب اولهه ايشيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ موجود آمريڪي سفارتخانن فوري طور تي سيڪيورٽي وارننگ جاري ڪندي پنهنجي شهرين تي زور ڀريو آهي ته اهي انهن هدايتن تي عمل ڪن. انهن جو چوڻ آهي ته خطي ۾ آڻاڻون رد ٿيڻ جو پڻ امڪان آهي خطي جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ آمريڪي سفارتخانن اهي فوري سيڪيورٽي وارننگ جاري ڪندي پنهنجي شهرين کي وچ اوڀر ۾ جاري ڇڪتاڻ سبب چوڪس ۽ محتاط رهڻ جي هدايت ڪئي آهي بغداد ۾ آمريڪي سفارتخاني خاص طور تي حوثي ۽ سعودي عرب وچ ۾ تازين ڇڪرين جي حوالو ڏنو آهي جن ۾ هوائي اڏن تي حملا پڻ شامل آهن ۽ خبردار ڪيو آهي ته ڇڪتاڻ ۾ اضافو ٿي سگهي ٿو آمريڪي پرڏيهي کاتي پڻ ڌار وارننگ جاري ڪندي چيو آهي ته يمن ۾ سعودي عرب ۽ حوثين وچ ۾ ٽڪراءِ ۾ ڇڪتاڻ وڌڻ جو امڪان موجود آهي

بقايا 6 روزاني عبرت

معاشر ٿي سگهي ٿو معاشي سرگرمين ۾ رڪاوٽ سان قومي معيشت کي اربين روپين جي نقصان جو خدشو آهي احتجاج ۽ ڌرڻن سان معيشت کي ڏهاڙي 120 ارب روپين جو نقصان ٿيندو پائيدار معاشي استحڪام جي حاصلات لاءِ اسان سيني جي گڏيل ذميواري آهي اسان معاشي استحڪام سان معاشي ترقي طرف گامزن آهيون معاشي اشاريا جي ناڻي ذخيرا ملڪ جي بلند ترين سطح تائين پهچي چڪا آهن ماليتي خساري ۾ واضح گهٽتائي ٿي آهي خرچن کي گهٽ ڪيو پيو وڃي ڪرنٽ اڪائونٽ سرپلس آهي پرڏيهه مان موڪليل ناڻي ۾ مسلسل واڌ جو رجحان آهي. روانگي واپار جو شعبو به صحيح رخ ۾ گامزن آهي پاڪستان اسٽاڪ مارڪيٽ ۾ سيڙپڪارن جي تعداد ۾ واڌ ٿي آهي بدقسمتي سان وچ اوڀر جي صورتحال سبب سپ معاشر ٿي رهيا آهن اميد آهي ته معاشي ترقي جي سفر ۾ وڌيڪ بهتري ايندي، احتجاج ڌرڻا ۽ هڙتالون مسئلن جو حل ناهن، ڳالهين جو رستو ئي سڀ کان بهتر ۽ مناسب آهي اهڙو اظهار هن آچر ڏينهن ميڊيا سان ڳالهائيندي ڪيو هن چيو ته مان اڄ ڪجهه حقيقتون عوام آڏو رکڻ چاهيان ٿو گڏيل هفتي ۾ اسان جي مٽاسٽا جي ناڻي جا ذخيرا 21.4 ارب ڊالر تائين پهچي چڪا، قومي تاريخ ۾ ماليتي خسارو هاءِ سنگل ڊجيٽ سان 2.6 تي اچي چڪو آهي ۽ آمدني ۾ واڌ ٿي آهي، اسان جي پوري ڪوشش آهي ته اسان خرچ گهٽايون. ڪرنٽ اڪائونٽ جي ڪارڪردگي ۾ نمايان بهتري آئي آهي هن چيو ته 14 سالن کان پوءِ ڪرنٽ اڪائونٽ سرپلس آيو گذريل سال اسان جو اڪائونٽ برابر هو هن چيو ته اسان جي آءِ ٽي جي روانگي واپار ۾ مسلسل واڌ جو رجحان آهي گذريل مالي سال ۾ 4.6 ارب ڊالر جو روانگي واپار ٿيو ۽ هن سال انشاء الله تعالىٰ وڌيڪ 5.5 ارب ڊالر تائين پهچي ويندو هن چيو ته مجموعي قومي روانگي واپار ۾ به اضافو ٿي رهيو آهي اسان جو ڪرنٽ اڪائونٽ خسارو جي ڊي پي جي هڪ سيڪڙو ويجهو آهي. اهڙي طرح اسان جي جي ڊي پي گروٿ ۾ گذريل سال 3.7 سيڪڙو جي گروٿ ٿي ۽ انشا الله تعالىٰ هن سال 4 سيڪڙو ڪان مٿي جي اميد آهي جنهن ۾ لارج اسڪيل مينيوفيڪچرنگ جي شعبي جي ڪارڪردگي جو نمايان حصو آهي هن چيو ته قومي روانگي واپار ۾ ساهواڙ ۽ سالياتو بنيادن تي واڌ ٿي رهي آهي هن چيو ته هن وقت قومي معيشت صحيح رخ تي اڳيان وڌي رهي آهي مينيوفيڪچرنگ کان علاوه بزنس انڊيڪس جا نمبر به وڌي رهيا آهن ۽ جيڪڏهن اسٽاڪ ايڪسچينج ۾ انڊيڪيشن ڏٺو ويو ته اسان جا سرمائيدار وڌيا آهن، خاص ڪري نوجوانن جو انگ وڌيو آهي هن چيو ته گذريل مالي سال ۾ 11 لک نوان سيڙپڪار جڏهن ته گذريل ٻن مهينن ۾ پنج لک نوان سيڙپڪار شامل ٿيا آهن جو مطلب آهي ته ڪمپنيون پنهنجي بزنس کي واڌ ڏيڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن ۽ ڪنديون آن لاءِ هو ايڪوئٽي جي ريز ڪري رهي آهي يا هو نوان يونٽس لڳائي رهيا آهن اهي سمورا اهڃاڻ مثبت آهن هن اميد جو اظهار ڪيو ته انشا الله اسان جي معاشي ترقي جي سفر ۾ وڌيڪ واڌ ٿيندي، معاشي چئلينجز جي حوالي سان هن چيو ته ڪجهه مشڪلاتون آهن وچ اوڀر جي تڪرار سان دنيا متاثر ٿي رهي آهي ۽ اسان جي وزيراعظم ۽ سي ڊي ايف جي پوري ڪوشش آهي ته اسلام آباد ايم او يو تي واپسي ممڪن ٿئي ۽ تڪرار جو خاتمو اچي سگهي

بقايا 7 روزاني عبرت

برادري سان گڏجي پرامن، گڏيل بقا، عالمي استحڪام ۽ سلامتي ترقي ۽ خوشحالي ۽

برابري جي موقعن جي فراهمي ۽ عدل ۽ انصاف جهڙين تعميري روايتن سان پنهنجي وابستگي جي تجديد جو عزم ڪري ٿو وزيراعظم آفيس جي ميڊيا ونگ سان امن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي جاري بيان ۾ هن چيو ته علائقائي ۽ عالمي امن کي هٿي وٺائڻ ۾ پاڪستان جو هاڪوڪو تعميري ڪردار قوم لاءِ فخر جوڳو آهي پاڪستان پرخلوص انداز ۾ تڪرارن جي خاتمي، ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ عالمي امن کي هٿي وٺائڻ لاءِ ڪوشش ڪيون آهن گڏيل قومن جي نگراني هيٺ امن مشنز ۾ پاڪستان هميشه هراول دستي طور خدمتون سرانجام ڏنيون آهن جيڪو اسان جو قومي فخر آهي وزيراعظم چيو ته هن سال اهو عالمي ڏينهن امن ۾ سيڙپڪاري، سيني لاءِ هرجاءِ هر ڏينهن جي عنوان سان ملهايو پيو وڃي هي موضوع اجاگر ڪري ٿو ته امن صرف جنگي تڪرارن جي خاتمي جو نالو ناهي پر ان جي حقيقي ثمرن جو اظهار عالمي ۽ قومي سطح تي انسانن جي معاشي ۽ سماجي آسودگي بنيادي حقن جي تحفظ، عزت احترام هڪجهڙن موقعن ۽ شموليت سان ٿئي ٿو هن چيو ته بنا رنگ نسل ۽ فرق برابري وارو معاشرتي رويو ئي پائيدار امن جو ضامن آهي هي رويو انفرادي ۽ اجتماعي سطح تي نفرت، تشدد، تعصب جهڙن ناڪاري جذبن جي ازالي سان ئي قائم ڪري سگهجي ٿو اسلامي تعليم ۽ پاڪستان جي آئين انساني وقار ۽ بنيادي حقن جي تحفظ جي ضمانت سان ئي معاشرتي امن جو مضبوط بنياد فراهم ڪري ٿو حڪومت جون پاليسيون ان ڳالهه کي يقيني بڻائڻ لاءِ ڪوششون آهن ته سمورن شهرين خاص ڪري عورتن ٻارن اقليتن ۽ خصوصي ماڻهن ۽ ٻين ڪمزور ۽ محروم طبقن جي برابري وارن حقن ۽ فرضن کي موثر تحفظ فراهم ڪيو جي وزيراعظم چيو ته حڪومت انساني حقن بابت قومي ايڪشن پلان 2026ع ذريعي انساني حقن جي تحفظ ۽ معاشرتي هم آهنگي کي هٿي وٺائڻ لاءِ هڪ جامع لائحه عمل اختيار ڪيو آهي. ان پروگرام جي مقصدن ۾ ملڪ ۾ بين المذاهب هم آهنگي ۽ مذهبي رواداري کي هٿي ڏيڻ نفرت ۽ ڇڙ ڏيارينڊڙ تقريرن ۽ اڻبرابري واري سلوڪ جي روڪٿام اقليتن ۽ ڪمزور طبقن جي تحفظ کي مضبوط بڻائڻ انصاف تائين رسائي بهتر ڪرڻ ۽ اداره جاتي احتساب کي موثر بڻائڻ لاءِ ٺوس قدم شامل آهن وزيراعظم چيو ته امن جي مضبوطي جو دارومدار سماج جي اجتماعي شعور ۽ انفرادي فهم تي ٿئي ٿو ان روشني ۾ تعليمي نظام ۾ ان عنصر جي تربيت اڪثر آهي يونيورسٽين ۾ شهري ذميواري، رواداري جي احترام کي هٿي ڏيڻ سماجي امن جو ضامن آهي قومي ايڪشن پلان تحت انساني حقن ۽ امن جي تعليم کي شامل ڪرڻ اسان جي ان عزم جي عڪاسي ڪري ٿو ته ايندڙ نسلن ۾ احترام همدردي جو احساس ۽ گڏيل پرامن بقا جي ثقافت جي حوصلا افزائي ڪري سگهجي هن چيو ته انساني حقن جي پيچڪرين جي معاشرن جو تحفظ ۽ ادارن پاران وقت سر ۽ موثر رد عمل شهرين جو رياست تي اعتماد جو اظهار آهي وزيراعظم چيو ته امن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي مان سيني شهرين کي اپيل ڪيان ٿو ته هو نفرت، عدم برداشت ۽ اڻبرابري جي سلوڪ جهڙن ناڪاري قدرن جي ازالي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ ٻين سان همدردي، ڳالهين ۽ احترام کي هٿي ڏين امن جي ثقافت کي مضبوط بڻائڻ حڪومتي ادارن سول سوسائٽي، مذهبي اڳواڻن استادن، ميڊيا، معاشري ۽ خاندانن سميت سيني جي گڏيل ذميواري آهي الله تعالىٰ پاڪستان ۽ پوري دنيا کي پائيدار امن ۽ خوشحالي عطا فرمائي

بقايا 8 روزاني عبرت

بنهي ڌرين ۾ سهڪار سان ليٽر آف انٽريسٽ تي صحيحن سان گڏ اداري جاتي، اقتصادي ۽ عوامي سطح تي لاڳاپن کي مضبوط بڻائڻ هڪ اهم قدم ڪنيو آهي ليٽر آف انٽريسٽ تي سنڌ حڪومت جي اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ ۽ هونان فارن افيئرز جي ڊائريڪٽر جنرل محترم گورنگ صحيحون ڪيون صحيحن جي تقريب سنڌ ۽ هونان جي وچ ۾ سهڪار کي وڌائڻ ۾ اهم سنگ ميل جي حيثيت رکي ٿي، جنهن سان گڏيل دلچسپي جي شعبن ۾ وڌيڪ رابطن جي لاءِ هڪ فريم ورڪ جوڙيو ويندو ۽ اقتصادي، واپاري، سيڙپڪاري، ٽيڪنيڪي ۽ ثقافتي رابطن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ جا رستا کلندا. تقريب ۾ سنڌ جي وڏي وزير جي سيڙپڪاري ۽ پبلڪ پرائيويٽ پارٽنر شپ منصوبن بابت خاص مددگار قاسم نويد قمر ۽ گوانگزو ۾ پاڪستان جي قونصل جنرل ياسر اقبال ڀٽ سميت بنهي صوبن جي اعليٰ اختيارين ۽ نمائندن شرڪت ڪئي. هي اڳيرائي هلندڙ سال جي اپريل مهيني ۾ اسلامي جمهوريه پاڪستان جي صدر آصف علي زرداري جي هونان جي دوري جي پسمنظر ۾ سامهون آئي آهي جنهن بنهي صوبن جي وچ ۾ سهڪار کي مضبوط بڻائڻ جو بنياد رکيو ليٽر آف انٽريسٽ مان اميد آهي ته قريبي اداري جاتي رابطي ڪاري ۾ سهولت ملندي، ڪاروبار سان ڪاروباري رابطن کي هٿي ملندي، سيڙپڪاري ۽ ٽيڪنالوجي جي شراڪت داري جي حوصلا افزائي ٿيندي ۽ بنهي صوبن ۾ ڪاروباري ادارن ۽ عوام جي لاءِ نوان موقعا پيدا ٿيندا سنڌ جي گونان گون اقتصادي صلاحيت ۽ هونان جي مضبوط صنعتي، ٽيڪنيڪي ۽ زرعي صلاحيت سان مضبوط شراڪت داري جي عملي سهڪار ۽ گڏيل مفاد تي ٻڌل ترقي جي لاءِ هڪ پليٽ فارم فراهم ڪري ٿي ليٽر آف انٽريسٽ تي صحيحون بنهي صوبن جي ان گڏيل عزم کي به سگهارو بڻائن ٿيون ته پاڪستان ۽ چين جي وچ ۾ پراڻي دوستي کي اقتصادي ترقي، سيڙپڪاري، جدت، علم جي مٽا سٽا ۽ عوامي سطح تي رابطن جي صورت ۾ ٺوس نتيجن ۾ تبديل ڪيو وڃي

بقايا 9 روزاني عبرت

بلال بن ثاقب آمريڪي ناظم الامور نٽالي بيڪر سان ملاقات ڪئي ملاقات ۾ پاڪستان جي ڊجيٽل اثاثن جي جديد ريگيوليٽري نظام تي ڳالهيون ٿيون ملاقات ۾ جدت، مالياتي شفافيت، ڊجيٽل معيشت جي مستقبل تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي بلال بن ثاقب، نٽالي بيڪر کي پاڪستان ۾ ڊجيٽل اثاثن جي شعبي ۾ تيز رفتار اڳڀرائي تي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي بلال بن ثاقب چيو ته پاڪستان ڊجيٽل اثاثن جي شعبي ۾ هڪ جديد ۽ مضبوط نظام جوڙي رهيو آهي مالياتي نظام جي مستقبل کي نظر ۾ رکندي ڊجيٽل معيشت جي بنياد رکيو پيو وڃي. بلال بن ثاقب چيو ته جدت ۽ مالياتي شفافيت سان پاڪستان ڊجيٽل اڪانامي ۾ نئين رخ جو تعين ڪري رهيو آهي

بقايا 10 روزاني عبرت

وفاقي وزير عطاالله تارڙ ايم اين اي فرخ ناز اڪبر جي گهر ويو ۽ سندس سهري اڳوڻي انسپيڪٽر جنرل پوليس دل جان خان سروٽ جي لاڏاڻي تي تعزيت جو اظهار ڪيو وفاقي وزير مرحوم جي ايصال ثواب لاءِ فاتحه خواني ڪئي ان موقعي تي ڳالهائيندي وفاقي وزير چيو ته دل جان خان سروٽ لائق، تجربيڪار ۽ فرض شناس آفيسر هو هن ملڪ ۽ قوم جي خدمت جو اهم ذميواريون انجام ڏنيون مرحوم دل جان خان سروٽ جي لاڏاڻي سان پيدا ٿيل خال ڪڏهن به پرجي نه سگهندو هن مرحوم دل جان خان سروٽ جي درجن جي بلندي ۽ وارثن لاءِ صبر جي دعا ڪئي

بقايا 11 روزاني عبرت

مملڪتي وزير ڊاڪٽر مختار احمد ڀرٿ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿيو جنهن ۾ مينٽل هيلٿ ڪانفرنس جي تيارين جو جائزو ورتو ويو صحت واري وزارت جي ترجمان موجب پاڪستان پهرين ۽ ٻه آڪٽوبر تي گلوبل مينٽل هيلٿ سمٽ 2026ع جي ميزباني ڪندو جنهن ۾ قومي ۽ عالمي ماهر پاليسي ساز لاڳاپيل اسٽيڪ هولڊرز وفاقي ۽ صوبائي حڪومتن ۽ پارليامينٽيريز جا نمائندا به شرڪت ڪندا هن چيو ته موسمياتي خطرن ۽ مستقبل جي چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ اثرائتي ذهني صحت جو نظام سميت جو مرڪزي موضوع بڻجي چڪو آهي اجلاس ۾ ڊاڪٽر مختار احمد ڀرٿ چيو ته پاڪستان ۾ ذهني اعصابي ۽ منشيات جي استعمال بابت بيمارين جو بار نمايان آهي . هن چيو ته موسمياتي تبديلي ۽ قدرتي آفتون ذهني مسئلن ۾ واڌ ڪن ٿيون 2022ع جي ٻوڏ سبب تقريباً 3 ڪروڙ 30 لک ماڻهو متاثر ٿيا، ٻوڏ جو پاڻي لهي وڃي ٿو پر ذهني صحت تي ان جا اثر رهن ٿا. مملڪتي وزير چيو ته ٻوڏ سبب متاثر بار اچ به قدرتي آفتن جي ذهني اثرن جو شڪار آهن هن چيو ته صحت واري وزارت صوبن ۽ علائقن جي مشاورت سان قومي ذهني صحت پاليسي 35-2026ع

بقايا 12 روزاني عبرت

عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان کي گرفتار ڪري ڪوٽ لکپت جيل منتقل ڪيو ويو آهي. هن کي ان وقت گرفتار ڪيو ويو جڏهن هوءَ پنهنجي ڊرائيور عامر سان گڏ جمخانا ڪلب وڃي رهي هئي عليمه خان کي ڪوٽ لکپت جيل منتقل ڪيو ويو آهي، جڏهن ته سندس گاڏي موزنگ ٿاڻي تي ضبط ڪئي وئي آهي هن کي 3-ايم پي او (عوامي امن برقرار رکڻ واري قانون) تحت حراست ۾ ورتو ويو لاهور پوليس ان وقت حراست ۾ ورتو جڏهن هوءَ اپر مال واري رهائشگاهه تان جمخانا ڪلب لاءِ رواني ٿي هئي

بقايا 13 روزاني عبرت

هڪ هزار روپين تائين پهچڻ جو خدشو ظاهر ڪري ڇڏيو لاهور ۾ ميڊيا سان ڳالهائيندي علي پرويز ملڪ چيو ته هن وقت ملڪ ۾ پيٽرول جي ڪا ڪوٽ ناهي ۾ جيڪڏهن ڪوٽ پيدا ٿي وئي ته في ليٽر قيمت هڪ هزار روپين تائين به پهچي سگهي ٿي علي پرويز ملڪ چيو ته يورپ ۽ آمريڪا ۾ تيل مهانگو ٿي ويو آهي عالمي منڊي ۾ تيل جي قيمت ۾ 80 سيڪڙو واڌ ٿي آهي پر پاڪستان ۾ رڳو 50 سيڪڙو واڌ ڪئي وئي آهي ڏميوار وزيراعظم طور شهباز شريف پيٽرول جي قيمت اڳيان بند ٻڌو آهي. سياري ۾ عوام کي گئس جي ڪوٽ ٿيڻ نه ڏينداسين پهرين 3 ڪروڙ ڊالر بدران 10 ڪروڙ ڊالرن جي گئس گهرائڻي پوي، وفاقي وزير چيو ته گڏريل ڏينهن هڪ ئي ڏينهن ۾ 18 ڪروڙ روپين جا ٽوڪن جاري ڪيا ويا جماعت اسلامي ساڳين جي تڪليفن تي سياست چمڪائڻ کان پاسو ڪري. جماعت اسلامي جي وفد کي ٻڌائي ڇڏيو هو ته اسان کي چئلينجن کي منهن ڏيڻو پئجي رهيو آهي کوهن تي ڪم شروع ٿي ويو آهي ۽ آڪٽوبر اندر تيل جي ڪوٽائي ڪنداسين هن چيو ته هو پي ٽي آءِ وارن کي چوندا ته حڪومت جي مخالفت ۾ ٻين جي ٻارن کي ٻارڻ طور استعمال نه ڪن اسلام آباد تي ڪنهن کي به چڙهائي جي اجازت نه ڏينداسين عليمه خان جي گرفتاري بابت ڪيس چاڻ ناهي سڪائي حڪومت جي نظام يا انتظامي يونٽن بابت اسيمبلي ۾ بحث ڪنداسين

بقايا 14 روزاني عبرت

۾ تازي دهشتگردي ۾ فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج ملوث آهن جن جي پويان افغانستان ۽ ڀارت آهن فتنه الخوارج افغانستان ۾ ويهي پاڪستان خلاف دهشتگردي ڪري رهيا آهن جنهن جا ثبوت ۽ شاهديون موجود آهن فلسطين ۽ سعودي عرب جي حوالي سان پاڪستان جو موقف واضح آهي، حرمين شريفين جو تحفظ ۽ دفاع پاڪستان لاءِ انتهائي اهم آهي ۽ پاڪستاني عوام فلسطين ۽ سعودي عرب سان گڏ آهي اهڙن خيالن جو اظهار هن آچر ڏينهن هتي نجي هوٽل ۾ ازبڪ ميڊيا جي وفد سان قومي پيغام امن ڪميٽي جي ٻين ميمبرن سان گڏجي ملاقات دوران ڪيو ان موقعي تي ڪميٽي طرفان ازبڪ وفد کي پاڪستان اچڻ تي ڀليڪار ڪيو ويو طاهر محمود اشرفي چيو ته فتنه الهندستان ۽ فتنه الخوارج افغانستان ۾ ويهي پاڪستان خلاف دهشتگردي ڪري رهيا آهن جنهن جا ثبوت ۽ شاهديون موجود آهن هن چيو ته جمعي ڏينهن ڪوهاٽ جي مسجد ۾ آپگهاتي ڌماڪو ڪندڙ دهشتگرد جو تعلق به افغانستان سان آهي هن چيو ته افغانستان اسان جو پاڙيسري اسلامي ملڪ آهي ۽ ان کي پاڪستان خلاف دهشتگردي ۾ ملوث گروهن خلاف اثرائتيون ڪارروايون ڪرڻ گهرجن هن چيو ته پاڪستان دنيا جي واحد اسلامي ائٽمي طاقت آهي ان کري دشمن پاڪستان خلاف سازشون ڪن ٿا. هن چيو ته فلسطين ۽ سعودي عرب جي حوالي سان پاڪستان جي پاليسي واضح آهي. پاڪستاني عوام ۽ فلسطين ۽ سعودي عرب سان گڏ بيٺل آهي ان موقعي تي هن ازبڪ ميڊيا وفد کي ڪميٽي جي قيام مقصدن کان آگاهه ڪندي چيو ته قومي پيغام امن ڪميٽي 9 سيپٽمبر 2025ع تي قائم ڪئي وئي هئي جيڪا پاڪستان جي مذهبي قيادت کي امن برداشت، قومي يڪجهتي ۽ استحڪام لاءِ هڪ اثرائتي قوت طور ڪتب آڻڻ جي وسيع ويڙن جي عڪاسي ڪري ٿي ان موقعي تي قومي پيغام امن ڪميٽي جي ٻين ميمبرن به ازبڪ ميڊيا وفد جي آجيان ڪندي چيو ته ازبڪستان اسان جو برادر ملڪ آهي ۽ ازبڪ عوام پاڪستان ۾ پنهنجي گهر جهڙو ماحول محسوس ڪري ٿو ازبڪ ميڊيا وفد ميزباني تي قومي پيغام امن ڪميٽي جو ٿورو مڃيو

بقايا 15 روزاني عبرت

سيڪريٽري جنرل انتونيو گوتريش سعودي عرب ۾ بنيادي ڍانچي تي حوثي حملن جي شديد مذمت ڪئي آهي پرڏيهي ميڊيا مطابق سيڪريٽري جنرل سامونڊي چر ۾ جي آزادي جي احترام جي انتهائي اهميت تي زور ڀريو جنهن ۾ اڀناءِ باب المندب جي رستي واپار شامل آهي هن سعودي بحري جهازن تي حملن جي رد ڪندي انهن کي مڪمل طور تي نه قبولن جوڳو قرار ڏنو هن سامونڊي چر ۾ جي حقن ۽ آزادي جي احترام جي اهميت تي به زور ڀريو

بقايا 16 روزاني عبرت

سيد مراد علي شاهه آچر ڏينهن اسڪول ايجوڪيشن ڊپارٽمينٽ، ضلعي انتظاميا ۽ ايجوڪيشن مئنيجمينٽ آرگنائيزيشنز (اِي ايم اوز) کي هدايت ڪئي ته اهي هڪ وڏي پيماني تي عوامي رسائي ۽ داخلا مهم شروع ڪن ته جيئن سنڌ سيڪنڊري ايجوڪيشن امپرووميٽ پروجيڪٽ (ايس ايس اِي آءِ پي) تحت هر نئين تعمير ٿيل ۽ مرمت ٿيل اسڪول کي افتتاح جي پهرين ڏينهن تي مڪمل طور تي فعال بڻائي سگهجي. وزيراعليٰ هائوس ۾ اِي ايم اوز بابت جائزي اجلاس جي صدارت ڪندي، وڏي وزير چيو ته حڪومت سڄي سنڌ ۾ تعليمي انفراسٽرڪچر کي وڌائڻ لاءِ غير معمولي سيڙپڪاري ڪئي آهي جڏهن ته انهن منصوبن جي ڪاميابي جو اصل اندازو اهو هوندو ته ڪيترا ٻار اسڪولن ۾ داخل آهن ۽ تعليمي نظام ۾ برقرار آهن اجلاس ۾ تعليم وارو وزير سيد سردار علي شاهه، چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه، پرنسپل سيڪريٽري آغا واصف، چيئرمين پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ نجم شاهه، سيڪريٽري اسڪول ايجوڪيشن زاهد عباسي، ڊائريڪٽر جنرل پي پي پي يونٽ اسد ضامن، پروجيڪٽ ڊائريڪٽر ايس ايس اي آءِ پي رضوان سومرو ۽ ٻيا اعليٰ عملدار شريڪ هئا. هن چيو ته هي منصوبا لڳ ڀڳ 250,000 ٻارن لاءِ تعليمي موقعا پيدا ڪندا. ان ۾ ٻوڏ متاثر ضلعن جا 221,000 کان وڌيڪ شاگرد شامل آهن. جڏهن ته 28,000 کان وڌيڪ شاگرد نون اپ گريڊ ٿيل سيڪنڊري اسڪولن ۾ داخل ٿيندا. انهن مان گهڻا ٻار انهن اسڪولن جي آس پاس وارن علائقن مان داخل ڪيا ويندا جتي معياري تعليم تائين رسائي ايجا تائين محدود آهي تعليم واري وزير وڏي وزير کي ٻڌايو ته ڊسمبر 2026ع تائين 257 اسڪول مڪمل ٿيڻ جو شيڊول آهي. جڏهن ته جون 2027 تائين مڪمل ٿيندڙ اسڪولن جو ڪل تعداد 611 تائين پهچي ويندو ۽ باقي اسڪولن کي 2027 جي آخر تائين مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي وڏي وزير تعميراتي ڪم جي رفتار تي اطمينان جو اظهار ڪندي چيو ته هاڻي ايندڙ چئلينج اهو يقيني بڻائڻ آهي ته شاگردن کي انهن اسڪولن ۾ داخلا ڏني وڃي ۽ اهي ادارا صوبي ۾ خواندگي ۽ تعليمي معيار کي بهتر بڻائڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪن وڏي وزير چيو ته اسان جو مقصد صرف اسڪول جون عمارتون تعمير ڪرڻ ناهي اسان کي يقيني بڻائڻو آهي ته هر ڪلاس روم سکڻ لاءِ تيار ٻارن سان ڀريل هجي. انهن اسڪولن ۾ تقريباً اڍائي لک ٻارن کي تعليمي نظام ۾ آڻڻ ۽ خواندگي جي شرح کي بهتر بڻائڻ جي صلاحيت آهي، خاص طور تي چوڪرين ۽ انهن علائقن ۾ رهندڙ ٻارن لاءِ جتي تعليمي سهولتون ڪافي نه آهن سيد مراد علي شاهه تعليم کاتي کي هدايت ڪئي ته اسڪولن جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ هڪ ضلعي سطح تي داخلا جا منصوبا تيار ڪيا وڃن ۽ چونڊيل نمائندن مقامي اڳواڻن اسڪول مئنيجمينٽ ڪميٽيون، والدين ڪميونٽي تنظيمن ۽ اي ايم اوز کي هڪ مربوط داخلا مهم ۾ شامل ڪيو وڃي هن چيو ته برادري جي سطح تي وسيع سماجي ۽ سياسي تياري ڪرڻي پوندي اسان کي اسڪول کان ٻاهر ٻارن جي سڃاڻپ ڪرڻي پوندي، خاندانن تائين پهچڻو پوندو ۽ يقيني بڻائڻو پوندو ته انهن اسڪولن جي لاڳاپيل علائقن ۾ رهندڙ هر ٻار جو داخلا هجي ساڳئي ريت، انفراسٽرڪچر ۾ اسان جي سيڙپڪاري بهتر خواندگي، مضبوط سماج ۽ روشن مستقبل ۾ ترجماني ڪندي. وڏي

بقايا 17 روزاني عبرت

تڪرارن جي پرامن ذريعن سان منصفاڻو ۽ پائيدار حل ڪي هٿي ڏئي پنهنجي ذميواري پوري ڪري. جنادار امن صرف ڳالهين، سفارتڪاري، انصاف ۽ عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي مڪمل پاسداري ذريعي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو عوام جي خوداراديت واري حق کان انڪار ۽ سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن تي عملدرآمد نه ڪندڙ پرڏيهي قبضن جي حالتن ۾ پائيدار امن قائم ٿئو ٿي سگهي. هن اها ڳالهه امن جي عالمي ڏهاڙي جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ چئي جيڪو (آچر) 21 سيپٽمبر تي پاڪستان سڄي دنيا ۾ ملهايو پيو وڃي صدر مملڪت چيو ته امن جو عالمي ڏهاڙو اسان کي ياد ڏياري ٿو ته پائيدار امن صرف ڳالهين، سفارتڪاري، انصاف ۽ عالمي قانون ۽ گڏيل قومن جي چارٽر جي مقصدن اصولن جي مڪمل احترام ذريعي ئي حاصل ڪري سگهجي ٿو هن چيو ته هلندڙ سال جو موضوع "امن ۾ سيڙپڪاري: هر هڪ لاءِ هر جاءِ هر ڏينهن" اسان کي ياد ڏياري ٿو ته امن لاءِ هر سطح تي مسلسل ڪوشش جي ضرورت آهي. صدر آصف علي زرداري چيو ته پاڪستان عالمي امن سلامتي ۽ گڏيل قومن جي مرڪزي ڪردار تي ٻڌل مضبوط، موثر ۽ جامع گهڻ رخي نظام لاءِ پنهنجي پختي عزم تي عمل ڪري رهيو آهي. اسان تڪرارن جي پرامن حل ۽ ڳالهين، سفارتڪاري ۽ اجتماعي قدمن جي بنياد تي تڪرارن جي روڪٿام ۽ حل لاءِ جامع نقطهٔ نظر جي حمايت ڪيون ٿا. هن چيو ته ڪيترن ئي ڏهاڪن کان پاڪستاني امن جهڙن سڄي دنيا ۾ گڏيل قومن جي مشنز ۾ خدمتون انجام ڏئي رهيا آهن شهرين جي تحفظ، تڪرارن کان متاثر برادرين جي مدد ڪرڻ ۽ اهڙيون حالتون پيدا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي آهي جتي امن جي بنياد مضبوط ٿي سگهي. اڪثر ڏکين خطرناڪ حالتن ۾، انهن جون خدمتون عالمي امن لاءِ پاڪستان جي پراڻي عزم جي عڪاسي ڪن ٿيون. اسان انهن کي خراج عقيدت پيش ڪيون ٿا جنهن مقصد لاءِ پنهنجي جانين جو نذرانو پيش ڪيو ۽ گڏيل قومن جي امن جي قيام ۽ استحڪام جي ڪوشش جي حمايت لاءِ پرعزم رهيو صدر مملڪت چيو ته ايران ۽ آمريڪا وچ ۾ تڪرر جي خاتمي لاءِ پاڪستان جي سفارتي ڪوشش کي عالمي سطح تي ساراهيو ويو اسلام آباد مفاهمتي يادداشت ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي ۽ ڳالهين ذريعي حل جي راهه هموار ڪئي. بعد ۾ برگن اسٽاڪ سوئٽزرلينڊ ۾ اعليٰ سطح جون ڳالهيون ان يادداشت تي عملدرآمد تي توجهه ڏينديون ڪوشش کي اڳتي وڌايو پاڪستان ڳالهيون جاري رکڻ ۽ خطي جي عوام ۽ وسيع تر دنيا لاءِ پائيدار امن جي حاصلات جي ڪوشش ۾ مصروف آهي. هن ياد ڏياريو ته گذريل سال گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي صدارت دوران پاڪستان پاران پيش ڪيل سلامتي ڪائونسل جي ٺهراءُ 2788 جو متفق طور منظور ٿيڻ تڪرارن جي پرامن حل جي طريقيڪار کي مضبوط بڻائڻ لاءِ سلامتي ڪائونسل جي عزم جو هڪ اهم ورجاءُ هو هن ان ڳالهه جو ورجاءُ به ڪيو ته پاڪستان سمجهي ٿو ته جتي عوام جي

بقايا 18 روزاني عبرت

ٽيسٽ دوران سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جو وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر آصف علي شيخ ٽيسٽ ڪئمپ جي دورو ڪرڻ وقت گرمي لڳڻ سبب اچانڪ بيهوش ٿي ڪري پيو جنهن کي فوري طور تي طبي امداد ڏئي هوش ۾ آندو ويو هن وقت وقت سندس طبيعت بهتر آهي وائيس چانسلر ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته ٽيسٽ کي شفاف بڻائڻ جي لاءِ گذريل ٻن راتين کان جاڳيو آهيان صحيح نموني آرام نه ڪرڻ سبب چڪر اچي ويو هو هيئنر بهتر آهيان

بقايا 19 روزاني عبرت

ختم ڪرڻ بدران پنهنجي خراب حڪمراني جو بار به عوام تي وجهي رهي آهي. پيٽرول تي ليوي جي نالي ۾ ورتو ويندڙ پٽو ختم ڪيو وڃي. جيڪڏهن ليوي ختم نه ڪئي وئي ته احتجاج جو دائرو وڌيڪ وڌندو ۽ آئين نه ٿئي جو هي احتجاج حڪومت خلاف تحريڪ ۾ تبديل ٿي وڃي. ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي سپر ترين مارچ جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي حافظ نعيم الرحمان چيو ته حڪمت عملي تحت ماڻهو اسلام آباد روانا ٿي چڪا آهن. جڏهن ته اڄ باب خيبر ۽ بلوچستان کان به ڪاروان روانو ٿيندو. اسلام آباد مارچ ڪنهن پارٽي يا ذاتي مفاد لاءِ نه پر عوام جي مسئلن لاءِ ڪيو پيو وڃي.هن چيو ته حڪومتي پاليسين سبب عوام سخت پريشان آهي ۽ سفيد پوش ماڻهو ڪسمپرسي واري زندگي گذارڻ تي مجبور آهن حڪومت پنهنجي خراب حڪمراني جو بدلو عوام کان وٺي رهي آهي. اسان جو مطالبو آهي ته ليوي جو پٽو ختم ڪيو وڃي. حافظ نعيم الرحمان چيو ته حڪومت عالمي مارڪيٽ جو بهانو بڻائي قيمتن ۾ تمام گهڻو اضافو ڪيو آهي.اشرافيه کي لگام ڏيڻ، گاڏين جا خرچ گهٽائڻ ۽ بجلي گهرن جي معاهدن ۾ سڌارا آڻڻ بدران عوام تي بار وڌو پيو وڃي بجلي گهرن جي معاملن ۾ حڪومت ۽ حڪومتي نمائندا موجود هوندا آهن. جڏهن ته تيل مارڪيٽ ڪمپنين، ريفائنري، اٽي ۽ کنڊ جي ڪاروبار ۾ به حڪومتي ماڻهن جي موجودگي جا سوال اٿن ٿا. هن چيو ته جيڪڏهن اسان گهرن ۾ ويهي سڀ ڪجهه برداشت ڪندا رهياسين ته عوام تي وڌيڪ بار وڌندو رهندو. جماعت اسلامي ميدان ۾ نڪرڻ جو رستو اختيار ڪيو آهي. ڪراچي ۾ 35 ڏينهن ڌرڻو ڏنو ويو آهي. جڏهن ته سکر، لاڙڪاڻي ۽ حيدرآباد ۾ ڌرڻا جاري آهن پنجاب جي مختلف علائقن ۾ به مارچ ۽ ڌرڻا جاري آهن. حافظ نعيم الرحمان چيو ته اسان کي سخت گرمي ۾ احتجاج ڪرڻ جو ڪو شوق ناهي حڪومت وٽ هاڻي هڪ ئي رستو آهي ته ليوي جو پٽو ختم ڪيو وڃي. جيڪڏهن ليوي ختم نه ڪئي وئي ته احتجاج وڌيڪ وڌندو. هن چيو ته حڪومت نوشتهٔ ديوار پڙهي وٺي، هي ڪنهن جي انا جو مسئلو ناهي. حڪومت پنهنجو ڳريڊٽ وٺي ۽ پٽو ٽيڪس ختم ڪري. ان کان اڳ جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي ٽرين مارچ جي روانگي کان اڳ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ ڪينٽ اسٽيشن ڪراچي کان سپر ٽرين مارچ شروع ٿي رهيو آهي. جيڪو پٽو ٽيڪس خلاف ڪيو پيو وڃي. پيٽرول جي قيمتن ۾ ليوي جي نالي سان پٽو ٽيڪس ورتو پيو وڃي. منعم ظفر خان چيو ته حڪمران چين جي بانسري وڄائي رهيا آهن ۽ رليف جي نالي تي عوام کي دوڪو ڏنو پيو وڃي. رليف ڏيڻ جي نالي تي ڪروڙن روپين جا اختيار ڏنا پيا وڃن. حڪومت کي هاڻي شاهه خرچيون ختم ڪرڻيون پونديون هن چيو ته حڪمرانن کي مفت بجلي ۽ مفت پيٽرول جون سهولتون به ختم ڪرڻ گهرجن جماعت اسلامي جو واضح ۽ دوٽوڪ مطالبو آهي ته پٽو ٽيڪس ختم ڪيو وڃي. منعم ظفر خان چيو ته ڪاروان حيدرآباد، روهڙي ۽ سکر پهچندي جتي وڏو ۽ تاريخي جلسو ٿيندو. هن چيو ته فارم 47 جي صورت ۾ سياست جو بيڙو ٻڏي ڪيو ويو آهي. جماعت اسلامي سمورين رڪاوٽون پار

بقايا 20 روزاني عبرت

داخلا لاءِ ٽيسٽ ورتي وئي. 34 هزار کان وڌيڪ اميدوارن ٽيسٽ ڏني. سنڌ اندر ميڊيڪل ۾ داخلائن لاءِ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ۾ 34 هزار 233 اميدوار حصو ورتو. ڪراچيءَ ۾ 10 هزار 964 اميدوار حيدرآباد ۾ 5 هزار ڄامشورو ۾ 4 هزار 626، ميرپور خاص ۾ 2 هزار 93، شهيد بينظير آباد ۾ 2 هزار 562، لاڙڪاڻو ۾ 3 هزار 123 ۽ سکر ۾ 5 هزار 556 اميدوار ٽيسٽ ۾ حصو ورتو. آءِ بي اي سکر جي وائيس چانسلر ۽ سيبا ٽيسٽنگ سروس جي سربراهه پروفيسر ڊاڪٽر آصف شيخ جو چوڻ آهي ته ايم ڊي ڪيٽ ۾ هڪ مافيا سرگرم هئي شڪايتون مسئلا عام هئا جنهن بعد عدالتي حڪم ذريعي ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ جي ذميواري آءِ بي اي سکر جي حوالي ڪئي وئي. اسان ڪاميابي جي هيٽرڪ ڪري ورتي آهي. ڊاڪٽر آصف شيخ چيو ته هن پيپري پي ايم ڊي سي فيصلو ڪيو هو ته ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ ۾ حصو وٺندڙ ڪنهن به اميدوار کي سوالي پيپر نه ملندو جيڪو عمل پوري ملڪ ۾ لاڳو آهي چئني صوبن ۾ ڪنهن به اميدوارن کي سوالي پيپر نه ڏنو ويو هن چيو ته شروعات ۾ ايم ڊي ڪيٽ ٽيسٽ مافيا تنگ ڪيس جنهن مون کي به فون ڪالز ذريعي آفرز ڏنيون هن چيو ته اڄ ٿي ڪيز اپلوڊ ٿي ويندي جڏهن ته حتمي نتيجي جو اعلان 7 ڏينهن اندر ٿي ڪيو ويندو.

بقايا 21 روزاني عبرت

مزدور مقرر ڪيا ويا آهن پي ٽي آءِ جي مظاهرين کي اسلام آباد ۾ داخل ٿيڻ کان روڪڻ لاءِ سخت قدمن جي حصي طور وڏن شاهراهن تي رکيل شپنگ ڪنٽينرن کي واريءَ جي ٿيلهن سان ڀرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي ذريعن ٻڌايو ته ريڊ زون جي چوڌاري رکيل ڪنٽينرن جي اندر واريءَ جون ٿيليون رکيون وينديون ۽ وڏن شاهراهن تي گاڏين جي آمدرفت روڪڻ لاءِ پڻ واريءَ جي ٿيلين جو استعمال ڪيو ويندو انهن ٿيلين کي مٽيءَ سان ڀرڻ لاءِ مزدور مقرر ڪيا ويا آهن. اهي صبح کان شام تائين ڪم ڪري رهيا آهن ۽ ان مقصد لاءِ مٽي ڪٽئي ايندڙ ٽريڪٽر-ٽرالين ريڊ زون ۾ آنديون پيون وڃن. ذريعن ٻڌايو ته ريڊ زون جي داخلي چيڪ پوائنٽس تي واريءَ جي بورين مان مورچا ڏاهيا ويندا ۽ احتجاج ڪندڙن کي روڪڻ لاءِ داخلي روڊن تي خندقون کوٽي گذرڻ کي ناممڪن بڻائڻ جو منصوبو تيار ڪيو ويو آهي. راولپنڊي ۽ اسلام آباد پوليس جي آفيسرن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو ان ڪوتائي واري ڪم لاءِ ضروري مشينري ۽ مزدورن کي متحرڪ ڪن ذريعن وڌيڪ ٻڌايو ته روڊن کي بند ڪرڻ ۽ ڪنٽينرن کي ڀرڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ 2 لک بورين کي مٽيءَ سان ڀرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي. 26 نمبر چنگي پير وڌائي ۽ آءِ جي (IJ) روڊ سميت مختلف هنڌن ۽ خيبر پختونخواهه کان ايندڙ رستن تي خندقون کوٽيون وينديون ياد رهي ته پي ٽي آءِ 27 سيپٽمبر تي اسلام آباد طرف لانگ مارچ جو اعلان ڪيو آهي. جنهن ۾ دعويٰ ڪئي وئي آهي ته سڄي ملڪ مان لکين ماڻهو شرڪت ڪندا ۽ گاديءَ واري شهر پهچندا. ٻئي طرف حڪومت مطالبو ڪيو آهي ته پي ٽي آءِ پنهنجو لانگ مارچ ڪرڻ جو فيصلو واپس وٺي، وفاقي گهرو وزير محسن نقوي خبردار ڪيو آهي ته حڪومت مارچ کي روڪڻ لاءِ هر ممڪن ڪوشش ڪندي ۽ اسلام آباد کي بند ڪرڻ جي ڪنهن به ڪوشش جي اجازت نه ڏيندي

جيڪب آباد ۾ مقتول اختر چانڊيو جي وارثن وٽ بروهي برادري جو ميڙ منٿ قافلو پهتو

حسين بروهي هٿان مهينو اڳ قتل ٿيل نوجوان جي وارثن سان راجوڻي ٿاهه لاءِ معززين جي ملاقات

بروهي برادري پاران اختر چانڊيو جي قتل جو ڏوهه قبول، راجوڻي فيصلي لاءِ چانڊيه برادري کي منٿ

چانڊيه برادري جو چاليهي ڪانپوءِ نوابن ۽ برادري جي ماڻهن سان صلاح مشوري بعد جواب ڏيڻ جو اعلان

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد ۾ هڪ مهينو اڳ قتل ٿي ويل نوجوان اختر چانڊيو جي وارثن وٽ بروهي برادري ميڙ منٿ قافلي جي صورت ۾ پهچي وئي، هڪ مهينو اڳ نوجوان حسين بروهي هٿان قتل ٿي ويل دوست اختر چانڊيو جي وارثن سان راجوڻي ٿاهه لاءِ بروهي برادري ميڙ منٿ قافلي جي صورت ۾ سيد ۽ مختلف برادرين جا معززين ولي مقتول نوجوان جي والد اڪبر چانڊيو وٽ سندس رهائشگاهه تي حق محلا پهتي، ميڙ منٿ قافلي ۾ سيد منصور علي شاهه، سردار اختر خان ڪوٺهاري مير ريحان خان بروهي، پي پي پي اڳواڻ مير صابر خان جکراڻي، مير زبير خان جکراڻي حاجي محمد انور بروهي، وڏيرو غلام رسول بروهي، سيد سڪندر علي شاهه سنڌ دوست ڪاميٽي جي انتظار حسين چلگري، اپسا جي گل حسن سومرو سميت ٻيا وڏي تعداد ۾ شريڪ هئا. ان موقعي تي بروهي برادري جي طرفان معززين اختر چانڊيو جي قتل جو ڏوهه قبول ڪندي چانڊيه برادري کي راجوڻي فيصلي لاءِ زور ڀريو جنهن تي چانڊيه برادري جي معززين شاهه ڏنو چانڊيو ولي محمد چانڊيو واحد بخش چانڊيو ۽ ٻين چيو ته اسين پنهنجي نوابن سميت برادري جي ماڻهن کان صلاح مشورو ڪرڻ بعد مقتول نوجوان اختر چانڊيو جي چاليهي کان پوءِ جواب ڏينداسين. واضح رهي ته هڪ مهينو اڳ نوجوان حسين بروهي پنهنجي دوست اختر چانڊيو کي قتل ڪيو هو

سنڌ جي وحدت بابت ايس ٽي پي جي "سنڌ منهنجي امان" رابطا مهم جو ٺٽي کان آغاز

ڊاڪٽر قادر مگسي جي اڳواڻي ۾ قافلو ٺٽي پهتو، جهرڪ، سونڊا ۽ ٻين هنڌن تي شاندار آجيان

سنڌ کي نون صوبن يا انتظامي يونٽن ۾ ورهائڻ جون تجويزون قبول نه ڪنداسين، ڌرتي جي بقا لاءِ جدوجهد جاري رهندي: قادر مگسي

15 نومبر تي ڪراچي ۾ وڏي عوامي گڏجاڻي جو اعلان، سنڌي عوام کي اختلاف وساري گڏ ٿيڻ جي اپيل

ٺٽو (ڊ ر) سنڌ ترقي پسند پارٽي پاران سنڌ جي وحدت جي بقا خاطر تحريڪ جي پهرين مرحلي ۾ سنڌ منهنجي امان رابطا مهم جو آغاز ٺٽي کان ڪري ڇڏيو آهي سنڌ ترقي پسند پارٽي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي جڏهن قافلي جي صورت ۾ حيدرآباد کان جهرڪ سونڊا علي بحر يا چنو چند پهتو ته سنڌس شاندار استقبال ڪيو ويو هن اتي مختلف ڪارنر گڏجاڻين کي پڻ خطاب ڪيو ڊاڪٽر قادر مگسي جڏهن ٺٽي جلسي گاهه تي پهتو ته سنڌس شاندار استقبال ڪيو ويو ٺٽي جي جديشل ڪمپليڪس وٽ جلسي عام کي خطاب ڪندي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ هزارين سالن جي تاريخ رکندڙ اسان جي ڌرتي ماءُ ۽ هڪ آزاد وطن طور رهي آهي ان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ جا خواب ڏسندڙ پاڻ ٽڪرا ٽڪرا ٿي ويندا پر مادر وطن کي نون صوبن طور انتظامي يونٽن ۾ ورهائڻ نه سگهندا هن چيو ته سنڌ مزاحمتي خطو رهيو آهي هن خطي کي جنهن به ميري اک ساڻ ڏٺو انجي آها اڳ هتان جي ماڻهن ڪيڏي ڇڏي آهي سنڌ جي مزاحمتي تاريخ رهي آهي ته هن ڪڏهن به گاسبن ۽ قوورن کي قبول نه ڪيو آهي ڌرتي ماءُ جي حفاظت لاءِ هڪ قدم به پوئتي نه هٽنداسين سنڌ جا ڪروڙين ماڻهو جاڳي پيا آهن ۽ سنڌ دشمنن کي پيغام جي جاءِ به نه ملندي هن چيو ته چيئرمين ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته سنڌ هزارين سالن جي تاريخ رکندڙ اسانجي ڌرتي ماءُ ۽ هڪ آزاد وطن رهي آهي ان کي تڪرا تڪرا ڪرڻ جا خواب ڏسڻ وارا پاڻ تڪرا تڪرا ٿي ويندا سنڌ جا ماڻهو پنهنجو سر ڏيندا پر ڌرتي ماءُ جي حفاظت لاءِ هڪ قدم به پوئتي نه هٽندا هن چيو ته 15 نومبر تي ڪراچي ۾ لکين سنڌي گڏ ٿي پنهنجي وحدت جي بقاءَ لاءِ پنهنجي جدوجهد جو عزم ورجائيندا هن وڌيڪ چيو ته حڪمران ۽ ادارا هوش کان ڪم وٺن ۽ پنهنجي ناپاڪ ارادن کي ختم ڪن ٻي صورت ۾ ڪيتر پچڻ جي جاءِ به نه ملندي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته آئون شهباز شريف ۽ انجي وزيرن کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ته پنهنجون شرارتون بند ڪريو اسين اوهان جي بيانن ۽ شرارتن جي ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي هن سنڌي عوام کي اپيل ڪئي آهي ته هو سمورا ويڇا وساري ڌرتي جي بقاءِ لاءِ متحد ٿين ۽ سنڌ کي ٽڪرا ڪندڙ دشمنن کي سڃاڻن انهي موقعي تي ترقي پسند پارٽي جي اڳواڻن مرڪزي سيڪريٽري جنرل هوت خان گاڏهي مرڪزي اڳواڻن نثار ڪيريو گلزار سومرو ڊاڪٽر حميد ميمڻ ڊاڪٽر احمد نوناري غلام علي مگسي امتياز سمون خدابخش درس سنڌ ترقي پسند ناري تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ سعيده گوپانگ ايس ٽي پي ٺٽي جي ضلعي صدر جلال شاهه مولانا اياز قمي جنرل سيڪريٽري طارق امر عباسي

نائب وزيراعظم اسحاق ڊار گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ نيويارڪ روانو

اڄ کان 25 سيپٽمبر تائين جنرل اسيمبلي جي 81هين اجلاس ۽ او آءِ سي اجلاس ۾ پڻ شرڪت ڪندو

مختلف ملڪن جي هم منصبن سان علائقائي ۽ عالمي امن بابت پاڪستان جون ڪوششون اجاگر ڪندو

اسلام آباد (اي پي پي) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير محمد اسحاق ڊار گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي اجلاس ۾ شرڪت لاءِ اسلام آباد کان نيويارڪ لاءِ روانو ٿي ويو جتي هو وزيراعظم شهباز شريف سان گڏ 21 کان 25 سيپٽمبر تائين گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي جي 81 هين اجلاس ۾ شرڪت ڪندو آچر تي پرڏيهي کاتي جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب نائب وزيراعظم دوري دوران جمون ۽ ڪشمير تي او آءِ سي رابطا گروپ جي اجلاس ۾ شرڪت ڪندو جنهن دوران هو ڪشميرين کي سنڌن خود ارادي وارو حق ڏيارڻ لاءِ پاڪستان جي پختي عزم جي حمايت کي اجاگر ڪندو. جنرل اسيمبلي جي اجلاس جي موقعي تي هو او آءِ سي جي ڪيترن ئي وزارتي اجلاسن ۾ پڻ شرڪت ڪندو جن ۾ او آءِ سي جي پرڏيهي وزيرن جي سالياني رابطا اجلاس سان گڏوگڏ ٻين او آءِ سي جي رابطا گروپس جا اجلاس شامل آهن. فلسطين مسئلي لاءِ پاڪستان جي ڀرپورت عڪاسي طور پرڏيهي وزير فلسطين مسئلي تي ڪيترن ئي اعليٰ سطح جي اجلاسن ۾ پڻ شرڪت ڪندو جن ۾ 8 عرب اسلامي ملڪن جي گروپ جي اجلاس سان گڏوگڏ ٻه رياستي حل لاڳو ڪرڻ لاءِ عالمي اتحاد جو اعليٰ سطح جو وزارتي اجلاس پڻ شامل آهي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير گڏيل قومن جي سلامتي ڪائونسل جي مصنوعي ذهانت واري معاملي تي اعليٰ سطح جي بريفنگ دوران وبائي بيمارين جي روڪٿام. تياري ۽ رد عمل بابت اعليٰ سطح جي اجلاس ۾ شرڪت ڪرڻ سميت خطاب پڻ ڪندو هو اي سي او ڪائونسل آف منسٽرز جي اجلاس جي صدارت ڪندو. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير ڪيترن ئي ملڪن جي هم منصبن سان ٻه طرفيون ملاقاتون پڻ ڪندو. پنهنجي وسيع مصروفيتن دوران هو علائقائي ۽ عالمي امن ۽ استحڪام لاءِ پاڪستان جي جاري ڪوشش تي پڻ روشني وجهندو ۽ اهم علائقائي ۽ عالمي چئلينجز تي ڳالهيون پڻ ڪندو

وزير چيو ته حڪومت تعليم کان محروم ضلعن ۽ ڇوڪرين ۾ تعليم کي ترجيح ڏئي رهي آهي ان مقصد لاءِ جديد اسڪول قائم ڪيا پيا وڃن جن ۾ سائنس ۽ ڪمپيوٽر ليبارٽريون، ڊجيٽل لائبريريون، سولر انرجي سسٽم، ڇوڪرين لاءِ ڪامن روم ۽ شاگردن لاءِ ٻيون سهولتون هونديون اجلاس ۾ ٻڌايو ويو ته اصل ايس ايس اي آءِ پي منصوبي تحت، 64 سيڪنڊري اسڪول ڊسمبر 2026ع تائين مڪمل ڪيا ويندا، جڏهن ته باقي 52 اسڪول جون 2027 تائين مڪمل ڪيا ويندا، جنهن کان پوءِ منصوبي تحت اسڪولن جو ڪل تعداد 116 ٿي ويندو سيد مراد علي شاهه اسڪول ايجوڪيشن کاتي کي هدايت ڪئي ته داخلا شاگردن جي برقرار رکڻ ۽ تعليمي نتيجن لاءِ قابل ماپ هدف مقرر ڪيا وڃن ۽ هر اسڪول جي مڪمل ٿيڻ کان اڳ هڪ جامع آپريشنل پلان پيش ڪيو وڃي چيف سيڪريٽري آصف حيدر شاهه وڏي وزير کي يقين ڏياريو ته ضلعي انتظاميا آگاهي مهم ۽ داخلا مهم لاءِ مڪمل سهڪار فراهم ڪندي هن چيو ته حڪومت تعليمي موقعن کي وڌائڻ لاءِ اهم سيڙپڪاري ڪئي آهي. اسان جي گڏيل ذميواري آهي ته اسان اهو يقيني بڻايون ته اهي اسڪول سگهيا جا فعال ۽ متحرڪ مرڪز بڻجن ۽ انهن ٻارن جي خدمت ڪن جن لاءِ اهي ٺاهيا ويا هئا. وڏي وزير کي ايس ايس اي آءِ پي جي ٻوڏ جي بحالي واري ڪمپونينٽ بابت بريفنگ ڏني وئي جنهن تحت پنجن ضلعن ۾ 722 ٻوڏ متاثر اسڪولن کي موسمياتي محفوظ ڊيزائن ذريعي بيهر تعمير ۽ اپ گريڊ ڪيو پيو وڃي انهن مان سوين ادارن کي پرائمري ۽ سيڪنڊري تعليم جي سطح تي پڻ اپ گريڊ ڪيو پيو وڃي تعليم واري وزير سيد سردار علي شاهه چيو ته وڏي وزير جي رهنمائي هيٺ، ڪاٿو نه رڳو نئون انفراسٽرڪچر ٺاهي رهيو آهي پر مشهور اِي ايم اوز سان پائيداري ذريعي تعليم جي فراهمي جي نظام کي به سڌاري رهيو آهي انهن ادارن اڳ ۾ آئوٽ سورس ڪيل اسڪولن ۾ داخلا حاضري ۽ تعليمي نتيجن کي بهتر بڻائڻ جي حوالي سان حوصلا افزائي نتيجا ڏيکاريا آهن هن چيو ته حڪومت جو ڌيان ان ڳالهه تي آهي ته هر نئون اسڪول پهرين تعليمي سيشن کان ئي هڪ فعال تعليمي ادارو بڻجي وڃي اسان سنڌ جي ڏورانهين ۽ پٺتي پيل برادرين تائين معياري تعليم پهچائڻ چاهيون ٿا. اجلاس ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته پهرين مرحلي ۾ 40 اسڪولن لاءِ خريداري جو عمل شروع ڪيو ويو آهي جڏهن ته وڌيڪ اسڪول مرحليوار اي ايم اوز جي حوالي ڪيا ويندا ته جيئن پيشيوران انتظام جوابدهي ۽ تعليمي معيار ۾ بهتري کي يقيني بڻائي سگهجي اجلاس جي آخر ۾، وڏي وزير هڪ پيرو بيهر چيو ته حڪومت جي تعليمي حڪمت عملي صرف عمارتن جي تعمير تائين محدود ناهي پر هر ٻار لاءِ تعليمي موقعا پيدا ڪرڻ تي ڌيان ڏئي رهي آهي هن چيو ته هر مڪمل ٿيل اسڪول هڪ فعال اسڪول هجڻ گهرجي ڪو به ٻار پوئتي نه رهندو اسان يقيني بڻائينداسين ته اهي ادارا سڄي سنڌ ۾ تعليم خواندگي ۽ سماجي ترقي جا مرڪز بڻجن

خوداراديت واري حق کان انڪار ڪيو وڃي ۽ سلامتي ڪائونسل جي ٺهرائن تي عملدرآمد نه ٿئي اتي پائيدار امن قائم نٿو ٿي سگهي. ان ۾ پرڏيهي قبضي جون حالتون به شامل آهن جن ۾ پارٽي غيرقانوني قبضي هيٺ جمون ڪشمير ۽ والاريل فلسطيني علائقا شامل آهن. هن چيو ته امن جي ڏهاڙي جي موقعي تي پاڪستان عالمي برادري تي زور ڀري ٿو ته هو گڏيل قومن جي منشور جي مڪمل پاسداري، عالمي قانون جي احترام ۽ تڪرارن جي پرامن ذريعن منصفاڻي ۽ پائيدار حل کي هٿي ڏئي پنهنجون ذميواريون پوريون ڪري. صدر مملڪت چيو ته اسان اولهه ايشيا ۽ ان کان به اڳتي ڇڪتاڻ ۾ گهٽتائي لاءِ مسلسل حمايت جي گهرجائو آهيون. پاڪستان انهن اجتماعي ڪوششن ۾ هڪ قابل اعتماد شراڪتدار جي حيثيت سان وڌيڪ پرامن ۽ خوشحال دنيا جي قيام لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ لاءِ تيار آهي.

ڪري هر صورت اسلام آباد پهچندي هن چيو ته جيڪڏهن حڪمران گرفتاريون ڪرڻ چاهين ٿا ته اهو شوق به پورو ڪري ڏسن 3 سيپٽمبر تي پرامن هڙتال دوران به گرفتاريون ڪيون ويون هيون پر جماعت اسلامي جي جدوجهد جاري رهندي. منعم ظفر خان ٽرين مارچ جي شرڪت ڪندڙن کي خطاب ڪندي چيو ته اڄ الحمدلله حافظ نعيم الرحمان جي اڳواڻي ۾ سپر ٽرين مارچ شروع ٿي رهيو آهي هي ٽرين مارچ ظالم حڪمرانن جي تابوت ۾ آخري ڪرڪو ثابت ٿيندو هن چيو ته وزيراعظم جا پرڏيهي دورا ختم ٿيڻ جو نالو نٿا وٺن جڏهن ته قوم مهانگائي جي هٿان پيسجي رهي آهي ليوي پٽو ٽيڪس آهي. جنهن جو پيٽرول جي قيمتن سان ڪو تعلق ناهي. 390 روپين واري پيٽرول ۾ 106 روپيا ليوي جي نالي تي وصول ڪيا پيا وڃن.منعم ظفر خان چيو ته 35 ڏينهن تائين جاري رهندڙ ڌرڻي ڪانپوءِ ڪراچي جو ڪاروان اسلام آباد روانو ٿي رهيو آهي. ڪاروان ڪراچي کان حيدرآباد ۽ روهڙي پهچندو ۽ عوام جو سمنڊ اسلام آباد ڏانهن وڌندو. ان موقعي تي جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ سنڌ جي مختلف ريلوي اسٽيشنن تي ڪاروان جو استقبال ڪندو ڪراچي ڪينٽ اسٽيشن تي صورتون ۽ نوجوان به وڏي انگ ۾ ڪاروان کي روانو ڪرڻ لاءِ موجود هئا. حافظ نعيم الرحمان چيو ته جڏهن اسان اسلام آباد پهچي ويندا سين ته پنهنجي پيشرن کي به اسلام آباد اچڻ لاءِ سڏينداسين.

روزاني عبرت

ايڊيٽوريل

سنڌ جي معاشي ترقيءَ لاءِ هوابازي جو نئون

صفحو 4

محمود شام

صفحو 4

هٽرادو ذهانت، دل جون ناراضگيون!

دنيا جي امن لاءِ پاڪستان جو ممڪن ڪردار!

وشال امير

صفحو 4

احسان ناريجو

صفحو 4

ٿلهين گاڏين لاءِ پيٽرول رليف پيڪيج غريب دوست فيصلو!

ميهڙ ۾ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد پاران نائين ڏينهن به پيادل مارچ

وڏنڊڙ بدامني ۽ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ بيٽو چوڪ کان گهنٽا گهر ۽ پريس ڪلب تائين پيادل مارچ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي

پيپلزپارٽيءَ جي اقتداري دور ۾ ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي نه ڏنو ويو آهي شهري گندو پاڻي پيئڻ لاءِ مجبور بڻيل آهن:نياز علي برڙو

واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهه آهن:سعيد پنهور

امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿيندي وئي آهي جنهن سبب شهري انتهائي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن:ايوب ڪوسو

ميهڙ(ن ع)ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي نه ملڻ، فلٽر پلانٽ ۽ واٽرسپلائي جي لائين ناڪارا هجڻ، صفائي سٿرائي ، روڊ رستا تباهه هجڻ سميت وڏنڊڙ بدامني ۽ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد ميهڙ پاران نائين ڏينهن به بيٽو چوڪ کان گهنٽا گهر ۽ آزاد پريس ڪلب ميهڙ تائين پيادل مارچ ڪري احتجاجي ريلي ڪڍي وئي،شهري اتحاد ميهڙ جي چيئرمين نياز علي برڙو، وڪيل سعيد پنهور ، پي ٽي آءِ تعلقي صدر محمد ايوب ڪوسو ، قومي عوامي تحريڪ اڳواڻ وڪيل مير ڪوسو ، عوامي پورهيت تحريڪ اڳواڻ وڪيل پنهل ڪوسو ، وڪيل رحيم بخش ٻگهيو ،ميونسپل ڪاميٽي ميهڙ جو ڪائونسلر محمد اسماعيل بروهي ، اشتياق تنيو ،ڪائونسلر سيد عبدالفتاح شاهه ، محمد عرس ڪوسو، زبير سمون ،جاويد منگي ۽ ٻين چيو ته پيپلزپارٽيءَ جي هن اقتداري دور ۾ ميهڙ واسين کي پيئڻ جو صاف پاڻي نه ڏنو ويو آهي شهري گندو پاڻي پيئڻ لاءِ مجبور بڻيل آهن واٽرسپلائي ۽ فلٽر پلانٽ ناڪارا بڻيل آهن شهر جون ڪالونيون گهٽيون محلا گندگي سان ڀريل آهن روڊ رستا تباهه آهن ، امن امان جي صورتحال انتهائي خراب ٿيندي وئي آهي جنهن سبب شهري انتهائي پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن،هنن چيو ته تڪ جي نمائندن 17 سالن جي اقتداري دور ۾ به ميهڙ واسين جا بنيادي مسئلا حل ڪرائي نه سگهيا آهن شهري بنيادي مسئلن جي حل لاءِ سراپا احتجاج بڻيل آهن ماڻهو پيئڻ جو پاڻي پيسن تي خريد ڪري رهيا آهن روڊ رستا تباهه آهن ڪنهن به قسم جي ڪا ڊيولپمينٽ نه ٿي سگهي آهي گهٽين ناليون شهر جي پاڙن ۽ ڪالونين ۾ گندگي وڌي وئي آهي،هنن مطالبو ڪيو ته شهر ۾ امن امان بحال ڪري بنيادي مسئلا حل ڪيا وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو ۽ بنيادي مسئلن جي حل تائين روڊ جي بنياد تي احتجاجي تحريڪ جاري رهندي

ميهڙ بنيادي مسئلن جي حل لاءِ شهري اتحاد پاران نائين ڏينهن به پيادل مارچ ڪيو پيو وڃي

ٺري ميرواهه تعلقي جي ٽائون ڪميٽين ۾ مبينه ڪروڙين روپين جي ڪرپشن جو انڪشاف

شهري ۽ ٻهراڙي وارا علائقا بنيادي سهولتن کان محروم، گهٽيون ۽ رستا ٽٽل، نالن جي صفائي ۽ مرمت نه ٿي

بنيادي سهولتون فراهم نه ٿي سگهيون آهن،ٽائون ڪميٽين کي هر مهيني ملندڙ ڪروڙين روپين جي فنڊن مان علائقن ۾ ترقياتي ڪم نظر نٿا اچن:علائقي واسي

بلدياتي ادارن کي ملندڙ فنڊن ۾ بيضابطگيون ۽ ڪرپشن ٿي رهي آهي،نتيجي ۾ علائقا کنڊرات جو ڏيک ڏيڻ لڳا آهن

ٺري ميرواهه تعلقي جي ٽائون ڪميٽين ۽ يونين ڪائونسلن کي ملندڙ بجيٽ ۽ خرچن جو رڪارڊ چيڪ ڪري شفاف جاچ ڪرائي وڃي

ٺري ميرواهه (رپورٽ: گلاب سهتو) ٺري ميرواهه تعلقي جي ٽائون ڪميٽين ٺري ميرواهه بوزدار وڏا، ٽنڊو مير علي سميت يونين ڪائونسلن جي شهري ۽ ٻهراڙي وارن علائقن ۾ ترقياتي ڪمن، صفائي سٿرائي پيئڻ جي صاف پاڻي ۽ ٻين بنيادي سهولتن کان محروم آهن هن جديد دور ۾ به ڪيترن ئي علائقن جون گهٽيون ٽٽل ۽ رستا ڙڪون حال بڻيل آهن جڏهن ته نالن جي مرمت ۽ صفائي نه ٿيڻ ڪري گندو پاڻي روڊن ۽ گهٽين ۾ بيهڻ معمول بڻجي ويو آهي علائقي واسين جو چوڻ آهي ته بلدياتي نمائندن کي چار سال گذرڻ باوجود عوام کي بنيادي سهولتون فراهم نه ٿي سگهيون آهن ٽائون ڪميٽين کي هر مهيني ملندڙ ڪروڙين روپين جي فنڊن مان علائقن ۾ ترقياتي ڪم نظر نٿا اچن جنهن سبب بلدياتي ادارن جي ڪارڪردگي ۽ فنڊن جي استعمال بابت سوال اٿي رهيا آهن ته بلدياتي ادارن کي ملندڙ فنڊن ۾ مبينا بي ضابطگيون ۽ ڪرپشن ٿي رهي آهي جنهن جي نتيجي ۾ علائقا کنڊرات جو ڏيک ڏيڻ لڳا آهن هنن سخت تشويش جو اظهار ڪندي سنڌ حڪومت صوبائي وزير بلديات سيڪريٽري بلديات، نيب، ايف آءِ اي، اينٽي ڪرپشن ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن کان مطالبو ڪيو آهي ته ٺري ميرواهه تعلقي جي ٽائون ڪميٽين ۽ يونين ڪائونسلن کي ملندڙ بجيٽ ۽ خرچن جو رڪارڊ چيڪ ڪري شفاف جاچ ڪرائي وڃي

باڊهه تعلقه موومينٽ پاران تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ 374 هين هفتي به احتجاجي ريلي،مظاهرو

ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتل احتجاجي مظاهري ۾ مختلف مڪتب فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن شرڪت ڪئي

هر هفتي ٿيندڙ احتجاج ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته باڊهه جو عوام پنهنجي بنيادي حق تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار ناهي:اڳواڻ

باڊهه جي تعلقي واري مطالبي کي سنجيدگيءَ سان وٺي جلد نوٽيفڪيشن جاري ڪري شهرين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي

باڊهه (ن ع)باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ جاري جدوجهد جي سلسلي ۾ باڊهه تعلقه موومينٽ پاران 374 هين هفتي به باڊهه ميڊيا هائوس کان ڪاڻون هال تائين احتجاجي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪيو ويو موومينٽ جي ڊپٽي ڪنوينر زيب علي ساريو جي اڳواڻيءَ ۾ نڪتل احتجاجي مظاهري ۾ مختلف مڪتب فڪر سان لاڳاپيل شخصيتن علي انور عسڪري، عزيز بروهي، اصغر نوناري، شمس پنهور، عالم بروهي، عبدالله بروهي غفاري، غلام شبير حيدري، محمد امين سيال، طاهر نور هيسباڻي، رونق قلپوٽو سجاد مسڻ مهراڻ راڄپر انصاف قلپوٽو زبير قلپوٽو اسلم ساريو نظر محمد ڪانڌڙو سميع الله نوناري، زبير نوناري، علي زهري، فقير جلال ساريو ۽ ٻين وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ زوردار نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي زيب علي ساريو ۽ ٻين چيو ته باڊهه کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ شهري مسلسل ڪيترن ئي سالن کان پرامن جمهوري جدوجهد ڪري رهيا آهن پر ايتري ڊگهي عرصي گذرڻ باوجود باڊهه کي تعلقي جو درجو نه ڏنو ويو آهي هنن چيو ته هر هفتي ٿيندڙ احتجاج ان ڳالهه جو واضح ثبوت آهي ته باڊهه جو عوام پنهنجي بنيادي حق تان دستبردار ٿيڻ لاءِ تيار ناهي هنن چيو ته باڊهه کي تعلقي جو درجو ملڻ سان شهر توڙي ڀرپاسي جي علائقن لاءِ انتظامي معاملن ۾ آساني پيدا ٿيندي ۽ عوام کي سرڪاري ادارن سان لاڳاپيل ڪيترن ئي معاملن لاءِ پري پري جا چڪر ڪاٽڻ کان ڇوٽڪارو ملي سگهندو، انهن ڪري حڪومت کي هاڻي رڳو واعدن تائين محدود رهڻ بدران عملي قدم کڻڻ گهرجي هنن گهر ڪئي ته باڊهه جي تعلقي واري مطالبي کي سنجيدگيءَ سان وٺي جلد نوٽيفڪيشن جاري ڪري شهرين ۾ پکڙيل بيچيني ختم ڪئي وڃي، ٻي صورت ۾ جدوجهد جاري رهندي

باڊهه تعلقه موومينٽ پاران شهر کي تعلقي جو درجو ڏيارڻ لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

باڊهه لڳ پرائمري استاد پاران آءِ ڊي ۽ پگهارن جي بحالي لاءِ احتجاج

13 سالن کان سروس آءِ ڊي ۽ پگهارون بند رکڻ قابل مذمت آهي:اعجاز موريو

باڊهه (ن ع)باڊهه لڳ ڳوٺ نوريور جي پرائمري اسڪول جي استاد اعجاز علي موريو پاران گذريل 13 سالن کان بند سروس آءِ ڊي ۽ پگهارن جي بحالي لاءِ هٿن ۾ بينر کڻي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن ۾ شهرين عزيز بروهي علي انور عسڪري، زيب علي ساريو غلام شبير حيدري، اصغر نوناري، عالم بروهي، شمس پنهور انصاف قلپوٽو زبير قلپوٽو ۽ اسلم ساريو سميت ٻين شرڪت ڪري استاد اعجاز علي موريو جي سروس آءِ ڊي ۽ پگهارن جي بحالي لاءِ نعريبازي ڪئي ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي احتجاج ڪندڙن چيو ته شاگردن کي علم جي روشني سان روشناس ڪرائيندڙ ۽ پنهنجي فرض سان سچائي سان نڀائيندڙ استاد اعجاز علي موريو جي گذريل 13 سالن کان سروس آءِ ڊي ۽ پگهارون بند رکڻ وارو عمل انتهائي افسوسناڪ ۽ قابلِ مذمت آهي هنن چيو ته جيڪڏهن پنهنجي پيشي سان ايمانداري سان وابسته استادن سان اهڙو رويو اختيار ڪيو ويندو ته پوءِ سوال پيدا ٿئي ٿو ته "ڪيئن پڙهندي سنڌ ۽ ڪيئن وڌندي سنڌ". هنن وڌيڪ چيو ته هڪ استاد کي 13 سالن کان پگهار کان محروم رکڻ سان نه رڳو سندس معاشي مسئلا وڌن ٿا، پر سندس خاندان به سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي ٿو تعليم کاتي جي اعليٰ اختيارين کي گهرجي ته معاملي جو فوري نوٽيس وٺي استاد اعجاز علي موريو جي سروس آءِ ڊي ۽ سمورين پگهارون بحال ڪري ڪيس ۽ سندس خاندان کي معاشي پريشانين کان نجات ڏياري وڃي احتجاج ڪندڙن گهر ڪئي ته استاد اعجاز علي موريو سان انصاف ڪري سندس سروس آءِ ڊي ۽ پگهارون بنا دير بحال ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو

سڪرنڊ رئيس غلام سرور انڙ جي ياد ۾ انڙ هائوس تي لڳايل بلڊ ڊونيشن ڪيمپ ۾ دعا گهري پئي وڃي

پورهيت مزاحمت تحريڪ جدوجهد کي وڌيڪ منظم ڪندي:مسرور شاهه

تحريڪ سنڌ جي ورهاست خلاف پنهنجو واضح ۽ دوٽوڪ موقف ڏئي چڪي آهي

عوام کي نجات ڏيارڻ لاءِ عوامي موومينٽ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو آهي

مسو ديرڙي(ن ع)مسو ديرڙي پريس ڪلب تي ميڊيا سان ڳالهائيندي پورهيت مزاحمت تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ سيد مسرور شاهه چيو آهي ته سنڌ ۾ وڌندڙ بدامني، ميرٽ جي لتاڙ ڪرپشن، صحت ۽ تعليم جي تباهه ٿيل صورتحال ۽ سنڌ جي ورهاست خلاف پورهيت مذاهمت تحريڪ پنهنجو واضح ۽ دوٽوڪ موقف ڏئي چڪي آهي عوام جي بنيادي حقن لاءِ جدوجهد کي وڌيڪ منظم ڪندي سنڌ جي هر شهر، ڳوٺ، وستي ۽ واهڻ تائين جلسن جلوسن ۽ عوامي رابطا مهم جو سلسلو جاري رکيو ويندو،هن چيو ته ملڪ ۾ نااهل حڪمرانن کان عوام کي نجات ڏيارڻ لاءِ هڪ وڏي عوامي موومينٽ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو آهي، جنهن جو مقصد عوام جي حقن جي جنگ وڙهڻ ۽ نااهل حڪمرانن کي اقتدار جي ايوانن مان گهر پيڙو ڪرڻ آهي. هن چيو ته سنڌ ۾ نون صوبن جي قيام جي تجويز کي پورهيت مذاهمت تحريڪ مڪمل طور رد ڪري ٿي سنڌ جي ورهاست ڪنهن به صورت ۾ قبول نه ڪئي ويندي هن چيو ته "سنڌ ڪپائيندي پادر ڪائيندي وارو نعرو هاڻي سنڌ جي ٻچي ٻچي جي زبان تي آهي ۽ سنڌ جي وحدت خلاف ڪنهن به سازش کي سنڌ جو عوام گڏجي ناڪام بڻائيندو.صحافين جي سوالن جا جواب ڏيندي سيد مسرور شاهه چيو ته جيڪڏهن بلوچستان جو عوام نوان صوبا چاهي ٿو ته انهن جي خواهش تي غور ٿيڻ گهرجي، خيبرپختونخواهه جو عوام نوان صوبا چاهي ته اتي به عوام جي راءِ جو احترام ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن پنجاب ۾ اهڙي گهرج آهي ته اتي به ان تي غور ٿي سگهي ٿو پر سنڌ جو عوام ڪنهن به صورت ۾ سنڌ کي ورهائڻ قبول نه ڪندو هن چيو ته آئين ۽ قانون موجب نون صوبن جي قيام لاءِ لاڳاپيل صوبائي اسيمبليءَ جو ڪردار بنيادي حيثيت رکي ٿو ۽ سنڌ اسيمبلي به ڌاڙو نون صوبن جي قيام بابت واضح موقف اختيار ڪندي ان تجويز کي رد ڪري چڪي آهي ان ڪري محسن نقوي کي گهرجي ته جن صوبن جا عوام نوان صوبا چاهين ٿا، انهن جي راءِ جو احترام ڪن، پر سنڌ جي ورهاست لاءِ ضد نه ڪن.ميڊيا ٽاڪ جي موقعي تي پورهيت مذاهمت تحريڪ جا اڳواڻ ڪامريڊ نثار لغاري ۽ ڪامريڊ دوست علي لغاري پڻ موجود هئا

رئيس غلام سرور انڙ جي ياد ۾ انڙ هائوس تي بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام

سڪرنڊ(س ر)ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي پاران سڪرنڊ لڳ ڳوٺ ڪڏهر ۾ يونين ڪائونسل ڪڏهر جي چيئرمين عبدالغني انڙ ، رئيس شهزاد سرور انڙ ۽ رئيس حماد الله انڙ پاران سينيئر سياستدان مرحوم رئيس غلام سرور انڙ جي ياد ۾ انڙ هائوس تي بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو ويو جنهن ۾ انڙ برادري ڪانسواءِ مختلف برادرين جي نوجوانن پاران رت جو عطيو ڏنو ويو جڏهن ته مختلف شخصيتن ڪيمپ جو دورو پڻ ڪيو جن ۾ غلام شبير انڙ ، استاد اشرف سولنگي ، ڊاڪٽر بشير لڪمير ، نظر گهمڻ ، رسول بخش رند ، سڪرنڊ پريس ڪلب جو جنرل سيڪريٽري غلام نبي ملاح ، دائود انڙ ۽ ٻيا شامل هئا ان موقعي تي رئيس عبدالغني انڙ ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته اڄ جي ڪيمپ ٿيليسيميا جي ٻارڙن جي جياپي لاءِ ڪوششن ۽ مرحوم غلام سرور انڙ جي ايصال ثواب لاءِ قائم ڪئي وئي آهي هن وڌيڪ چيو ته ٿيليسيميا جي فيلڊ مينيجر عامر ابڙو ٻڌايو ته اسان وٽ ٿيليسيميا جا 28 سئو ٻار رجسٽرڊ آهن جن کي رت ، دوا ۽ ڪاڻو مفت فراهم ڪيو ويندو آهي هوڏانهن ٿيليسيميا پيشنٽس ويلفيئر سوسائٽي جي انفارميشن سيڪريٽري قاضي جاويد سنائي ڪيمپ جو معائنو ڪري ڪيمپ جي انتظامن جو جائزو ورتو جنهن بعد هن ڳالهائيندي چيو ته اسين شڪر گزار آهيون چيئرمين عبدالغني انڙ ، رئيس شهزاد سرور انڙ ۽ رئيس علي شان سرور انڙ جا جن بلڊ ڊونيشن ڪيمپ جو اهتمام ڪيو

مسوديرڙي مسرور شاهه پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي

اڳوٽي صلاحڪار پير نور الله قريشي ڳوٺ امان الله ڏاهري پهچي تعزيتون ڪيون

مقصودو رند(ن ع)مقصودو رند ويجهو ڳوٺ امان الله ڏاهري ۾ پير آف لواري شريف پير محمد صادق قريشي نقشبندي جي ننڍي ڀاءُ اڳوٽو صلاحڪار وزير اعليٰ سنڌ پير نور الله قريشي ڳوٺ امان الله ڏاهري پهچي معزز شخصيت تاج محمد ڏاهري سان سندس ڀائيٽجي ۽ حسام ڏاهري سان سندس پيءُ جي وفات تي تعزيت ڪئي ۽ دلي ڏک جو اظهار ڪيو ان موقعي تي راجيش ڪمار هرداساڻي ميمبر پاڪستان امن ڪميٽي ۽ فوڪل پرسن منارٽي سنڌ گڏ هئا،جڏهن ته پير نور الله قريشي موجوده سياسي سماجي صورتحال ۽ علائقي جي امن امان ۽ زراعت جي اهم مسئلن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ان موقعي تي رجب علي ڏاهري، استاد الله بخش ڏاهري الله بجايو ڏاهري، رضامحمد ڏاهري، عبدالحميد ڏاهري پڻ موجود هئا

مقصودو رند اڳوٽي صلاحڪار پير نور الله قريشي ڳوٺ امان الله ڏاهري پهچي تعزيتون ڪيون

دادو موئن جو دڙو ايڪسپريس جي بحالي تي سوين شهرين ۽ پيپلز پارٽي جي جيالن پاران ٽرين جو استقبال ڪري رهيا آهن

موئن جو دڙو ايڪسپريس ڇهن مهينن کانپوءِ باقاعده طور بحال

دادو ريلوي اسٽيشن تي آمد،شهرين ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي

سوين شهرين ۽ پيپلز پارٽي جي جيالن ٽرين جو شاندار استقبال ڪيو

ريل آرامده ۽ سستي آهي،سپ وڏ کان وڏ ريل گاڏي ۾ سفر ڪيو:پير مظهر الحق

دادو(ڊ ر)ڪوٽڙي کان روهڙيءَ وچ ۾ هلندڙ موئن جو دڙو ايڪسپريس ڇهن مهينن کانپوءِ باقاعده طور بحال ڪئي وئي،ٽرين جي دادو ريلوي اسٽيشن تي آمد تي شهرين ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي، سوين شهرين ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي جي جيالن ٽرين جو شاندار استقبال ڪيو گلن جون پنکڙيون نڇاور ڪيون ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪيو،ٽرين جي بحالي سان دادو سميت اپر ايل-ٽو سان لاڳاپيل ٻين علائقن جي مسافرن کي بهتر سفري سهولت ميسر ٿي وئي آهي،موئن جو دڙو مسافر ٽرين ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبر ۽ اڳوٽي صوبائي وزير تعليم پير مظهر الحق، ياسر خان ٻبر، امداد حسين ڏاهري، امام علي ڪلهوڙو ۽ پ پ جيالن ۽ ڪارڪنن سان پڻ ڪوٽڙي کان دادو تائين سفر ڪيو دادو پهچڻ تي ميونسپل چيئرمين پير دانش علي، اير عمر پنهور احمد نواز سولنگي، افتخار احمد راهوجو عبدالرشيد پنهور محمد صالح پنهور سميت سوين پ پ ڪارڪن جيئي ڀٽو جي نعرن سان سندن استقبال ڪيو،ان موقعي تي دادو ريلوي اسٽيشن تي پير مظهرالحق واپارين شهرين لاءِ پيغام ڏيندي چيو ته ريل گاڏي آرامده ۽ سستو آهي سپ وڏ کان وڏ ريل گاڏي ۾ سفر ڪيو ۽ ٽڪيٽون ضرور وٺو ته جيئن وڌيڪ بيو گاڏيون به هن رستي سان هلن جنهن مان عام ماڻهن کي ۽ پڻ فائدو ملندو بعد پير مظهرالحق اسٽيشن کان ڇنچي رڪشا تي چڙهي شهر ۾ داخل ٿيو ته اسٽيشن روڊ نيو چوڪ تي جيئي ڀٽو بلاول ڀٽو جي نعرن جي گونج ۾ معس گلن جي ورڪا ڪئي وئي

ڪڏڙو خاصخيلي برادري جي عورتن ۽ مردن پاران احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

ڪڏڙو ۾ خاصخيلي برادري جي عورتن ۽ مردن پاران احتجاجي مظاهرو

وزيران خاصخيلي جي ڪيس جي جوابدار سان ڪو به تعلق ناهي،خير محمد

اسان جي چڱن مڙسن کي ڪيس ۾ ناحق ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

ڪڏڙو(ن ع)پنج مهينا اڳ قتل ٿي ويل وزيران خاصخيلي جي ڪيس جي جوابدار سان اسان جو ڪو به تعلق ناهي ناحق اسان جي چڱن مڙسن کي ڪيس ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي . خاصخيلي برادري جي عورتن ۽ مردن جو ڪڏڙو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو،احتجاجي مظاهري جي اڳواڻي خير محمد خاصخيلي امداد خاصخيلي ۽ شبير خاصخيلي ڪئي ان موقعي تي مظاهرين چيو ته قتل ڪيس ۾ رپوش جوابدار مير حسن خاصخيلي سان اسان جو ڪو به تعلق ناهي ۽ نه ئي سائس اسان جي ڪا مٽي مائٽي آهي،مظاهرين الزام لڳايو ته راڄ خاصخيلي ۽ صيفل خاصخيلي ذاتي دشمني تحت سندن چڱن مڙسن ارباب خاصخيلي ۽ خير محمد خاصخيلي کي قتل ڪيس ۾ ڦاسائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن جيڪا سراسر ناانصافي آهي،هنن پوليس ۽ اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي، بيگناهه ماڻهن کي ڪيس ۾ ڦاسائڻ کان بچايو وڃي ۽ اصل جوابدارن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي مظاهرين انصاف فراهم ڪرڻ ۽ سندن چڱن مڙسن خلاف سازشون ڪندڙن خلاف ڪارروائي جو مطالبو ڪيو آهي

راضيديرو ۾ رائيپور شگر مل جي طرفان سيمينار ڪوٺايو ويو

پروگرام ۾ سوين ننڍن وڏن آبادگارن ۽ هارين جي ڀرپور شرڪت ڪئي وئي

ايم ڪين مئنيجر ڊپٽي جنرل مئنيجر ۽ اسسٽنٽ ڪين مئنيجر پڻ شرڪت ڪئي

پوکي بابت ۽ وقت سر فصل ڪاهڻ جا آبادگارن کي مفيد مشورا ڏنا ويا

راضيديرو(ن ع)رائيپور شگرمل طرفان راضيديرو جي ڳوٺ ولي محمد سيال ۾ سيمينار ڪوٺايو ويو جنهن رائيپور شگر مل جي انتظاميه جي ايم ڪين عبدالغفار آرائين ڊپٽي جنرل مئنيجر عبدالرحيم چاچڙ اسسٽنٽ ڪين مئنيجر ماجد علي يعقابي جن پروگرام ۾ ڀهتا ۽ سندن جو آبادگارن آڌر ڀاءُ ڪيو آنهيءَ موقعي تي ڊپٽي جنرل مئنيجر عبدالرحيم چاچڙ آبادگارن سان مخاطب ٿيندي چيو ته آبادگارن ۽ هارين کي ڪمند جي فصل جي پوکيءَ بابت چاڻ ڏني ۽ وقت سر فصل ڪاهڻ جا آبادگارن کي مفيد مشورا ڏنا ان دوران وڌيڪ ايت حاصل ڪرڻ جي حوالي سان مختلف جنسن کي پوکڻ لاءِ تجويز ڪيو ويو جهڙوڪ سي پي ايف 253 سي پي 77400 جي 16.639انهن بابت چيو ته آهي ڪمند جون جنسون وڌيڪ ايت ڏيڻ واريون آهن جنهن سان آبادگارن کي معاشي طور تي به سگهارو بڻائي سگهجي ٿو ۽ آمدني به بهتر ٿيندي،ان کان علاوه ڪمند جي فصل کي پاڻيءَ سميت ٻيون سمورين گهرجون به وقت سان پوريون ڪيون وڃن ته جيئن ان جو فائدو وڌيڪ وٺي سگهجي ۽ ڪمند کي لڳندڙ مختلف بيمارين کان به بچاءَ لاءِ جي آهي وقت سر دوائن جو استعمال ڪري فصل جي ايت ۾ واڌارو آڻي سگهجي ٿو ڪمند جي فصل کي ڇهن بيمارين جو خطرو هوندو آهي جن ۾ اڇي مک ،پوپٽي رنا روڳ ڪنگياري بليڪ بورر ۽ ٻين کان بچاءَ لاءِ حفاظتي تدبيرن کي اولين ترجيح ڏني وڃي،ان دوران جي ايم ڪين رائيپور مياڻ عبدالغفار آرائين ڳالهائيندي چيو ته مٿي ڄاڻايل جنسن کي وقت سان پوکي ڪري 1500سئو في من ايڪڙ تي ايت ڪري ججهو ناڻو ڪمائي سگهجي ٿو ۽ ايندڙ وقت لاءِ به پاڻ کي خوشحال رکي سگهو ٿا رائيپور شگر مل آبادگارن کي سهولتون مهيا ڪندي خاص ڪري ٻج کلر سميت رائيپور شگر مل علائقي جي آبادگارن کي وڌيڪ سهولتون ڏيڻ جو سوچي رهي آهي اهو ان صورت ۾ ممڪن ٿيندو جيڪو آبادگار رائيپور شگر مل سان ڪمند ڏيڻ جي ڏيتي ليتي ڪندو سيمينار جو اهتمام راضيديرو سرڪل انچارج محمد صادق آرائين ۽ حبيب الله لاشاري جن ڪيو ان موقعي تي ترپاسي جي ڪيترن ئي آبادگارن شرڪت ڪري يقيني بڻايو شرڪت ڪندڙن ۾ آبادگار لياقت علي جکڙ محبت علي لاشاري عبدالغني جسڪاڻي سرائي فقير محمد سيال شعبان شنباڻي سرائي ديرُ محمد سيال محمد پريل کهڙو ۽ ٻيا موجود هئا سيمينار جو هنڌ سرائي فقير محمد سيال جي بيٺڪ تي منعقد ڪيل هو

راضيديرو رائيپور شگر مل جي طرفان منعقد سيمينار جو ڏيک

ٽنڊوالهيار ۾ هندو ڌرم جي روحاني پيشوا رام ديو عرف راما پير جو 642هون ساليانو ميلو شروع

سنڌ جي مختلف ضلعن مان هزارين ماڻهن جا پيادل قافلا ڏجائون ڪٽي مندر پهچي ياترا ڪرڻ ۾ مصروف

ايس ايس پي سيد سليم شاهه طرفان راما پير مندر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي پڪٽون قائم ڪيون ويون

ايندڙ ماڻهن جي تفريح لاءِ سرڪس، موت جا کوهه، جهولا، مٺائي ۽ رانديڪن جا دڪان پڻ سجايا ويا

پنڊارو سيڪيورٽي ۽ صفائي جا انتظام مڪمل آهن،ميلي ۾ ٽنڊوالهيار کي اعزاز آهي ته لکين ماڻهو هر سال هتي پهچن ٿا:ابيلا رام

ٽنڊوالهيار(ڊ ر)ٽنڊوالهيار ۾ هندو ڌرم جي روحاني پيشوا رام ديو عرف راما پير جو 642هون ساليانو ميلو شروع ٿي ويو آهي سنڌ جي مختلف ضلعن مان هزارين ماڻهن جا پيادل قافلا ڏجائون ڪٽي مندر پهچي ياترا ڪرڻ بعد وايس وڃي رهيا آهن ان سلسلي ۾ راما پير شيوا منڊلي ۽ ضلعي انتظاميه طرفان انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن جڏهن ته ايس ايس پي سيد سليم شاهه طرفان راما پير مندر جي داخلي ۽ خارجي رستن تي پڪٽون قائم ڪيون ويون آهن ۽ ميلي ۾ سوين پوليس اهلڪار پنهنجا فرض سرانجام ڏئي رهيا آهن جيئن ڪوبه ناخوشگوار واقعو پيش نه اچي سگهي ميلي ۾ ايندڙ ماڻهن جي تفريح لاءِ سرڪس، موت جا کوهه ، جهولا ، مٺائي ۽ رانديڪن جا دڪان پڻ سجايا ويا آهن ان موقعي تي راما پير شيوا منڊلي جي صدر ڪشور ڪمار ، سائين ليلا رام ، چيچن داس ، ارمان گل اوڏ ۽ ٻين ٻڌايو ته ميلي جا انتظام مڪمل ڪيا ويا آهن جنهن ۾ پنڊارو ، سيڪيورٽي ۽ صفائي شامل آهي هن ميلي ۾ ٽنڊوالهيار کي اعزاز آهي ته لکين ماڻهو هر سال هتي پهچن ٿا جنهن سان ڪاروباري طبقي کي به وڏو منافو ٿيندو آهي هي ميلو 19 سيپٽمبر کان شروع ٿيو آهي جيڪو 23 سيپٽمبر تائين جاري رهندو هنن چيو ته پوليس ، ضلعي انتظاميه ۽ ميونسپل ڪميٽي مڪمل سهڪار ڪري رهي آهي ميلي جي اسان پاڻ به نگراني ڪري رهيا آهيون اميد آهي ته خير خيريت سان هي ميلو پنهنجي پڄاڻي تي پهچندو

ڪڪڙ والد دوا وٺڻ لاءِ ويل 12 سالن جي ڌيءُ جي بازيابي لاءِ احتجاج ڪندي

بوچ هندو پنچائت سڪرنڊ جي اڳوٽي مکي روپ چند پوراڻي جي ورسي ملهائي وئي

سڪرنڊ (س ر)بوچ هندو پنچائت سڪرنڊ جي 23 سالن تائين مکي رهندڙ روپ چند پوراڻي جي ورسي سونارا ايسوسيئيشن جي صدر گوبند عرف پپو سونارو پاران ملهائي وئي تقريب ۾ سياسي، سماجي ۽ واپاري شخصيتن شرڪت ڪري مرحوم کي خراج عقيدت پيش ڪيو ان موقعي تي گوبند عرف پپو راڄ ديوان رشنداس، حاجي محرم ڪوڪي عبدالرشيد پڙهيار عبد الناصر قرباڻ ڪوڪي شاد سونارو ۽ ٻين چيو ته مکي روپ چند پوراڻي محبت، انسانيت ۽ سماجي خدمت جو مثال هو

قربان آباد لاڙي وٽ تيز رفتار ڪار جو پيادل ويندڙ نينگري کي ٽڪر

ميهڙ(ن ع)ميهڙ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد انڊس هاءِ وي قربان آباد لاڙي وٽ تيز رفتار ڪار جو پيادل ويندڙ نينگري کي ٽڪر 12 ورهين جي نينگري ساڻرا ڏي اعجاز لاشاري فوت ٿي وئي واقعي بعد ڪار ڊرائيور ڪار ڇڏي فرار ٿي ويو،ميهڙ: نينگري جي وارثن جو انڊس هاءِ وي تي لاش رکي ڌرڻو،مظاهرين هاءِ وي جي ٻنهي پاسن کان رڪاوٽون رکي هاءِ وي بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب ڪراچي حيدرآباد لاڙڪاڻو نصيرآباد دادو ۽ ميهڙ ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ بيهي وئي،نينگري جي وارثن موجب ته تيز رفتار ڪار ڊرائيور نينگري کي ٽڪر هڻي جيپائي ماري ڇڏيو آهي واقعي بعد ڪار ڊرائيور فرار ٿي ويو آهي ڊرائيور کي گرفتار ڪري ڪيس داخل ڪري انصاف ڪيو وڃي،ميهڙ پوليس موجب ته واقعي جو اطلاع مليو آهي حادثي ۾ 12 ورهين جي نينگري فوت ٿي وئي آهي

ڪراچي ۾ سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن ۽ سنڌ يونيورسٽي پاران قومي خيرپور کجور فيسٽيول منعقد

فيسٽيول جو افتتاح سنڌ حڪومت جي يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کاتي جي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ڪيو

اهڙا فيسٽيول زراعت کي واڌ ويجهه ۽ ترقي جا موقعا فراهم ڪن ٿا، اهڙو شاندار پروگرام منعقد ڪرڻ تي سنڌ ايڇ اي سي ۽ سنڌ يونيورسٽي جس لهڻي:اسماعيل راهو

سنڌ سميت پوري پاڪستان جي ڪجور جي عالمي مارڪيٽ کي وڌائڻ لاءِ گريڊنگ ۽ پيڪنگ وغيره کي عالمي معيار مطابق آڻڻو پوندو

پوري دنيا اندر کجور جا 500 قسم ٻڌايا وڃن ٿا،اسان وٽ ڪٿي 200 ڪٿي اڍائي سئو ته ڪٿي 300 قسم ٻڌايا وڃن ٿا

نيشنل خيرپور ڪجور فيسٽيول ڪرائڻ جو مقصد ڪجور جي فصل لاءِ مارڪيٽ جا موقعا وڌائڻ ۽ ان تي تحقيق کي هٿي وٺرائڻ آهي:پروفيسر ايس ايم طارق رفيع

نيشنل فيسٽيول ڪرائڻ جو مقصد ڪجور جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ ان جي پراڊڪشن کي وڌائڻ ۽ ايڪسپورٽ جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ آهي:پروفيسر فتح مري

ڄامشورو (پريس رليز)سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن ۽ سنڌ يونيورسٽي ڄامشوري جي گڏيل سهڪار سان پرل ڪانٽيننٽل (پي سي) هوٽل ڪراچي ۾ قومي خيرپور ڪجور فيسٽيول منعقد ڪيو ويو، جنهن جو افتتاح سنڌ حڪومت جي يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کاتي جي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ڪيو.ان موقعي تي ٿيل تقريب جي صدارت هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي چيئرپرسن پروفيسر ڊاڪٽر ايس ايم طارق رفيع (ستاره امتياز) ڪئي، خاص مهمان يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کاتي جو صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو هو جڏهن ته اعزازي مهمان يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کاتي جو سيڪريٽري محمد عباس بلوچ هو.ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کاتي جي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو چيو ته هن قسم جا فيسٽيول زراعت کي واڌ ويجهه ۽ ترقي جا موقعا فراهم ڪن ٿا، اهڙو شاندار پروگرام منعقد ڪرڻ تي سنڌ ايڇ اي سي ۽ سنڌ يونيورسٽي جس لهڻن ٿا. هن چيو ته سنڌ سميت پوري پاڪستان جي ڪجور جي عالمي مارڪيٽ کي وڌائڻ لاءِ گريڊنگ ۽ پيڪنگ وغيره کي عالمي معيار مطابق آڻڻو پوندو جيستائين اسين نه ڪنداسين گهربل فائدا حاصل نه ڪري سگهنداسين هن چيو ته پوري دنيا اندر ڪجور جا 500 قسم ٻڌايا وڃن ٿا اسان وٽ ڪٿي 200 ڪٿي اڍائي سئو ته ڪٿي 300 قسم ٻڌايا وڃن ٿا، تحقيق ذريعي صحيح ڊيٽا تشڪيل ڏيڻ جي گهرج آهي هن چيو ته ڪجور جي پيداوار، مارڪيٽ ۽ تحقيق لاءِ سنڌ حڪومت مڪمل موقعا فراهم ڪندي هن چيو ته اسان کي پنهنجي وسيلن کي گڏجي سپورٽ ڪرڻي پوندي.سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن جي چيئرپرسن پروفيسر ڊاڪٽر ايس ايم طارق رفيع پنهنجي خطاب ۾ چيو ته زراعت جو ملڪي معيشت ۾ اهم ڪردار آهي، هن نيشنل خيرپور ڪجور فيسٽيول ڪرائڻ جو مقصد ڪجور جي فصل لاءِ مارڪيٽ جا موقعا وڌائڻ ۽ ان تي تحقيق کي هٿي وٺرائڻ آهي.تقريب جي آغاز ۾ پنهنجي آجيان واري خطاب ۾ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري (تمغه امتياز) سيني شرڪت ڪندڙن جي مهرباني مڃي ۽ خيرپور ڪجور فيسٽيول جي مقصدن تي روشني وجهي ۽ چيو ته پاڪستان ڪجور پيدا ڪندڙ دنيا جو اهم ملڪ آهي، جنهن جي مقدار ۾ ڪجور پيدا ٿئي ٿي خاص ڪري سنڌ جو خيرپور ضلعو ڪجور جو مرڪز آهي، هن نيشنل فيسٽيول ڪرائڻ جو مقصد ڪجور جي اهميت کي اجاگر ڪرڻ سان گڏ ان جي پراڊڪشن کي وڌائڻ ۽ ايڪسپورٽ جا نوان موقعا پيدا ڪرڻ آهي هن چيو ته ڪجور جي سپلاءِ چين کي بهتر ڪرڻ ۽ ڊجيٽل مارڪيٽنگ جي ضرورت آهي بلين روپين جي ايڪسپورٽ ٿي سگهي ٿي.يونيورسٽيز اينڊ بورڊز کاتي جي سيڪريٽري محمد عباس بلوچ چيو ته هن کان اڳ اسان خيرپور ۾ ڪجور فيسٽيول ڪرايو هو ان جي تسلسل کي ڏسي تمام گهڻي خوشي محسوس ٿي رهي آهي هن چيو ته ڪجيون خيرپور جو اهم فصل آهي ۽ هي فصل قدرت واري جو وڏو انعام آهي هن فصل کي وڌ ۾ وڌ سپورٽ ڪري ان جي آبادگارن ۽ واپارين جي همت افزائي ڪري سگهجي ٿي ۽ ڪين معاشي فائدن جو موقعو ڏئي سگهجي ٿو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر محمد يوسف خشڪ چيو ته خيرپور جي ڪجور رڳو فصل يا ميوو ناهي پر اهو اتان جي ماڻهن جي معاش جو اهم ذريعو پڻ آهي ڪجي جون پاڙون رڳو اتان جي زمين ۾ نه پر ماڻهن جي دلين ۽ اتان جي ثقافت ۾ به کتل آهن. سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام جي سينيئر پروفيسر ڊاڪٽر محمد اسماعيل ڪنڀر چيو ته هي انتهائي اهم فيسٽيول آهي جنهن جي انعقاد تي آرگنائيزر مبارڪون لهڻن ٿا.ان موقعي تي شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي پروفيسر ۽ ڪجور تي شاندار تحقيق تي عالمي ايوارڊ ماڻيندڙ پروفيسر ڊاڪٽر غلام سرور مرڪنڊ ڪجور بابت تفصيلي پريزنٽيشن پيش ڪئي ان موقعي تي سيد نذير شاهه چاموٽ ۽ حافظ عبدالحليم پڻ ويچار ونڊيا آخر ۾ سنڌ ايڇ اي سي ڊائريڪٽر ميمونه شاهه سمورن شرڪت ڪندڙن جي مهرباني مڃي هن تقريب جي ڪارروائي فيسٽيول جي فوڪل پرسن ۽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس ايڊمنسٽريشن جي استاد ڊاڪٽر فرحان زيب خاصخيلي، ماروي ملاح ۽ ماهنور سليم هلائي. ان موقعي تي صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو ،سنڌ ايڇ اي سي چيئرپرسن پروفيسر ڊاڪٽر ايس ايم طارق رفيع، يونيورسٽي جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر فتح محمد مري ۽ ٻين معزز مهمانن فيسٽيول ۾ قائم مختلف اسٽالن جو دورو ڪيو ۽ اتي رکيل ڪجور جي مختلف قسمن هٿ جي هنري شين، آرٽ پئنٽنگس کي وڏي دلچسپي سان ڏٺو ۽ انهن جي تعريف ڪئي فيسٽيول ۾ وائيس چانسلر سنڌ يونيورسٽي صوبائي وزير ۽ ٻين معزز مهمانن کي اجرڪ لنگين جي تحفن سان گڏ شيلڊون پڻ پيش ڪيون آخر ۾ موسيقي جي محفل ٿي جنهن ۾ نامور فنڪارن ٿهير ملڪ ۽ داروش بينل پنهنجي فن جو مظاهرو ڪري محفل کي گرمايو هن فيسٽيول ۾ سنڌ، پنجاب، خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان جي واپارين طرفان 20 کان وڌيڪ اسٽال قائم ڪيا ويا هئا جن تي چئني صوبن جي ڪجين جون مختلف مشهور جنسون نمائش لاءِ رکيون ويون هيون اسٽالن تي رکيل سنڌ جي مشهور ڪجين جي جنسن ۾ اصيل، ڇوهارو، ڪربلائي، عيد شاهي، ڪپڙ، بکي، ڏيوڙي، اوطاقڻ ڪڙ، پنجاب جي مشهور جنسن ۾ خرما، شمرن، زاهدي، خيبرپختونخواهه جي مشهور جنسن ۾ گلستان، شڪري، بصرا، گبيني ۽ بلوچستان جي ڪجين جي مشهور جنسن ۾ قلب بيگم، جنگي، ڪاٺي سرزابيحي،ڇوهارا پائوبر وغيره شامل هيون هن فيسٽيول ۾ صوفي يونيورسٽي ڀٽ شاهه جي وائيس چانسلر پروفيسر ڊاڪٽر امام الدين کوسو سنڌ يونيورسٽي جي فئڪلٽي آف ڪامرس اينڊ بزنس ايڊمنسٽريشن جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر جاويد احمد چانڊيو فئڪلٽي آف فارميسي جي ڊين پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي گهوٽو اڳوڻي وزير ميير جمالي، آءِ او بي ايم جي ڊائريڪٽر پروفيسر ڊاڪٽر طارق رحيم سومرو، فاسٽ يونيورسٽي جي هيڊ آف ڊپارٽمينٽ ڊاڪٽر ذوالفقار علي ميمڻ، ڊاڪٽر هما بخاري، روٽري ڪلب جي اسلم بلوچ سنڌ يونيورسٽي جي امتحانن واري ڪنٽرولر محمد معشوق صديقي، ڊائريڪٽر بيورو آف اسٽيڪس اجويد احمد پٺي، انسٽيٽيوٽ آف آرٽ اينڊ ڊزائين جي ڊائريڪٽر پروفيسر سعيد احمد منگي، پرووسٽ گرلز هاسٽل ڊاڪٽر فرحت نورين، سنڌ يونيورسٽي جي مختلف شعبن جي استادن ڊاڪٽر اميد علي رند، ڊاڪٽر عبدالرحمان نانگراج، ڊاڪٽر محمد عقيل پٺي ڊاڪٽر اڪرم ڪبري، ڊاڪٽر احمد شاهه، ڊاڪٽر محمد اسلم سولنگي سميت سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو سنڌ زرعي يونيورسٽي ٽنڊو ڄام ۽ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگردن شرڪت ڪئي

ڄامشورو ڪراچي ۾ سنڌ هائير ايجوڪيشن ڪميشن ۽ سنڌ يونيورسٽي پاران منعقد قومي خيرپور ڪجور فيسٽيول ۾ صوبائي وزير محمد اسماعيل راهو افتتاح ڪري اسٽالن جو دورو ڪري رهيو آهي (1)

پ پ اقتدار ۾ هجي يا نه پر سنڌ جي وحدت تي وار برداشت نه ڪندي:محمد علي ملڪاڻي

صحافت رياست جو چوٿون ٿنڀ آهي،حقيقي صحافت ڪندڙ صحافين کي ڪافي مشڪلاتون اچي رهيون آهن: صوبائي وزير فشريز

ماهيگيرن جي فلاح بهبود ۽ روزگار کي وڌيڪ مضبوط هٿي ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت اڪٽوبر اهم قدم کڻي رهي آهي

جاتي(ن ع)پ پ اقتدار ۾ هجي يا نه هجي پاڪستان پيپلزپارٽي سنڌ جي وحدت تي وار ڪڏهن برداشت نه ڪندي اهڙو خيالن جو اظهار جاتي جي پراڻن بن پريس ڪلب کي هڪ ڏينهن ڪان پوءِ صوبائي وزير فشريز لائيو اسٽاڪ محمد علي خان ملڪاڻي جاتي پريس ڪلب پهچي جاتي پريس ڪلب جي چونڊيل نئي باڊي کي مبارڪباد ڏيڻ دوران ڪيو انهي وڌيڪ چيو ته ماهيگيرن جي فلاح بهبود ۽ روزگار کي وڌيڪ مضبوط هٿي ڪرڻ لاءِ سنڌ حڪومت اڪٽوبر اهم قدم کڻي رهي آهي جنهن سان ماهيگيرن کي روزگار ڪرڻ ۾ آساني ۽ مدد فراهم ٿيندي صحافت رياست جو چوٿون ٿنڀ آهي حقيقي صحافت ڪندڙ صحافين کي ڪافي مشڪلاتون اچي رهيون آهن جن جي لاءِ سنڌ ڪوشان آهي ته انهيءَ جا جائز مسئلا فوري حل ڪيا ويندا انهي دوران جاتي صحافين پنهنجي مسئلن لاءِ آگاهي ڏني جنهن کان پوءِ محمد علي خان ملڪاڻي انهيءَ مسئلن کي حل ڪرڻ جي يقين ڏهاڻي ڪرائي انهي سان گڏ پاڪستان پيپلزپارٽي پارٽي ضلعي سڃاول جي انفارميشن سيڪريٽري منظور احمد پليجي پ پ تعلقه صدر حاجي محمد قريشي پ پ تعلقه جاتي جي جنرل سيڪريٽري دلدار احمد سميجي پ پ تعلقه انفارميشن سيڪريٽري اڪبر رحمان ٿهيم پ پ ڪلچر ونگ ضلعي سڃاول جي انفارميشن سيڪريٽري عبدالغفور ميمڻ عبدالشڪور لوهار ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

جاتي صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي ميڊيا سان ڳالهائيندي

پاڻ سيد آباد ريلوي اسٽيشن تي بند ڪيل ٽرين پهچڻ تي شهرين پاران شاندار آجيان

پاڻ سيد آباد (ن ع)وفاقي سرڪار پاران تيل جي قيمتن ۾ واڌ جو سبب ڄاڻائي بند ڪيل ٽرين سروس بحال پاڻ سيد آباد ريلوي اسٽيشن تي شهرين پاران شاندار آجيان ڪئي وئي ريلوي اسٽيشن تي پهچڻ تي شهرين ڍهلن ۽ شرنائين جي ڌنن تي رقص ڪري خوشيءَ جو اظهار ڪيو هوڏانهن ٽرين ۾ سوار پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبر ۽ پ پ ڪارڪنن ۽ شهرين پاران گلن جا هار پارائي ۽ گلن جي ورڪا ڪري سندس شاندار استقبال ڪيو ويو

ڪپرو ۾ ٻن ڪتاب "دنيا سپ ڊوڪو" ۽ "لوڪ شاعري جا رنگ" جي مهورتي تقريب

تقريب استاد ادبي فورم جي ٽئين سالگرهه جي مناسبت سان پڻ ڪوٺائي وئي

ٻن ڪتابن جي ليکڪن سميت اديبن،شاعرن ۽ ادب دوستن شرڪت ڪئي

ڪپرو (ن ع)ڪپرو جي شهيد عبدالرحيم گروهڙي پبلڪ لائبريري هال ۾ ٻن ڪتابن ليکڪ استاد حڪيم امام بخش منگريو جي ڪتاب "دنيا سپ ڊوڪو" ۽ نوجوان ليکڪ هاشم هيڪل لوهار جي ڪتاب "لوڪ شاعري جا رنگ" جي مهورتي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب استاد ادبي فورم جي ٽئين سالگرهه جي مناسبت سان پڻ ڪوٺائي وئي، جنهن ڪانپوءِ شاندار مشاعرو پڻ ٿيو،تقريب ۾ ناميارين تاريخدان فتح محمد هالپوٽو ، پروفيسر ممتاز لغاري، ليکڪ استاد لغاري، محمد هاشم هيڪل، استاد امام بخش منگريو امام بخش بلوچ فقير الله رکيو راڄڙ حبيب لغاري ۽ ٻين اديبن، شاعرن ۽ ادب دوستن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي،تقريب ۾ پريم ساگر ڪلام ڳائي هادي بخش پنهور وفا جانوري ترنم ۾ شاعري پيش ڪئي، جڏهن ته محمد رمضان قاسم سميجو پاران ڪارڪردگي رپورٽ پيش ڪئي وئي ان موقعي تي ناليواري تاريخدان فتح محمد هالپوٽو پروفيسر ممتاز لغاري، استاد لغاري، سليم شر ۽ امام بخش پاران ڪتابن بابت پنهنجا ويچار پيش ڪيا ويا،تقريب ڪانپوءِ ٿيل مشاعري ۾ فقير امر عباس پنهور نياز ناڙ مري . منور ملاح . حاجي خان عاطف بوزدار .استاد امام بخش منگريو وفا جانوري .قائم سولنگي عبدالرحمان شر عبدالجبار گڳو منصور مري، هاشم هيڪل لوهار سليم شر بيتاب، خدا بخش مري، خير محمد مري، سگهڙ مخلص محمد هاشم راڄڙ ، وفا، رياض منگريو ڏاڪر شر سهڻو لاشاري، ابراهيم مري گورڪو پيل سميت ٻين شاعرن پنهنجو ڪلام پيش ڪيو،تقريب کي خطاب ڪندي اديبن، ليکڪن تعليمدانن ۽ شاعرن چيو ته سنڌ هن وقت ڏکئي دور مان گذري رهي آهي پر ادب ۽ شاعري معاشري ۾ شعور سجاڳي ۽ مثبت سوچ پيدا ڪرڻ جو اهم ذريعو آهن تقريب ۾ جمن گجو .سهڻو لاشاري، حاجي خان عاطف بوزدار .حبيب لغاري اسد شاهه .ايم جمن ڪنڀر شفيع محمد هنگورجو حسيب ڪانهيون دلاور شاهه کي شيلڊون ڏنيون ويون جڏهن تاريخدان شهزاد فتح محمد هاليپوٽو ۽ استاد لغاري کي ايوارڊ ڏنا ويا

ڪپرو ٻن ڪتاب "دنيا سپ ڊوڪو" ۽ "لوڪ شاعري جا رنگ" جي مهورت ڪئي پئي وڃي

ڪڪڙ پرسان دوا وٺڻ لاءِ ويل 12 سالن جي نينگري 3 ڏينهن کان لاپتا

ڳوٺ مير جا پاڻ جا رهواسي پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب پهچي ويا

غريب مسڪين پورهيت آهيون نياڻي جي ڳولا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وڃي:والد

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ٿاڻي جي حد ڳوٺ مير جا پاڻ جا رهواسي پورهيت شاهد حسين شيخ، مسمات شبانه زال شاهد حسين ۽ اويس شيخ پاران پاڪ ڪتاب کڻي پريس ڪلب ڪڪڙ ۾ گم ٿيل نياڻي جي والد پورهيت شاهد حسين شيخ چيو ته 3 ڏينهن اڳ اسان زال مڙس معصوم ٻارڙن سميت بيماري جو علاج ڪرائڻ لاءِ خانپور جوڻيجو اسپتال ويا هئاسين جتي 12 سالن جي نياڻي بختاور کي دوا وٺي اچڻ لاءِ شهر جي روڊ طرف موڪليو جتان هو اسپتال وايس موٽي نه آئي ۽ لاپتا ٿي وئي آهي. نياڻي کي 3 ڏينهن گذري ويا آهن جنهن جو هيٺ ڏائين ڪوبه پتو پئجي ناهي سگهيو اسين والدين نياڻي جي لاءِ پاڪ ڪتاب کڻي مسلسل ڳولا ڪري رهيا آهيون ان باوجود به گم ٿيل نياڻي اسان کي هٿ ناهي آئي جنهن سبب اسان گهر ڀاتي سخت پريشاني ۾ بي حال ٿي ويا آهيون هنن چيو ته اسان جي ڪنهن سان ڪابه دشمني نه آهي اسين غريب مسڪين پورهيت آهيون نياڻي جي ڳولا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وڃي جڏهن ته وارثن پاران ڪڪڙ ٿاڻي تي نياڻي جي گم ٿيڻ جي رپورٽ داخل ڪرائي ڇڏي آهي احتجاج ڪندڙ ايس ايس پي دادو ۽ وس وارن کان مطالبو ڪيو آهي ته خدارا معصوم نياڻي جي ڳولا ڪرڻ ۾ مدد ڪئي وڃي

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم – سعودي عرب ۾ 2 ريال
ABC CERTIFIED
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پلهار پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk
سومر 21 سيپٽمبر 2026ع

سنڌ جي معاشي ترقيءَ لاءِ هوابازي جو نئون انفراسٽرڪچر!

سنڌ ۾ معاشي، صنعتي ۽ واپاري سرگرمين کي تيز ڪرڻ لاءِ جديد ٽرانسپورٽ ۽ مواصلاتي نظام جي اهميت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي. ڪنهن به خطي جي ترقيءَ جو دارومدار رڳو روڊن ۽ ريلوي جي نيٽ ورڪ تي ناهي هوندو پر هوائي رابطن جي وسعت پڻ جديد معيشت جي بنيادي ضرورت بڻجي چڪي آهي. ان حوالي سان سنڌ حڪومت ۽ پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي وچ ۾ ڪراچي ايئرپورٽ جي توسيع، سکر ۾ نئون گرين فيلڊ ايئرپورٽ قائم ڪرڻ، حيدرآباد ايئرپورٽ جي اپ گريڊيشن ۽ ڪيٽي بندر کي ايويئيشن يونيورسٽي ۾ تبديل ڪرڻ بابت ٿيندڙ اڳڀرائي اهميت رکي ٿي. سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه طرفان ڪراچي ايئرپورٽ جي توسيع ۽ سکر ۾ گرين فيلڊ ايئرپورٽ جي قيام لاءِ زمين ۽ رابطن سان لاڳاپيل مسئلا ترجيحي بنيادن تي حل ڪرڻ جي هدايت ان ڳالهه جو اظهار آهي ته سنڌ ۾ هوابازي جي بنيادي ڍانچي کي نئين سر ترتيب ڏيڻ جي ضرورت محسوس ڪئي پئي وڃي. پاڪستان ايئرپورٽس اٿارٽي جي بريفنگ موجب سکر ۾ نئون ايئرپورٽ اتر سنڌ ۽ پرپاسي وارن علائقن لاءِ هڪ علائقائي گيٽ وي طور ڪم ڪري سگهي ٿو جڏهن ته ڪراچي ڏانهن ايندڙ يا ڪراچي مان رخ موڙيندڙ پروازن لاءِ به اهو متبادل هوائي اڏو بڻجي سگهي ٿو.

سکر جي موجوده ايئرپورٽ کي فضائي حدن ۽ زميني رڪاوٽن جا مسئلا درپيش هجڻ سبب نئين ايئرپورٽ جي ضرورت کي نظرانداز نٿو ڪري سگهجي. خاص طور تي اها ڳالهه قابل ذڪر آهي ته تجويز ڪيل نئين ايئرپورٽ جي ٽن ڪلاڪن جي سفري دائري ۾ لڳ ڀڳ به ڪروڙ 96 لک ماڻهن جي آبادي اچي ٿي. جيڪڏهن هن وڏي آباديءَ کي مناسب هوائي سهولتون ميسر ٿين ٿيون ته ان جا اثر رڳو سفري سهولت تائين محدود نه رهندا، پر واپار، صنعت، سياحت، صحت ۽ تعليم جي شعبن تي پڻ پوندا. سکر کي سنڌ جي وچولي ۽ مٿاهين علائقن جي اهم شهري مرڪز طور ڏٺو وڃي ٿو خيرپور، لاڙڪاڻو، جيڪب آباد، شڪارپور، گهوٽڪي ۽ ٻين ضلعن سان ان جا معاشي ۽ انتظامي لاڳاپا آهن. نئين ايئرپورٽ جي قيام سان انهن علائقن جي ماڻهن کي هوائي سفر جون وڌيڪ سهولتون ملي سگهن ٿيون پر ان منصوبي جي ڪاميابي لاءِ رڳو ايئرپورٽ تعمير ڪرڻ ڪافي نه هوندو. ايئرپورٽ کي شهرن، صنعتي علائقن ۽ اهم شاهراهن سان بهتر روڊ رابطن، مناسب پبلڪ ٽرانسپورٽ ۽ موثر انتظامي سهولتن سان ڳنڍڻ به ضروري هوندو. هن منصوبي لاءِ لڳ ڀڳ ٽي هزار ايڪڙ زمين جي ضرورت پڌائي وئي آهي ۽ سنڌ حڪومت کي پبلڪ پرائيويٽ پارٽنرشپ تحت زمين کي پنهنجي حصي جي ايڪويٽي طور شامل ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي آهي. اهڙي وڏي منصوبي ۾ زمين جي چونڊ، مالڪي، مقامي آباديءَ جي مفادن ۽ ماحولياتي معاملن کي شروع کان ئي شفاف طريقي سان ڏسڻ ضروري آهي، جيئن مستقبل ۾ ڪنهن قسم جي تڪرار يا رڪاوٽ سبب منصوبو دير جو شڪار نه ٿئي. ٻئي طرف جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ جي توسيع به وقت جي اهم ضرورت آهي. ڪراچي ملڪ جو معاشي مرڪز آهي ۽ جناح انٽرنيشنل ايئرپورٽ ملڪ جي اهم ترين هوائي دروازن مان هڪ آهي. مسافرن جي وڌندڙ تعداد کي نظر ۾ رکندي ٽرمينل جي سهولتن ۾ واڌ ۽ جديد گهرجن مطابق انفراسٽرڪچر جي بهتري ضروري آهي. تجويز ڪيل منصوبي ۾ ايئر ٽريفڪ ڪنٽرول ٽاور جي تعمير، بورڊنگ برجز جو انگ 12 مان وڌائي 25 ڪرڻ ۽ مسافرن لاءِ فرش، ڇتين، روشني، سائن بورڊز ۽ ٻين سهولتن کي بهتر بڻائڻ شامل آهي. جناح ايئرپورٽ جي نئين جوڙجڪ ۾ سنڌ جي قديم تهذيب جي ثقافتي ورثي کي به اجاگر ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي آهي. اهو هڪ مثبت قدم ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ ته ايئرپورٽ رڳو اچ وڃ جو هنڌ نه هوندو آهي، پر ٻاهرين دنيا لاءِ شهر ۽ صوبي جو پهريون تعارف پڻ هوندو آهي. جيڪڏهن سنڌ جي تاريخ، تهذيب ۽ ثقافت کي جديد اڏاوتي انداز سان پيش ڪيو وڃي ته ايئرپورٽ هڪ خوبصورت ثقافتي سڃاڻپ پڻ بڻجي سگهي ٿو. حيدرآباد ايئرپورٽ جي اپ گريڊيشن ۽ ڪيٽي کي ملڪ جي پهرين ايويئيشن يونيورسٽي ۾ تبديل ڪرڻ جي تجويز پڻ وسيع سوچ جي عڪاسي ڪري ٿي. سنڌ ۾ هوابازي جي شعبي لاءِ تربيت يافته انساني وسيلن جي تياري، جديد فني تعليم ۽ تحقيق جا ادارا قائم ڪرڻ وقت جي ضرورت آهي. جيڪڏهن اهڙي يونيورسٽي قائم ٿئي ٿي ته اها صرف سنڌ نه پر سڄي ملڪ لاءِ هوابازي جي ماهرن، انجنيئرن، ٽيڪنيشنن ۽ ٻين شعبن سان لاڳاپيل تربيت يافته نوجوانن جي تياري ۾ ڪردار ادا ڪري سگهي ٿي.

ننڍين گاڏين لاءِ پيٽرول رليف پيڪيج: غريب دوست فيصلو!

احسان ناريجو

موجوده عالمي صورتحال ۾ جتي سڄي دنيا معاشي بحران ۾ جڪڙيل آهي. آمريڪا ۽ ايران ۾ ڇڪتاڻ نه صرف ڪيترن ئي ملڪن جي معيشت تي بُرا اثر وڌا آهن. نه رڳو بُرا اثر پر ڪيترن ئي ملڪن جي معاشي پاليسين جو ٻيڙو ٻڏي ويو آهي. اسرائيل جي والار واري پاليسي، جتي عرب ملڪن کي اچي سوڙهو ڪيو آهي، اتي وري آمريڪا جي هرمز واري لنگهه تي ايران سان اِک ٻوٽي ويڙهه نه صرف دنيا جي ملڪن لاءِ تباهيءَ جو ڪارڻ بڻي رهي آهي، اتي ان ويڙهه دنيا جي اسرندڙ ملڪن جي معيشت جا بنياد لوڏي ڇڏيا آهن. دنيا جي بدلجندڙ ورلڊ آرڊر جي ڪري يورپ توڙي ايشيا جون مارڪيٽون نه صرف ڪريش ڪري رهيون آهن پر سُتت ڪا سڌاري جي روشني نظر نه پئي اچي. چائنا ۽ روس جي وچ اوپر جي ويڙهه کان بظاهر ڏوري آمريڪا کي اڳرائيءَ ۾ ڪليل چوٽ ڏئي ڇڏي آهي پر جيڪڏهن چين ۽ روس سڌي طرح هن معاملي ۾ ٽنگ اڙائين ٿا ته پوءِ عالمي جنگ جو طبل وڄڻ ۾ دير نه لڳندي.

اهڙي صورتحال ۾ پاڪستان جهڙن اڀرندڙ ملڪن جي لاءِ ڊگهي مدت واريون پاليسيون يا سڌارا جاري رکڻ ڏکيو عمل بڻجي ويو آهي، ڇاڪاڻ ته پاڪستان جي معيشت جو گهڻو دارومدار آءِ ايم ايف ۽ ٻين عالمي مالياتي ادارن مٿان آهي. اهي ادارا جڏهن اسرندڙ ملڪن کي قرض فراهم ڪندا آهن ته ان سان گڏوگڏ انهن ملڪن جي پاليسين تي به اثرانداز ٿيندا آهن. عالمي مالياتي ادارن جو تعلق امير ۽ سڌريل ملڪن سان هوندو آهي، جڏهن ته اهي اسرندڙ ملڪن جي پاليسين تي اثرانداز ٿيندا آهن ته انهن کي زميني حالتن جو گهڻو اپياس ناهي هوندو. تنهن ڪري انهن جي مداخلت تي نهندڙ پاليسيون عوام جي امنگن ۽ خواهشن ابتڙ هونديون آهن. موجوده صورتحال جو جيڪڏهن اسين باريڪبينيءَ سان جيد ڪنداسين ته پاڪستان جي پاليسين ۽ فيصلن ۾ آءِ ايم ايف جو گهڻو ڪردار نظر ايندو ڇاڪاڻ ته آءِ ايم ايف ۽ ٻيا ادارا دراصل سامراج جو هڪڙو هٿڪنڊو هوندو آهن. وچ اوڀر جي تازي صورتحال ۽ بدلجندڙ عالمي درجا بنديءَ ۾ پاڪستان واحد ۽ اسلامي اهڙو ملڪ آهي، جنهن لاءِ نه صرف نوان چيلينج موجود آهن پر ان کي پنهنجو وجود برقرار رکڻ ۽ پاڙيسري طاقتن سان زميني حقيقتن مطابق فيصلا ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو مرحلو آهي. اڄ جڏهن آمريڪا ايران لڙائي جي ڪري عالمي سطح تي تيل جي قيمتن ۾ واڌ آئي آهي. ان واڌ کان پوءِ پاڪستان به نه بچي سگهيو آهي. پر ائين جتي سگهجي ٿو ته عالمي ادارن جي پاليسين جي ڪري پاڪستان ۾ اهڙي صورتحال آهي ته ان ۾ ڪو وڌاءُ نه ٿيندو. اسان جي ملڪ جو عوام ان پريشانيءَ ۾ وڪوڙيل آهي ته تيل جي قيمتن ۾ روز جي حساب سان واڌارو ڇو پيو ٿئي؟ اصل ۾ اهو سڀ ڪجهه نه صرف ايران-آمريڪا ويڙهه جي ڪري ٿي رهيو آهي پر ان جي پويان آءِ ايم ايف جي اداڪين جو به اثر آهي، جيڪي وفاقي حڪومت آءِ ايم ايف کان قرض وٺڻ وقت ڪيون هيون. هاڻوڪي بدليل عالمي وايو منڊل ۾ حڪومت وٽ سڌو سنئون تيل جي قيمتن ۾ واڌارو ڪري آءِ ايم ايف جون قسطون ادا ڪرڻ کان سواءِ ڪو به رستو ناهي بچيو. تڏهن ته حڪومت هر روز پيٽرول مصنوعات جي قيمتن ۾ واڌ ڪري آءِ ايم ايف جي قسطن جو بندوبست ڪري رهي آهي. انهيءَ صورتحال ۾ جتي ملڪي وهنوار نه صرف تنزليءَ جو شڪار آهي، بلڪ عام ماڻهو ۽ ننڍن ڪاروباري ماڻهن جا ترا نڪري ويا آهن. ان صورتحال ۾ وزيراعظم طرفان تيل جي وڌيل قيمتن ۾ غريب طبقي جي لاءِ چوٽ اونداهيءَ ۾ هڪ روشنيءَ جي ڪرڻ نظر اچي رهي آهي. وزيراعظم جي رليف پيڪيج کي توسيع ڏيندي هاڻي ان کي 20 سالن رجسٽرڊ موٽرسائيڪلن، چنگچي ۽ رڪشن کي رليف پيڪيج ۾ شامل ڪيو ويو آهي، جيڪي هفتي وار 500 رپين تائين تيل تي "خاص رعايت" حاصل ڪري سگهندا. دراصل موٽرسائيڪل، چنگچي ۽ رڪشا غريب ۽ پٺتي پيل طبقو استعمال ڪندو آهي. ان فيصلي سان هيٺين سطح تي پيڙهيل طبقي کي فائدو پهچندو. حڪومت 800 سي سي گاڏين کي به مهيني ۾ 30 ليٽرن تائين 100 روپيا في ليٽر چوٽ ڏني آهي، جنهن سان وچولي طبقي کي فائدو پهچندو. اها سهولت حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت 9771 ايس ايم ايس جي مفت سهولت پڻ متعارف ڪرائي آهي. جيئن بنا ڪنهن وادو قيس جي هر اهل ماڻهو هن سهولت مان فائدو حاصل ڪري سگهي. ان ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته حڪومت جي نيت عوام ۽ غريب طبقي کي رليف ڏيڻ لاءِ صاف آهي پر ڪجهه پيٽرول پمپ مالڪ حڪومت جي ان سخاوت ۾ رڪاوٽ بڻجڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. حڪومتي ادارن جو به فرض ٿو بڻجي ته اهڙن پيٽرول پمپ مالڪن خلاف بلنا ڪنهن فرق جي ڪاروائي ڪئي وڃي. اميد آهي ته حڪومت جي پيٽرول سبسڊي يا رعايت غريب طبقي جي لاءِ فائديمند ثابت ٿيندي. اهو پهريون ڀيرو صورتحال سامهون ناهي آئي پر اهڙي صورتحال پهرين به پيش اچي چڪي آهي. عوام جي مدد سان حڪومت انهن ڏکين ڏينهن کي منهن ڏئي سگهي ٿي. وقت جي تقاضا آهي ته موجوده تيل جي قيمتن ۾ آيل عالمي اڀار تي نه صرف حڪومت جي مجبورين جو احاطو ڪيو وڃي پر غير ضروري سفر ۽ پيٽرول جي غير ضروري استعمال کان پاسو ڪيو وڃي. ان ڏس ۾ حڪومت پاران ڪيل ڪفايت شعاريءَ جا فيصلا پڻ مددگار ثابت ٿيندا.

هٽرادو ذهانت، دل جون ناراضگيون!

محمود شام

جڏهن اخبارن جو زمانو پنهنجي عروج تي هو تڏهن به پاڪستان جي اڌ آباديءَ جي هٿن ۾ اخبار نه هوندي هئي هاڻي 25 ڪروڙ پاڪستانين مان لڳ ڀڳ 12 ڪروڙ ماڻهن وٽ سمارٽ فون موجود آهن. هو چاهين يا نه چاهين، پنهنجي محترم اڳواڻن، پسنديده شخصيتن ۽ اعليٰ عملدارن جون هٽرادو ذهانت ذريعي ناهيل تصويرون ۽ وڊيوز ڏسي رهيا آهن. جن سان سنڌن ذهنن ۾ ڪاوڙ پيدا ٿي رهي آهي، پنهنجن اڳواڻن ۽ عملدارن تي اعتماد متزلزل ٿي رهيو آهي ۽ سنڌن نظرن ۾ انهن شخصيتن جو ڪردار هر روز شڪي بڻجي رهيو آهي. هڪ 86 ورهين جي اخباري پوڙهي، شاعر ليکڪ ۽ پنهنجي ملڪ کي اوجائين تي ڏسڻ جي خواهشمند انسان جي دل تي ان جو جيڪو اثر پوي ٿو اهو منهنجا همعصر ۽ درد رکندڙ پاڪستاني يقيناً محسوس ڪري سگهندا.

ڪالهه آچر هو. پٽن، ڌيئرن، پوٽن، پوٽين، نياڻين، ننهن ۽ ناٺين سان گڏ منجهند جي ماني کائڻ ۽ خيالن جي ڏي وٺ جو ڏينهن. جڏهن ته عصر جي نماز کان پوءِ پاڙي وارن سان ملاقات ڪري حال احوال وٺڻ جو وقت. انهن ملاقاتن ۾ سمارٽ فون تي هلندڙ ڪارٽون، هٽرادو تصويرون ۽ من گهڙت وڊيوز ضرور بحث هيٺ اينديون هونديون. پوءِ اسان سڀ به تمام جلدباز آهيون: بنا سوچڻ ۽ سمجهڻ جي اهي پوسٽون اڳتي موڪلي ڇڏيون ٿا. هر عمر جا پاڪستاني اهي تصويرون ڏسي پهرين ته مرڪندا ضرور آهن ۽ اهو به سمجهندا آهن ته هي هٽرادو ذهانت جو جادو آهي پر ڪين اهو احساس نه هوندو آهي ته هو پاڻ به ان جادو جو شڪار ٿي رهيا آهن.

تحقيقي ادارا ۽ ميڊيا هائوس ان جار ۾ قائل ماڻهن جي ذهني ڪيفيت جو تجزيو نه ڪري رهيا آهن. نه ئي ان مان پيدا ٿيندڙ خطرناڪ اخلاقي، سياسي، سماجي ۽ اعصابي اثرن جو جائزو ورتو پيو وڃي. عوام اڳ ئي مير ۽ سلطان کان بيزار آهي ۽ جڏهن اهي پنهنجي حڪمرانن ۽ اڳواڻن کي هٽرادو وڊيوز ۾ ڏسن ٿا ته اڻچاڻائيءَ ۾ به سنڌن ذهن انهن شخصيتن بابت بي اعتمادي سان پرجي رهيا آهن. تازن انگن اکرن موجب پاڪستان ۾ موبائل فون ڪنيڪشن 194 ملين کان وڌي 207 ملين تائين پڌايا پيا وڃن. موبائل ڪمپنين جي آمدني ميڊيا هائوسن کان به گهڻي آهي. هر شهر جي گهٽيءَ گهٽيءَ ۾ موبائل مارڪيٽون قائم ٿي چڪيون آهن. انٽرنيٽ سان ڳنڍيل سمارٽ فون استعمال ڪندڙن جو انگ 120 ملين پڌايو وڃي ٿو. تصور ڪريو ته 12 ڪروڙ پاڪستاني اهڙيون وڊيوز ڏسي رهيا آهن ۽ هڪ ٻئي ڏانهن منتقل ڪري رهيا آهن. مڙس پنهنجين گهروارين کي ڏيکارين ٿا، نوجوان پنهنجن دوستن کي ۽ ڇوڪريون پنهنجين سهيلين کي. مون کي خبر ناهي ته ڪنهن صبح اهڙو به ڏينهن ايندو جڏهن 12 ڪروڙ پاڪستانين جي هٿن ۾ اخبار هوندي ۽ پوءِ ان اخبار ۾ به اهڙيون تصويرون بي بنياد خبرون ۽ بي لغام تبصرا هوندا!

اهو طئي آهي ته عوام کي جڏهن به موقعو مليو ۽ چونڊون آزاد ۽ منصفاڻيون ٿيون ته هنن پنهنجي دل ۽ ضمير مطابق ووٽ ڏنو اهو به طئي آهي ته ڪڏهن حڪومتن اهڙن فيصلن کي تسليم نه ڪيو. 1951ع جي پنجاب وارين چونڊن کان وٺي 8 فيبروري 2026ع جي چونڊن تائين تقريباً اهو ئي منظرنامو نظر اچي ٿو. 1970ع جي چونڊن لاءِ سچو هڪ سال چونڊ مهم لاءِ مليو اڳواڻن دل کولي تقريرون ڪيون. اوڀر پاڪستان جا ماڻهو اولهه پاڪستان نه آيا ۽ اولهه پاڪستان وارا اوڀر پاڪستان نه ويا. رڳو جماعت اسلامي اهڙي جماعت هئي، جيڪا ٻنهي حصن ۾ "شوڪت اسلام" جا جلوس ڪيندي رهي. اها به حقيقت آهي ته عوام هميشه معزز عدالتن مان انصاف جي اميد رکندي انصاف جي زنجير چڪيندي رهي آهي.

1970ع جي چونڊن جي نتيجن مطابق حڪومت قائم نه ڪئي وئي ان وقت به اڪثريت جي فيصلي خلاف سخت رياستي فارمولو آزمايو ويو. ان جو نتيجو ڇا نڪتو؟ جاني نقصان پنهنجي جاءِ تي پر عالمي سطح تي بدنامي به ٿي ان کان به وڌيڪ ڏکي مدي وارو نقصان ادارن ۽ سياسي جماعتن کي پهتو اڄ به 16 ڊسمبر جون يادون راتين جي ننڊ ڦٽائي ڇڏين ٿيون ان کان پوءِ لڳاتار چونڊون ٿينديون رهيون پر هر چونڊ الزامن جي ور چڙهندي رهي 1985ع جي غير جماعتي چونڊن کان پوءِ هر ٻن اڍائي سالن ۾ حڪومتن جون واريون لڳنديون رهيون آهستي آهستي ماڻهن جي ذهنن مان سياسي ۽ چونڊ عمل تي اعتماد ختم ٿيندو رهيو.

اڄ سيپٽمبر 2026ع ۾ اسان جنهن سياسي، سماجي ۽ اخلاقي بحران کي منهن ڏئي رهيا آهيون، ان ۾ آبادي به تمام گهڻي وڌي چڪي آهي ۽ قرض به بي حساب وڌي ويا آهن. جڏهن ته بي وسي پڻ وڌي رهي آهي. لساني، صوبائي، نسلي ۽ مسلڪي اختلاف پنهنجي عروج تي آهن. هاڻي اڳتي جيڪو منظر نظر اچي رهيو آهي، اهو پڻ هر هڪ لاءِ، هر سياسي جماعت لاءِ ۽ هر اداري لاءِ انتهائي الجهيل آهي. سڀ کان ڏکوئيندڙ صورتحال معيشت جي آهي. ان کان پوءِ اخلاقيات جو سوال اچي ٿو سڀ کان حساس ڳالهه اها آهي ته سڀ کان وڌيڪ تنقيد مقتدره تي ٿي رهي آهي ۽ ان ۾ سوشل ميڊيا سڀ کان اڳتي آهي. هٽرادو ذهانت دل جي ڪاوڙ ۽ غُصو ڪڍڻ ۾ مڪمل مدد ڪري رهي آهي. اڳي ميڊيا کي ڪنٽرول ڪرڻ نسبتاً آسان هوندو هو ۽ ڊرائنگ روم، اوطاقن، آفيسن ۽ چانهه خانن ۾ ٿيندڙ ڳالهيون رڪارڊ تي نه اينديون هيون. هاڻي موبائل فونن جي اسڪرين تي جيڪو ڪجهه ڏيکاريو وڃي ٿو اهو لکين ماڻهو ڏسن ٿا ۽ هڪ ٻئي ڏانهن فارورڊ به ڪن ٿا. ڪجهه ئي سيڪنڊن ۾ اخلاقيات جون ڌجيون اڏايون وڃن ٿيون ۽ ادارن جي ساک جا پُرزا پُرزا ٿي رهيا آهن. غالب جا شعر به ڄڻ هر منٽ ٽُڪرا ٽُڪرا ٿي اڏامي رهيا آهن ۽ معزز شخصيتن جي وقار کي نقصان پهچي رهيو آهي.

مان سوچيان ٿو ته شخصيتون ته اچن وڃن ٿيون. رخصت به ٿي وڃن ٿيون ۽ جڏهن پردي تان غائب ٿي وڃن ٿيون ته انهن جو ذڪر به گهٽجي وڃي ٿو پر ادارا ته رهڻا آهن. سياسي جماعتون به رهڻيون آهن. اڄ پيءُ آهي ته سڀاڻي پٽ يا ڌيءُ هوندي. جن جماعتن ۾ چونڊون ٿين ٿيون، اتي ڪارڪن نوان اڳواڻ چونڊيندا پر انهن ادارن بابت: سياسي جماعتن، بيوروڪريسي، سيڪيورٽي ادارن، سرڪاري کاتن، وفاقي حڪومت، صوبائي حڪومتن ۽ بلدياتي ادارن بابت، ماڻهن جي ذهنن ۾ جيڪو غُصو آهي، اهو ڪيئن ختم ٿيندو؟ هر روز ٽڪ ٽاڪ جون ريلز مختصر ڊراما ۽ نهايت مربوط تبصرا ماڻهن تائين پهچي رهيا آهن. ڇاپي ميڊيا ۾ ته مالڪ ۽ ايڊيٽر به هوندا آهن پر سوشل ميڊيا تي اهڙو ڪو واضح نظام موجود ناهي. اها به حقيقت آهي ته وڊيوز ۽ گفتگوءَ جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ اثرائتيون هونديون آهن. ان ڪري يوٽيوب، ايڪس، انسٽاگرام ۽ ويب سائيٽون ماڻهن جي ذهنن جي جوڙجڪ ڪري رهيون آهن. ماڻهو روڊن تي نڪرن يا نه نڪرن، نيپال، بنگلاديش يا سري لنڪا جي تاريخ پاڪستان ۾ ورجائي وڃي يا نه ورجائي، قلم 144 لاڳو ٿئي، نوان آرڊيننس يا عدالتن جي فيصلن تحت طاقت جي زور تي اجتماعن کي روڪي سگهجي ٿو پر جيڪي ذهن ٺهي رهيا آهن ۽ جيڪي احساس ايندڙ نسل ۾ منتقل ٿي رهيا آهن، انهن کي ڪيئن روڪيو ويندو؟ ان سان گڏ مهانگائي، بيروزگاري، ٽرانسپورٽ جي خراب صورتحال، اعصابي دٻاءُ، سرڪاري آفيسن ۾ عوام سان اڏنگو رويو ۽ خاص طور تي پوليس جو رويو به ماڻهن جي ذهنن تي پنهنجو اثر ڇڏي رهيو آهي اهي سڀ شيون دلين کي غُصي سان ڀري رهيون آهن. اهو هڪ وڏو الميو آهي ۽ منهنجي خيال ۾ اعتماد جو زوال انتهائي خطرناڪ آهي. ان لاءِ اقبال کان ئي رهنمائي وٺي سگهجي ٿي، جنهن کي اسين پاڪستان جو مفڪر سڏيون ٿا:

زمين مير و سلطان سي بيزار هي
پراني سياست گري خوار هي/
خدا ني ان کو عطا کي هي خواجگي ڪ جنهين
خبر نهين روش بنده پروري ڪيا هي

عبرت پوسٽ (اداري جو خط جي متن سان متفق هجڻ ضروري ناهي)

مهانگائي : عوام ڪيستائين بار ڪڻندو؟

پاڪستان ۾ مهانگائيءَ جا تازا انگ اکر عام ماڻهوءَ جي معاشي پريشانيءَ جي هڪ سنگين تصوير پيش ڪن ٿا. پاڪستان بيورو آف اسٽيٽسٽڪس موجب آگسٽ 2026ع ۾ ملڪ ۾ صارفين جي قيمتن واري انگ (CPI) تحت ساليانی مهانگائي 11.15 سيڪڙو تائين پهچي وئي. جڏهن ته جولاءِ جي ڀيٽ ۾ آگسٽ دوران قيمتن ۾ 1.19 سيڪڙو واڌ ٿي. بنيادي ضرورتن سان لاڳاپيل شعبن ۾ دٻاءُ وڌيڪ نمايان رهيو خوراڪ ۽ شربتن جي قيمتن ۾ ساليانی بنياد تي 13.89 سيڪڙو، جڏهن ته ٽرانسپورٽ جي خرچن ۾ 20.17 سيڪڙو واڌ رڪارڊ ڪئي وئي. اهي انگ اکر رڳو معاشي جدولن ۾ لکيل انگ اکر ناهن پر انهن جو سڌو سنئون اثر عام ماڻهوءَ جي روزمره زندگيءَ تي پوي ٿو. تازا انگ اکر اهو پڻ ظاهر ڪن ٿا ته مهانگائيءَ جو دٻاءُ معيشت جي سڀني شعبن ۾ هڪجهڙو ناهي. رهائش، پاڻي، بجلي، گئس ۽ تعليم سان لاڳاپيل خرچن ۾ ساليانی بنياد تي 8.87 سيڪڙو، صحت جي خرچن ۾ 8.02 سيڪڙو ۽ تعليم جي خرچن ۾ 7.82 سيڪڙو واڌ ٿي آهي. عوام لاءِ انهن انگن اکرن جي فني وضاحتن کان وڌيڪ اهم سوال اهو آهي ته مهيني جي آخر ۾ سندس آمدنيءَ مان اصل ۾ ڪيتريون ضرورتون پوريون ٿي سگهن ٿيون؟ جيڪڏهن آمدنيءَ ۾ اضافو خوراڪ، ٽرانسپورٽ، بجلي، تعليم، صحت ۽ ٻين بنيادي ضرورتن جي قيمتن جي واڌ سان گڏ نه هلي ته عملي طور تي عوام جي خريداريءَ واري سگهه گهٽجي وڃي ٿي. انهيءَ ڪري مهانگائيءَ جو حل رڳو انگن اکرن ۾ هڪ گهٽ شرح حاصل ڪرڻ تائين محدود نه هجڻ گهرجي. مجموعي معاشي استحڪام، قيمتن جي مؤثر نگراني، مارڪيٽ جي اکهن جي نگراني ۽ قانون جي لاڳو ٿيڻ، ڪمزور ۽ گهٽ آمدنيءَ وارن طبقن لاءِ تحفظ ۽ پائيدار آمدنيءَ جي واڌ تي هڪ ئي وقت ڌيان ڏنو وڃي. جيستائين معاشي پاليسي عام ماڻهوءَ جي خريداريءَ واري سگهه، بنيادي ضرورتن جي سستي دستيابي ۽ آمدنيءَ جي پائيدار واڌ کي مرڪز ۾ نه آڻيندي، تيستائين مهانگائيءَ جا انگ گهٽ نه ٿيندي.
(سمير ساگر قريشي / حيدرآباد)

دنيا جي امن لاءِ پاڪستان جو ممڪن ڪردار!

وشال امير

هلندڙ ساعتون پيغام ڏين ٿيون ته دنيا هڪ سنگين عالمي معاشي بحران جي ڪنهن اونهي کُن ۾ ڏڪجي رهي آهي. آمريڪا- ايران جنگ جي شروع ٿيڻ سان معاشي بحران جي جنهن اژدها کر مروڙيا هئا، ان اژدها جو وات هاڻي اچان کلندو ٿو وڃي. سعودي عرب تي حوثين جي حملن بعد اها بکايل اژدها تباهي مچائڻ لاءِ جهڙوڪر خطي ۾ تيزيءَ سان اڳتي وڌڻ لاءِ بيچين ٿي وئي آهي. پهرين ته ڪٿي ڪجهه ماڻهو ايران جنگ توڙي سعودي عرب مٿان ٿيندڙ حوثين جي حملن کي هن علائقي جا مسئلا ۽ معاشي بحران سمجهندا هجن پر ڪنهن کي به اها ڳالهه نه وسارڻ گهرجي ته وچ اوڀر سميت سموري دنيا لاءِ خطري جون گهنٽيون وڄڻ شروع ٿي ويون آهن. جن جو آواز هيٺئر ته آهستي آهستي ٻڌڻ ۾ اچي رهيو آهي پر نيٺ اهو وڏي گونجار ڪرڻ لڳندو. هن خطي ۾ پيدا ڪيل اهو بحران عالمي امن ۽ معشيت لاءِ هڪ وڏو چئلينج بڻجي اڀرندو.

آمريڪا ۽ ايران وچ ۾ جاري پراڪسي جنگ ۽ سعودي عرب جي حساس جاين تي يمن جي حوثي باغين جا حملا پوري خطي جي شڪل بدلائي ڇڏيندا. اهي واقعا نه صرف خطي جي سيڪيورٽي صورتحال کي نازڪ بڻائيندا پر هاڻي به انهن سببن جي ڪري عالمي تيل جي طلب ۽ معاشي استحڪام کي سنگين خطرن ۾ وجهي ڇڏيو آهي. آمريڪا-ايران تڪرار خطي جي ملڪن وچ ۾ تعلقات کي پيچيده بڻائي ڇڏيو آهي. سعودي عرب جنهن کي خطي ۾ آمريڪا جو هڪ اهم اتحادي ۽ ايران جو روايتي حريف سمجهيو ويندو آهي. اهو هن تڪرار جي سڌي طرح اثر هيٺ آيل آهي. حوثي بغير پائيليٽ جهازن ۽ ميزائيل حملن ذريعي سعودي عرب جي تيل ڪمپنين (جهڙوڪ آرامڪو) وغيره سميت شهري جاين کي پڻ نشانو بڻائي رهيا آهن. اهي حملا ان ڳالهه جو ثبوت آهن ته غير رياستي عنصر خطي ۾ طاقت جو توازن تبديل ڪرڻ جي صلاحيت رکن ٿا.

ڏنو وڃي ته سعودي عرب پوري دنيا ۾ خام تيل موڪليندڙ وڏن ملڪن مان هڪ آهي. حوثين جي حملن ۽ باب المندب توڙي هرمز جبل جي سامونڊي رستي ۾ پيدا ٿيندڙ رڪاوٽن جي ڪري عالمي مارڪيٽ ۾ تيل جي قيمتن ۾ شديد لاها چاڙها اچي ويا آهن. تيل جي رسد متاثر ٿيڻ سان پوري دنيا، خاص طور ترقي پذير ملڪ، سخت مهانگائيءَ جي ور چڙهي رهيا آهن. جتي اهو مسئلو بي دنيا جي ملڪن کي درپيش آهي، اتي پاڪستان جهڙن پاڙيسري ملڪن تي اثر پوڻ لڳو آهي. عالمي مارڪيٽ ۾ خام تيل جو ريٽ وڌڻ سان پاڪستان ۾ پيٽروليم شين جون قيمتون پڻ جوٽ چڙهي ويون آهن. جنهن سان مهانگائي وڌي ٿي ۽ زرمبادلا جا ذخيرا گهٽجي رهيا آهن.

جڏهن ته پيٽروليم شين جون وڌندڙ قيمتون سڌو سنئون عوام جي عام واهپي جي شين جهڙوڪ کاڌ خوراڪ، دوائن، ڪپڙن، ڪراين ۽ جيئڻ جي ٻين ضرورتن وارن خرچن تي اثرانداز ٿين ٿيون. هن وقت جڏهن پاڪستاني عوام مهانگائيءَ جي طوفان ۾ ڏڪجي رهيو آهي ته هن ڏکيءَ وقت ۾ عوام کي معاشي دٻاءُ مان ڪڍڻ لاءِ وزيراعظم پاران مختلف رليف پيڪيجز ۽ سبسڊيز جو اعلان ڪيو ويو آهي. هن اعلان جو بنيادي مقصد غريب ۽ وچولي طبقي کي مهانگائيءَ کان بچاءَ جو ڪجهه عارضي رليف فراهم ڪرڻ آهي. ان ڏس ۾ وزيراعظم پاران موٽرسائيڪل ۽ ڪار رکندڙن کي پيٽرول جي مد ۾ رليف ڏيڻ جو اعلان ڪيو ويو آهي. جيڪو تمام سٺو قدم ليکيو وڃي ٿو پر تنهن هوندي به اهو مهانگائيءَ وارو طوفان صرف عارضي رليف سان گهٽ نٿو ٿئي يا ختم نٿو ٿي سگهي. حڪومت کي گهرجي ته ترجيحي بنيادن تي پائيدار پاليسيون جوڙي، متبادل توانائيءَ (جهڙوڪ سولر ۽ ونڊ پاور) کي فروغ ڏئي ۽ ملڪي ريزرو کي مضبوط ڪري ته جيئن مستقبل ۾ ايندڙ عالمي معاشي جهٽڪن کان عوام کي محفوظ رکي سگهجي.

هن ڏس ۾ پاڪستان کي ايران سان پنهنجا پاڙيسري تعلقات قائم رکڻا ۽ وڌائڻا پوندا. جڏهن ته سعودي عرب سان تاريخي ۽ اقتصادي رشتو پڻ هر صورت قائم رکڻو آهي. ان ڪري خطي ۾ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسيءَ لاءِ هڪ سخت امتحان سامهون بيٺل آهي. يمن ۽ شام جهڙن خطن ۾ جاري جنگين سبب، جتي لکين ماڻهو بي گهر ٿيا آهن، اتي سعودي عرب جي سرحد ويجهو رهندڙ شهري آبادي به هميشه خوف جي ماحول ۾ رهڻ تي مجبور رهندي آهي. جنگ ۾ ڊيگهه سبب خطي ۾ انساني ترقي، تعليم ۽ صحت جا شعبا سخت متاثر ٿيا آهن.

پاڪستان حڪومت کي هاڻي ان طرف به دنيا جو ڌيان ڇڪرائڻ گهرجي ته آمريڪا-ايران جنگ توڙي حوثين جا سعودي عرب تي ٿيندڙ حملا ان ڳالهه جو روشن دليل آهن ته طاقت جي استعمال سان مسئلا اڄ تائين حل نه ٿي سگهيا آهن. بلڪ وڌيڪ پيچيده ٿيندا ٿا وڃن. تنهن ڪري خطي ۾ پائيدار امن لاءِ جنيوا معاهدي ۽ گڏيل قومن (UN) جي بٺر هيٺ سفارتڪاريءَ (Diplomacy) کي ترجيح ڏني وڃي. سعودي عرب ۽ ايران وچ ۾ سڌي سنئين ڳالهين ذريعي خدشن کي ختم ڪيو وڃي. يمن اندر مستقل وائس فائر (Ceasefire) ڪري اتان جي سياسي مسئلن جو پرامن حل ڳوليو وڃي. پاڪستان کي هاڻي دنيا کي ٻڌائڻ گهرجي ته جيڪڏهن عالمي برادري هنن تڪرارن کي روڪڻ ۾ ناڪام وئي ته ان جا نتيجا صرف وچ اوڀر تائين محدود نه رهندا. بلڪ عالمي معيشت ۽ امن لاءِ تباهه ڪندڙ ثابت ٿيندا.

لطيفي لات ——— شاهه عبداللطيف ڀٽائي

رڳون ٿيون رَبابُ، وَڄَنِ وِيلِ سَڀَ ڪَنهِين،
لُڇَڻَ ڪُڇَڻَ نہ ٿِيو، جانِبُ ري جَبابُ،
سُوئي سَنڌينِدمِ سيرين، ڪِيسَ ڪَنهَن ڪَبابُ،
سُوئي عينُ عَذابُ، سُوئي راحَتَ رُوحَ جِي.

منهنجون رڳون رباب (ساز) مثل ٿي پيئون آهن. هر وقت ان جي تندن جيان پيئون وڄن. عاشق لاءِ رڳو لڇڻ آهي، نہ ڪڇڻ. جاني پاڻ ري جواب (خاموش) آهي. جنهن پرينءَ مون کي جلائي ڪباب ڪيو آهي، سوئي اڃي مرهم پٽي ڪندم. هو ئي سخت پيڙا ڏيندڙ آهي ۽ هوئي روح جي راحت (دل کي فرحت ڏيندڙ) آهي. (چونڊ : شاهنواز راڄپر)

اڄوڪو ڏينهن ——— 21 سيپٽمبر

بلاول ڀٽو زرداري

اڄ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي چيئرمين شهيد بينظير ڀٽو ۽ صدرِ پاڪستان آصف علي زرداريءَ جي فرزند ۽ اڳوڻي پرڏيهي وزير بلاول ڀٽو زرداريءَ جي سالگرهه جو ڏينهن آهي هن جو جنم 21 سيپٽمبر 1988ع تي ڪراچيءَ ۾ ٿيو. هن ڪراچيءَ جي گرامر اسڪول ۽ اسلام آباد جي فروبيل انٽرنيشنل اسڪول ۾ تعليم حاصل ڪئي ان بعد دبئيءَ جي هڪ اسڪول ۾ پڙهيو. 2012ع ۾ آڪسفورڊ يونيورسٽيءَ مان گريجوئيشن ڪيائين پنهنجي والده جي وفات کان پوءِ 30 ڊسمبر 2007ع تي پاڻ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جو چيئرمين ۽ سندس والد آصف علي زرداري پارٽيءَ جو ڪو چيئرمين ٿيو 2018ع ۽ 2024ع وارين عام چونڊن ۾ سندس سرواڻيءَ ۾ پاڪستان پيپلز پارٽيءَ سنڌ مان رڪارڊ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي 13 آگسٽ 2018ع تي هن قومي اسمبليءَ جي ميمبر طور قسم کنيو 2022ع ۾ هن پاڪستان جي سڀ کان ننڍي ڄمار واري پرڏيهي وزير طور ذميداريون سنڀاليون. بلاول ڀٽو کي جنم ڏينهن جي مبارڪباد پيش ڪجي ٿي.

جيٺراءِ ٻولچند آڏواڻي

اڄ سنڌي لغت جي ماهر جيٺراءِ ٻولچند آڏواڻيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي هن ناميارو انسان جو جنم 6 سيپٽمبر 1867ع تي حيدرآباد ۾ ٿيو هو ڪاڪي پيرومل مهرچند آڏواڻيءَ جو ويجهو رشتيدار هو هن بي اي ۽ ايل ايل بي جون سندون حاصل ڪيون ۽ مختلف سرڪاري عهدن تي ڪم ڪري ڊپٽي ڪليڪٽر ۽ انچارج ڪليڪٽر جهڙا اهم عهدا ماڻيا. انگريز سرڪار پاران کيس راءِ بهادر جو خطاب مليو هن 1931ع ڌاري سنڌ جي آفيسن ۾ استعمال ٿيندڙ اصطلاحن جي لغت تيار ڪئي انهيءَ ڊڪشنريءَ ۾ آفيس ۾ استعمال ٿيندڙ هر اصطلاح ۽ ان جي انگريزيءَ ۾ معنيٰ ٻڌائي وئي آهي هن ڪيترن ئي مشهور مذهبي ڪتابن جا سنڌيءَ ۾ ترجما پڻ ڪيا. تاريخ 21 سيپٽمبر 1939ع تي سندس ساهه جو سڳو ٽٽي پيو.

عبدالحق جکراڻي



عبدالحق جکراڻي پنهنجي دور جو هڪ پلوڙ شاعر، سماج سڌارڪ ۽ مشهور زميندار هو هو 1902ع ڌاري جيڪب آباد ضلعي جي ڳوٺ رحيم خان جکراڻيءَ ۾ ڄائو هن علي ڳڙهه يونيورسٽيءَ ۾ تعليم حاصل ڪئي ۽ اسڪول جي هيڊماسٽر طور نوڪري ڪئي هو انگريزي حڪومت جي سخت خلاف هو ۽ جڏهن انگريزن ترڪن سان جنگ ڪئي ته رضاڪار طور ترڪ فوجين سان گڏ انهيءَ جنگ ۾ شامل ٿيو جنهن ڪري کيس غازيءَ جو خطاب مليو هو پنهنجي سماجي ڪمن سبب پنهنجي تر ۾ تمام گهڻو مشهور ۽ اثر ۽ رسوخ وارو ماڻهو هو. کيس جکراڻين جي قلندراڻي، گلواڻي، سارگاڻي، سيواڻي ۽ ڪمبراڻي قبيلن جو پڳدار مڃيو ويندو هو هن سنڌي ۽ بلوچي ٻولين ۾ شاعري پڻ ڪئي وطن دوستي، اخلاقي قدر ۽ قومي شعور سندس شاعريءَ جا خاص موضوع هئا. افسوس جو 21 سيپٽمبر 1957ع تي ڳڙهي خيري ريلوي اسٽيشن تي ڪن نامعلوم ماڻهن کيس قتل ڪري ڇڏيو.

پير محمد زمان شاهه هاشمي

پير محمد زمان شاهه مٽياريءَ جي مشهور ديني علم سخي هاشم شاهه جي درگاهه جو پڳدار، سماج سڌارڪ ۽ پنهنجي راڄ جو چڱو مڙس هو هو 11 نومبر 1916ع تي سيد بقادار شاهه هاشميءَ جي گهر پيدا ٿيو ۽ ايم اي تائين تعليم حاصل ڪيائين پاڻ عبدالستار پيرزادي جي وڏ وزارت واري دور ۾ سنڌ جي گهرو کاتي ۾ صلاحڪار رهيو کيس راڳ رنگ ۽ موسيقيءَ سان گهڻي دلچسپي هئي سندس اوطاق تي راڳ رنگ جون محفلون مُتل هونديون هيون. پاڻ حيدرآباد ميوزڪ آرٽ سرڪل جو چيئرمين به رهيو. چون ٿا ته هن ئي مشهور گلوڪاره عابده پروين کي ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي متعارف ڪرايو هن علم موسيقيءَ تي انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ هڪ ڪتاب پڻ لکيو هن 21 سيپٽمبر 1993ع تي هن جهان مان هميشه لاءِ موڪلايو.

مولانا عبدالحق چانڊيو

مولانا عبدالحق چانڊيو جو نالو هڪ ديني عالم، تعليم دوست انسان ۽ بهترين حڪيم طور اسان جي ذهنن تي هميشه تازو رهندو. هن انمول انسان 21 سيپٽمبر 1974ع تي ڳوٺ راوستن، تعلقي ڇاڇري ضلعي ٿرپارڪر ۾ پنهنجو سنساري سفر شروع ڪيو. قرآن شريف پنهنجي ڏاڏي وٽ پڙهيو ۽ ان بعد ربي، حيدرآباد ۽ پيرڳوٺ (ضلعي خيرپور ميرس) جي مدرسن مان ديني تعليم حاصل ڪيائين ڪجهه عرصو روينيو کاتي ۾ تپيدار طور نوڪري ڪيائين پر پوءِ اها نوڪري ڇڏي ديني ڪمن ڏي ڌيان ڏنائين ۽ پنهنجي ڳوٺ ۽ آسپاس وارن علائقن ۾ ننڍا ننڍا مدرسا قائم ڪيائين هو هڪ سٺو حڪيم پڻ هو ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ شفاخانو هلائيندو هو هن پنهنجي ڳوٺ ۾ ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين لاءِ پرائمري اسڪول پڻ منظور ڪرايا. هو ٿر ۾ کوهن جي کوٽائيءَ جو وڏو ماهر هو. ٿر جا ڪيترائي کوهه پنهنجي هٿن سان کوٽي ماڻهن جي اڄ اجهايائين سندس ئي ڪوشش سان سندس ڳوٺ ۾ پوسٽ آفيس قائم ٿي هن 28 جنوري 1939ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

نرمل جيوتاڻي

نرمل جيوتاڻي هڪ پلوڙ شاعر ۽ شاهه جي شاعريءَ جو سچو شيدائي هو هن 21 سيپٽمبر 1920ع تي ميهڙ تعلقي جي شهر ٽڙڻي محبت ۾ ديوان گنومل جي گهر ۾ جنم ورتو هن جو اصل نالو ٽانور هو ۽ نرمل سندس تخلص هو هن سنڌيءَ جا ست درجا ميهڙ مان پاس ڪيا ۽ پرائمري اسڪول جي استاد طور نوڪري ڪئي جڏهن جيٺمل پرسرام "لطيفي ٻاري" نالي هڪ منڊلي ناهي ته نرمل جيوتاڻي انهيءَ ٻاريءَ جو پهريون سيڪريٽري مقرر ٿيو انهيءَ ٻاريءَ جي پليٽ فارم تان هن کي شاهه جي شاعري سمجهڻ جو وڌيڪ موقعو مليو ۽ ائين هو شاهه جي شاعريءَ جو ڄڻ ته عاشق بڻجي ويو هن ڪجهه ڪتاب پڻ لکيا، جن ۾ "بينا"، "ٽي ساٿي"، "سرڳ ڏانهن پنڌ"، "امرت لاٽ"، "نرمل لاٽ"، "چانڊوڪي"، "سسئي پنهون" ۽ "زندگي" شامل آهن هن 21 جنوري 1944ع تي لاڏاڻو ڪيو.

ڪمال الدين سولنگي

مختيار اثر

هن تعليمي ماهر جو جنم 21 سيپٽمبر 1932ع تي دادو ضلعي جي ڳوٺ شاهه آباد ۾ ٿيو ڪجهه حوالن ۾ هن جي جنم جي تاريخ 21 سيپٽمبر بجاءِ 21 ڊسمبر پڻ لکي وئي آهي هن جو والد مولوي جمال الدين سولنگي پنهنجي علائقي جو وڏو ديني عالم هو ڪمال الدين شروعاتي تعليم پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول دادوءَ مان پاس ڪيائين اڳتي هلي بي اي، ايم اي ۽ بي ٽي جون سندون حاصل ڪيائين هن عملي زندگيءَ جي شروعات اسڪول جي استاد طور ڪئي. انهيءَ نوڪريءَ دوران هو مختلف اسڪولن جو هيڊماسٽر رهيو ڪجهه عرصو دادوءَ جو سب ڊويزنل ايڊيوڪيشنل آفيسر ۽ ڊسٽرڪٽ ڪوآرڊينيشن آفيسر پڻ رهيو هن ڪجهه نصابي ڪتاب ۽ گائيڊبون لکيون ۽ دادو آرٽ ڪلب جو بنياد وڌو هن 4 جون 1999ع تي وفات ڪئي

ميان قادر بخش ڪليم لغاري

هن نامور شاعر ۽ تعليم دوست انسان جو جنم 21 سيپٽمبر 1947ع تي تعلقي ڊگهڙي ضلعي ميرپورخاص جي ڳوٺ غلام علي لغاريءَ ۾ ٿيو هن ابتدائي تعليم پهريائين پنهنجي ڳوٺ مان ۽ ان بعد ميرپور بٺوري مان حاصل ڪئي مئٽرڪ ۽ انٽرميڊيئيٽ جا امتحان ٽنڊي محمد خان مان پاس ڪيائين اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين هن پرائمري اسڪول جي استاد طور پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات ڪئي ڪجهه عرصو اها نوڪري ڪرڻ بعد جهڏي تعلقي جي ديهه 203 ۾ پنهنجي والد جي نالي سان "مير محمد لغاري پرائمري اسڪول" کوليائين هن انهيءَ ڳوٺ ۾ مسجد، مدرسو ۽ عيدگاهه پڻ تعمير ڪرائي ڪيترن ئي غريب ٻارن کي پنهنجي خرچ سان پڙهائي نوڪريءَ لائق ڪيائين غريب شاگردن کي مفت ۾ ڪتاب پڻ وٺي ڏيندو هو هو هڪ سٺو شاعر پڻ هو شاعريءَ ۾ مرحوم معمور يوسفاڻيءَ کان اصلاح وٺندو هو ۽ "ڪليم" تخلص استعمال ڪندو هو هن 12 نومبر 1987ع تي پنهنجو سنساري سفر پورو ڪيو

احمد خان سهاڳ



دادو ضلعي سان واسطو رکندڙ هن سلجاهه وند سگهڙ ۽ لوڪ ادب جي ڄاڻوءَ جو جنم 21 سيپٽمبر 1960ع تي دادو تعلقي جي ڳوٺ لهرڪئي سهاڳ ۾ ٿيو هن مئٽرڪ جو امتحان دادوءَ مان پاس ڪيو ۽ سوشالاجيءَ واري شعبي ۾ ايم اي جي سند سنڌ يونيورسٽيءَ مان حاصل ڪئي هن هاءِ اسڪول جي استاد طور نوڪري ڪئي سگهڙن سان اٿ ويهه سبب سگهڙائپ ۽ لوڪ ادب سان ننڍي هوندي کان ئي دلچسپي رهيس هن مشهور سگهڙ جلال ڪٽيءَ جي ڳوٺ پير ترهي ۾ ڪيترين ئي سگهڙن جون ڪچهريون منعقد ڪرايون قلندر شهباز جي ميلي تي به هن جي ڪوشش سان سگهڙن جون ڪچهريون منعقد ٿيون هن 29 جنوري 2025ع تي وفات ڪئي

گل دايو

سنڌي ٻوليءَ جي هن سرجڻهار جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1960ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ ٿيو سندس پورو نالو گل محمد ولد محمد الياس دايو آهي هن ايم اي (سنڌي) ۽ ايم ايڊ جون سندون حاصل ڪيون هن 1976ع ڌاري لکڻ شروع ڪيو سندس پهرين ڪهاڻي "عقلمند جيهو" ٻارن جي رسالي گلن جهڙا ٻارڙا ۾ ڇپجي پڌري ٿي ان بعد به هن خاص طور تي ٻارن لاءِ گهڻو ڪجهه لکيو سندس ٻارن لاءِ لکيل ڪتابن ۾ "گيت گلڙن لاءِ" (شاعري)، "ڪنگ جي نالي" (ٻارن لاءِ ڪهاڻيون) ۽ "مرڪن مٺڙا ٻار" شامل آهن هو 1985ع کان سنڌي ادبي سنگت لاڙڪاڻي جو ميمبر آهي ادب سان گڏ هو هڪ بهترين ڪرڪيٽر، ڪرڪيٽ امپائر ۽ ريڊيو ڪمپيئر پڻ رهيو آهي



ناصر پنهور

سنڌي ادبي دنيا ۾ ناصر پنهور جو نالو هڪ مضمون نگار ۽ ڪالم نگار طور مشهور آهي هن جو جنم 21 سيپٽمبر 1970ع تي ڳوٺ آراضي تعلقي سيوهڻ ضلعي ڄامشوري ۾ ٿيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ مان سوشالاجيءَ واري شعبي ۾ ايم اي جي سند حاصل ڪئي سندس لکيل مضمون ۽ ڪالم مختلف سنڌي اخبارن ۽ رسالن جي سونهن بڻجي چڪا آهن سندس لکيل ڪتابن ۾ "ڊاڪٽر خان محمد پنهور - شخصيت"، Indus Flood ۽ Sindh at Crossroad of Disasters شامل آهن

ڪرينا ڪپور

ڪرينا ڪپور باليووڊ جي مشهور اداڪاره آهي هن جو جنم اڄوڪي ڏينهن تي 1980ع ۾ ٿيو هن جا ناناڻا سنڌي آهن هن جو نانو هري شوداساڻي ورهاڱي کان پهريائين ڪراچيءَ ۾ رهندو هو هري شوداساڻي پهرين سنڌي فلم "ايڪتا" ۾ پنهنجي اداڪاريءَ جا جوهر ڏيکاريا هئا. ڪرينا جي ماءُ ٻبيتا به پنهنجي دور جي مشهور هيروئن هئي ڪرينا ڪپور جي پهرين فلم رفيوجي 2000ع ۾ رليز ٿي ان بعد هن باليووڊ جي ڪيترين ئي ڪامياب فلمن ۾ يادگار ڪردار ادا ڪيا. اداڪاريءَ سان گڏ هن فيشن ڊزائنر ۽ هدايتڪار طور به ڪم ڪيو آهي 2012ع ۾ هن اداڪار سيف علي خان سان شادي ڪئي

عمران چنه

اڄ مشهور چترڪار عمران چنه پنهنجي سالگرهه ملهائي رهيو آهي عمران چنه 21 سيپٽمبر 1981ع تي شڪارپور ۾ پنهنجي جيون جو سفر شروع ڪيو هن سنڌ يونيورسٽيءَ جي فائن آرٽس شعبي مان گريجوئيشن ڪئي ان بعد لاڳيتا ٽي سال مشهور مصور عبدالفتاح هليپوٽي جي سرپرستيءَ ۾ مصوريءَ جي سکيا وٺندو رهيو اڳتي هلي لاهور جي نيشنل ڪاليج آف آرٽس مان ايم اي جي سند حاصل ڪيائين ۽ انهيءَ ئي ڪاليج جو فيڪلٽي ميمبر بڻجي ويو هن مصوريءَ جي مختلف شاخن ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي آهي. جن ۾ ڊرائنگ، پينٽنگ، مورتيون ٺاهڻ ڊجيٽل آرٽ ۽ انٽرايڪٽو آرٽ وغيره شامل آهن سندس تخليقات ۾ "هولي گهوسٽ"، "لڪ لڪوٽي"، "ميموريز" ۽ "بادشاهه نامه" وغيره شامل آهن هن جي فنپارن جي نمائش دنيا جي مختلف ملڪن ۾ ٿي چڪي آهي

بقايا | 1 | روزاني عبرت

شروع ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تحت بجلي پيدا ڪندڙ ۽ استعمال ڪندڙ وچ ۾ هڪ شفاف طريقيڪار ذريعي سڌي ريت بجلي جي خريد ۽ وڪرو ڪري سگهندا. اڄ ڏينهن ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته هن وقت پاڪستان ۾ بجلي حڪومت خريد ڪري ٿي ۽ پنهنجي رسد جي نظام ذريعي صارفين تائين پهچائي ٿي جڏهن ته بجلي جي قيمت آءِ پي پيز ۽ واپڊا سميت مختلف معاملن تي گذريل 25 - 30 سالن کان سوال اٿندا رهن ٿا. وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي حڪومت گذريل 25 کان 30 سالن کان غور هيٺ هن اداري کي عملي شڪل ڏيڻ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. نئين نظام تحت حڪومت لاءِ بجلي جي خريداري لازمي نه هوندي ۽بجلي پيدا ڪندڙ ۽ استعمال ڪندڙن جو پاڻ ۾ سڌي ريت رابطي ذريعي بجلي جي خريد ۽ وڪرو ٿي سگهندو. هن چيو ته هن نظام جو پهريون مرحلو صنعتي ۽ وڏن بجلي صارفين لاءِ شروع ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ هڪ ميگاواٽ يا ان کان وڌيڪ بجلي استعمال ڪندڙ صارفين فائدو حاصل ڪري سگهندا. شفاف ميڪنازم تحت صارفين پنهنجي ضرورت موجب سستي بجلي خريد ڪري سگهندا. هن چيو ته هي نظام مسلسل واڌ اسختيار ڪندو ۽ ايندڙ ڪجهه سالن ۾ عام صارفين جن ۾ 200 ۽ 400 يونٽ استعمال ڪندڙ صارفين پڻ شامل آهن تائين ان جا فائدا پهچائيندا ان جي نتيجي ۾ بجلي جي هڪ مارڪيٽ وجود ۾ ايندي جتي صارفين پنهنجي مرضي سان سستي ترين بجلي خريد ڪري سگهندا. هن چيو ته سستي بجلي سان صنعت کي به فائدو ٿيندو ۽ صنعتي شعبو عالمي مارڪيٽ ۾ پنهنجي شين کي وڌيڪ چئلينجي وارن اگهن ۾ پيش ڪري سگهندو بجلي جي خرچن ۾ گهٽتائي سان پاڪستاني شين جي روانگي واپار ۾ به مدد ملندي. وفاقي وزير چيو ته گذريل ٻن سالن دوران حڪومت ان مقصد لاءِ جيڪي ڪوشش ڪيون، اڄ انهن کي عملي جامو پارايو پيو وڃي. هن چيو ته حڪومت قوم سان ڪيل واعدن کي پورو ڪرڻ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي.

بقايا | 2 | روزاني عبرت

بحري آپريشنز سميت سمورن پهلوئن جو احاطو ڪري ٿي، جنهن ۾ آپريشنل تياري ۽ امن جي دور کان جنگي حالتن طرف فوري منتقلي جي صلاحيت کي پرکيو وڃي ٿو جنگ جي بدلجندڙ نوعيت کي نظر ۾ رکندي، هن سال جي مشق ۾ انفارميشن آئوائرنمنٽ ۾ آپريشنز ملٽي ڊومين آپريشنز ۽ بنا پائليٽ جي هلندڙ نظامن جو وسيع پيمائي تي استعمال به شامل ڪيو ويو آهي. پاڪ بحريه جي سربراهه مشق ۾ شريڪ اهلڪارن سان ملاقات ڪئي ۽ سندن پيشيوراڻي مهارت، بلند حوصلي، آپريشنل تياري ۽ سمنڊ ۾ نا قابل تسخير رهڻ جي عزم کي ساراهيو.

بقايا | 3 | روزاني عبرت

دوران 38 سالا پيار علي ڪوسو ٻڏي فوت ٿي ويو . جيڪو اصل بدين جي علائقي ٽدو جو رهواسي هو ۽ هتي مزدوري ڪرڻ آيو هو . ڳوٺاڻن لاش کي صحت مرڪز ۾ کڻائي آندو جتان ضروري ڪاروائي ڪانپوءِ لاش وارثن جي حوالي ڪيو ويو .=

بقايا | 4 | روزاني عبرت

فرمائي پنهنجي ملڪ، خاطر شهيد ٿي ويو آهي سندس درجات بلند فرمائي اسان جي خاندان کي هي وڏو صدمو برداشت ڪرڻ جي همت ۽ صبر عطا فرمائي وطن جي هن بهادر سپاهي کي سلام پيش ڪيون ٿا

بقايا | 5 | روزاني عبرت

پيداواري ۽ مينيوفيڪچرنگ صنعت کي هٿي ڏئي روانگي واپار ۾ واڌ، تحقيق، ترقي، جدت ۽ عالمي معيار جي چئلينجي واري صلاحيت سان واڳيل آهي. ايڪسپو سينٽر لاهور ۾ آٽو ايڪسپو شو جي تقريب کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو ته روانگي واپار تي ٻڌل معيشت کي هٿي ڏيڻ حڪومت جي پهرين ترجيح آهي، ملڪي پيداواري واڌجي ۾ ويليو ايڊيشن کي هٿي ڏيڻ صنعتي شعبي کي جديد ٽيڪنالاجي سان هم آهنگ ڪرڻ ۽ نوجوانن کي عالمي معيار جي هنر سان تيار ڪرڻ لاءِ موثر قدم کنيا پيا وڃن. احسن اقبال چيو ته آٽو انڊسٽري پاڪستان جي صنعتي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي. جڏهن ته هن شعبي ۾ جديد ٽيڪنالاجي، تحقيق، جدت ۽ ويليو ايڊيشن کي هٿي ڏيڻ جي ضرورت آهي. صنعتي ۽ اڪيڊميا وچ ۾ موثر تعاون ذريعي تحقيق ۽ ترقي کي صنعتي ضرورتن سان تيار ڪري سگهجي ٿو هن چيو ته گذريل ڇهن ڏهاڪن دوران پاڪستان ۾ جنهن آٽو انڊسٽري جو بنياد رکيو ويو اهو اڄ ملڪ جي صنعتي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهيو آهي ۽ هن شعبي جي ڪارڪردگي ان ڳالهه جو ثبوت آهي، پاڪستان ۾ صنعتي پيداوار ۽ روانگي واپار واري صلاحيت کي وڌيڪ هٿي ڏيڻ جا وسيع امڪان موجود آهن. هن چيو ته حڪومت جي معاشي پاليسين جو محور پيداواري شعبي کي مضبوط بڻائڻ، صنعتي صلاحيت ۾ واڌ ۽ روانگي واپار کي هٿي ڏيڻ آهي. 2035ع تائين 100 ارب ڊالر جي ايڪسپورٽس جو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ حڪومت، صنعت ۽ اڪيڊميا کي وڌيڪ گڏيل حڪمت عملي تحت اڳتي وڌائڻو پوندو حڪومت ان حوالي سان سمورا وسيلا ڪتب آڻي رهي آهي. هن چيو ته حڪومت جو مقصد هڪ اهڙو معاشي ماحول جوڙڻ آهي جنهن ۾ روانگي واپار جي صنعت کي سهولتون ميسر هجن، مقامي صنعت عالمي مارڪيٽ ۾ مقابلو ڪري سگهي ۽ پاڪستان پنهنجي شين ذريعي عالمي سپلاءِ چين جو حصو بڻجي سگهي. هن زور ڀريندي چيو ته پاڪستان جي پيداواري ڍانچي کي مضبوط بڻائڻ سان پروڊڪٽيويٽي، ڪوالٽي ۽ انوويشن کي عالمي معيار تائين وٺي وڃڻو پوندو صرف پيداوار ۾ واڌ ڪافي ناهي پر شين جي معيار، پيداوار ڪارڪردگي، ٽيڪنالاجي ۽ جدت کي به عالمي گهرجن موجب هم آهنگ ڪرڻو پوندو. حڪومت ۽ نجي شعبي کي گڏجي ملڪي صنعت ۾ ويليو ايڊيشن کي تيز ڪرڻو پوندو پاڪستاني شيون وڌيڪ قدر سان گڏ عالمي مارڪيٽ تائين پهچي سگهن. حڪومت صنعتي شعبي ۽ نجي سيڪٽر کي درپيش مسئلن جي حل لاءِ هر ممڪن مدد فراهم ڪندي.

بقايا | 6 | روزاني عبرت

ڪيڊٽس طرفان وفاقي وزير جو شاندار آڌر ڀاءُ ڪيو ويو ۽ کيس شاندار رسمي سلامي پيش ڪئي وئي. وفاقي وزير دوري دوران ڪيڊٽس ۽ فيڪلٽي ميمبرن سان ملاقات ڪئي ۽ نوجوان شاگردن کي معياري تعليم ۽ جامع تربيت فراهم ڪرڻ لاءِ اداري جي ڪوشش کي ساراهيو. ڪيڊٽس کي خطاب ڪندي وفاقي وزير چيو ته پاڪستان جو نوجوان نسل ملڪ جو قومي اثاثو آهي ۽ ان جي تعليم، ڪردار سازي ۽ قائدانه صلاحيتن ۾ سيڙپڪاري ملڪ جي مستقبل لاءِ نهايت اهم آهي. قيصر احمد شيخ چيو ته قومي سلامتي، معاشي ترقي ۽ عالمي سطح تي مضبوط مقام هڪ ٻئي سان ڳنڍيل. جڏهن ته پاڪستان جي ترقي لاءِ پراعتماد، تعليم يافته ۽ نظم و ضبط رکندڙ نوجوان نسل اڻٽر آهي. هن چيو ته نوجوانن کي علم، مهارتن ۽ قائدانه صلاحيتن سان تيار ڪرڻ گهرجي ته جيئن هو قومي ترقي ۾ موثر ڪردار ادا ڪري سگهن. وفاقي وزير ڪيڊٽ ڪاليج ملير جي تعليمي ۽ تربيتي نظام کي ساراهيندي چيو ته ان قسم جا ادارا شاگردن ۾ اعتماد، نظم و ضبط، ڪردار ۽ قائدانه صلاحيتن کي هٿي ڏيڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندا. هن ڪاليج انتظاميه ۽ فيڪلٽي جي ڪوشش کي ساراهيو جيڪي ڪيڊٽس کي تعليمي، جسماني ۽ شخصي واڌ ويجهه لاءِ موقعا فراهم ڪري رهيا آهن. ان کان اڳ ڪيڊٽ ڪاليج جي پرنسپل وفاقي وزير ۽ معزز مهمانن جي آجيان ڪئي.

بقايا | 7 | روزاني عبرت

ته هو چهارا مارڪيٽ ۾ روزانو 300 رپين جي اجرت تي مزدوري ڪري پنهنجي ٻارن جو پيٽ پاليندا آهن اوچتو گهرن ۾ باهه ڀڙڪي اٿي، جنهن ڏسندي ئي ڏسندي ڇهن ئي ڪچن گهرن کي پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو. فائر بريگيڊ کي اطلاع ڏيڻ باوجود عملو بروقت واقعي واري هنڌ نه پهچي سگهيو جنهن سبب باهه گهرن ۽ سامان کي مڪمل طور پنهنجي لپيٽ ۾ وٺي ڇڏيو. متاثرن جو چوڻ هو ته هنن پنهنجي مدد پاڻ تحت باهه وسائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ڪافي جدوجهد ڪانپوءِ باهه تي ضابطو آندو پر ان وقت تائين گهر گهريلو سامان ۽ روزمره جي ضرورت جون شيون سميت سڀ ڪجهه سڙي خاڪ ٿي چڪو هو باهه لڳڻ سبب متاثر خاندان معصوم ٻارن سميت کليل آسمان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهن. پوڙهيت خاندانن جو چوڻ هو ته سندن روزگار انتهائي محدود آهي ۽ روزاني اجرت مان بمشڪل گهر جو چلهو ٻرندو هو هاڻي باهه لڳڻ کانپوءِ وٽن نه رهڻ لاءِ گهر بچيو آهي ۽ نه ئي گهريلو ضرورتن جو سامان. متاثر خاندانن مخير حضرات، چونڊيل نمائندن، ضلعي انتظاميا ۽ ٻين لاڳاپيل اختيارين کي اپيل ڪئي آهي ته سندن مالي مدد ڪئي وڃي، جيئن هو پنهنجا تباهه ٿيل گهر ٻيهر تعمير ڪرائي پنهنجن ٻارن کي ڇت فراهم ڪري سگهن.

بقايا | 8 | روزاني عبرت

ساٿي فرار ٿيڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو.ايس ايس پي خيرپور امير سعود مگسي موجب، پير جو ڳوٺ پوليس معمول موجب گشت تي هئي ته اطلاع مليو ته ڪجهه ڌاڙيل لوڌرا موڙ پرسان ڦرلٽ جي ارادي سان موجود آهن. اطلاع ملڻ تي پوليس پارٽي فوري طور تي نشاندهي واري هنڌ پهتي، جتي پوليس ۽ ڌاڙيلن وچ ۾ فائرنگ جي ڏي وٺ ٿي. جنهن دوران هڪ ڌاڙيل طالب گهلو کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪري ورتو. جڏهن ته سندس هڪ ساٿي فرار ٿي ويو. فرار ٿيل جوابدار جي گرفتاري لاءِ علائقي ۾ سرچ آپريشن جاري آهي.ايس ايس پي امير سعود مگسي موجب، گرفتار زخمي ڌاڙيل پوليس کي ڦرلٽ جي ڪيترين ئي وارداتن جي ڪيسن ۾ گهربل هو زخمي جوابدار کي طبي علاج لاءِ سول اسپتال خيرپور منتقل ڪيو ويو آهي.ايس ايس پي امير سعود مگسي پوليس مقابلي ۾ حصو وٺندڙ پوليس پارٽي جي ڪارڪردگي کي ساراهيندي کين شاباشي ڏني ۽ فرار ٿيل جوابدار جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي جاري آهي.

بقايا | 9 | روزاني عبرت

ڪرائڻ لاءِ ميڙ منٿ قافلو ،ڌريون ناهه لاءِ راضي ڳوٺ ياسين ۾ بروهي برادري جي ٻن ڌرين جهانگير بروهي ۽ گلشير بروهي وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار ختم ڪرائڻ لاءِ ڊويزن سطح جو ميڙ منٿ قافلو اڳوڻي صوبائي صلاحڪار محمد امين مينگل، جيڪب آباد چيمبر آف ڪامرس جي صدر احمد علي بروهي، وڏيرو رسول بخش بروهي، سيد عبدالقادر شاهه امروٽي، جسقم اڳواڻ عبدالستار بروهي ،جميعت علماء اسلام اڳواڻ مولوي شفيق الرحمان پٺاڻ، شهري اتحاد صدر وفا عباسي، صحافين ۽ علائقي جي مختلف برادرين جي معززين، سيدن قرآن پاڪ سان گڏ جهيڙيندڙ ٻنهي ڌرين وٽ پهتا، ٻنهي ڌرين جي جهيڙي ۾ مارجي ويل وارثن ميڙ کي مان ڏيندي، ناهه لاءِ راضپو ظاهر ڪيو ٻنهي ڌرين ۾ هلندڙ تڪرار جو نبيرو جمعي ڏينهن 25 سيپٽمبر مينگل هائوس تي اڳوڻي صوبائي صلاحڪار امين مينگل جي سرپنچي ۾ ٿيندو.ياد رهي ته ٻنهي ڌرين ۾ هلندڙ خوني تڪرار تان 2 نوجوان حياتيون وڃائي ويٺا.

بقايا | 10 | روزاني عبرت

موئن جو دڙو مسافر ٽرين ۾ سفر پڻ ڪيو. ان موقعي تي ڳالهائيندي هنن چيو ته ٽرين جي بحاليءَ سان عوام کي سفري سهولتون ميسر ٿينديون ۽ مختلف شهرن وچ ۾ آمد و رفت وڌيڪ آسان ٿيندي. ايم پي اي ڊاڪٽر سڪندر علي شورو موئن جو دڙو مسافر ٽرين جي بحاليءَ کي علائقي جي عوام لاءِ اهم سفري سهولت قرار ڏيندي چيو ته هن سروس سان ڪوٽڙي، ڄامشورو، سيوهڻ، دادو، لاڙڪاڻو ۽ روهڙي سميت مختلف علائقن جي مسافرن کي فائدو پهچندو. هن پاڪستان ريلوي طرفان ٽرين سروس بحال ڪرڻ واري قدم کي ساراهيندي عوام تي زور ڏنو ته هو هن سفري سهولت مان ڀرپور فائدو وٺن. پير مظهر الحق موئن جو دڙو مسافر ٽرين جي بحاليءَ تي پاڪستان ريلوي جو ٿورو مڃيندي چيو ته هي ٽرين ڪوٽڙي، ڄامشورو، سيوهڻ، دادو، لاڙڪاڻو ۽ روهڙي تائين سفر ڪندي، جنهن سان انهن علائقن جي عوام کي ڀرپور فائدو حاصل ٿيندو. هن موئن جو دڙو مسافر ٽرين جي بحاليءَ لاءِ سنڌ اسيمبلي جي ميمبر بيرسٽر پير مجيب، سينيٽر دوست علي جيسر، ميمبر ريلوي اسٽينڊنگ ڪميٽي، ۽ سينيٽر شهادت اعوان، چيئرمين ريلوي اسٽينڊنگ ڪميٽي جي ڪوشش کي پڻ اهم قرار ڏنو ٻين سماجي شخصيتن پڻ ٽرين جي بحاليءَ لاءِ ڊگهي عرصي کان آواز اٿاريو ۽ جدوجهد جاري رکي، پير مظهر الحق عوام کي اپيل ڪئي ته هو موئن جو دڙو مسافر ٽرين ۾ وڌ کان وڌ سفر ڪن ۽ ٽڪيٽون خريد ڪن، ته جيئن هي سروس مستقل بنيادن تي بحال رهي ۽ عوام کي بهتر ۽ سستي سفري سهولتن جو سلسلو جاري رکي سگهجي، افتتاحي تقريب جي موقعي تي ريلوي اختيارين، سياسي ۽ سماجي شخصيتن ۽ شهرين جو وڏو انگ پڻ موجود هوجڏهن ٽرين کي ان موقعي تي رنگ برنگي جهنڊين سان سينگاريو ويو هو افتتاح جي موقعي تي دهل ۽ شرنائن جي گونج ناچ ۽ ڊانس ڪيو ويو

بقايا | 11 | روزاني عبرت

جي سينيئر صحافي عظيم باريجو ۽ سندس خاندان خلاف جهيڙي جو ڪوڙو ڪيس داخل ڪري حراسان ڪرڻ جي مذمت ڪندي صحافي ڀائرن کي انصاف فراهم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو. گڏجاڻي ۾ ٺهراءُ پاس ڪري اهو پڻ مطالبو ڪيو ويو ته سيوهڻ ۾ 5 ڏهاڪن کان صحافت ذريعي عوام جا مسئلا اعليٰ ايوانن تائين پهچائيندڙ ۽ بيماري جي بستري تي پهتل سينيئر صحافين غلام ياسين انصاري ۽ عبدالستار ملاح جي سرڪاري علاج لاءِ واهر ڪئي وڃي. اجلاس ۾ سيوهڻ جي سينيئر صحافي آخوند قائم الدين ميمڻ ۽ دوڙ جي صحافي عبدالله پنهور جي اچانڪ وڇوڙي تي ٻن منٽن جي خاموشي اختيار ڪندي مرحوم جي پوئترن سان ڏک جو اظهار ڪيو ويو ۽ سندن مغفرت لاءِ دعا گهري وئي. گڏجاڻي ۾ محقق راءِ سان علي بخش سولنگي کي پريس ڪلب جو خزانچي جو عهدو ڏنو ۽ نوجوان صحافي مير حمزه سمون کي پريس ڪلب جي ميمبرشپ ڏني وئي.

بقايا | 12 | روزاني عبرت

انور علي موريجو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا ان موقعي تي مظاهرين صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته علائقي ۾ بدامني ڏينهون ڏينهن وڌندي پئي وڃي، جنهن سبب شهري سخت پريشان آهن. هنن چيو ته گذريل رات هٿيارٻندن سندن هڪ نوجوان کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا. مظاهرين ايس ايس پي خيرپور کان مطالبو ڪيو ته واقعي جو نوٽيس وٺي ڦر جي رقم واپس ڪرائي وڃي .

بقايا | 13 | روزاني عبرت

ذوالفقار علي ڪوسو جي فرياد تي مک جوابدار الهرکيو ڪوسو ، پڌو ڪوسو سميت 8 جوابدارن خلاف قلم 302 ، 324 ، 114 ، 109 ، 35 پي پي سي تحت ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي آهي جنهن ۾ ڄاڻايو ويو آهي ته قتل ٿيل اظهر علي ڪوسو جي پسند جو پرڻو ڪيل ثريا ڪوسو جي اڳوڻي مڙس عبدالغفار ڪوسو هٿيارٻندن سان اچي نوجوان جو ٽنڊو محمد خان ۾ قتل ڪرايو آهي جنهن ۾ 8 جوابدار نامزد ڪيا ويا آهن ، پوليس ڪنهن به جوابدار جي گرفتاري ظاهر نه ڪئي آهي جڏهن ته ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته پوليس قتل واري واقعي ۾ مک جوابدار الهرکيو ڪوسو ۽ پڌو ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو آهي جنهن ۾ قتل ۾ استعمال ٿيل پسٽل به برآمد ڪيو ويو آهي.

بقايا | 14 | روزاني عبرت

گهرواري ۽ سندن ٽن ڌيئرن طور ڪئي وئي آهي سمورا لاش هڪ ئي ڪمري مان مليا. ڊاڪٽر عمر احسن آباد ۾ واقع ڪنهن اسپتال ۾ ڪم ڪندو هو.واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهتي ۽ ڪرائم سين يونٽ کي طلب ڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ايس پي ايسٽ زبير نذير شيخ ٻڌايو ته پاڙيسرين "مددگار 15" تي اطلاع ڏنو هو.پوليس اچي فليٽ جو دروازو ٽوڙي ۽ اندر داخل ٿي ته اتي هڪ ڪمري ۾ مڙس، زال ۽ سندن ٽن ٻارن جا لاش موجود هئا. هن ٻڌايو ته ڊاڪٽر عمر جو هڪ ڀاءُ پنجاب ۾ رهي ٿو جنهن هن معاملي کان پاڻ کي لاتعلقي جو اظهار ڪري ڇڏيو آهي. فوت ٿيل ننڍي ٻارن جي عمر 10 سالن کان گهٽ هئي. ايس ايس پي ايسٽ وڌيڪ چيو ته ڪرائم سين يونٽ هن وقت واقعي واري هنڌان ثبوت گڏ ڪري ورتا آهن. هن چيو ته هن مرحلي تي ڪنهن نتيجي تي پهچڻ جلد بازي هوندي ۽ موت جو سبب پوسٽ مارٽم کان پوءِ ئي طئي ٿي سگهندو. ريسڪيو عملدار لاشن کي پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل ڪري رهيا آهن ته جيئن موت جو سبب معلوم ڪري سگهجي. سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار واقعي بابت تفصيل طلب ڪيا آهن ۽ ايس ايس پي ايسٽ کي هدايت ڪئي آهي ته پوليس جي ابتدائي ردعمل ۽ ڪئيل قدمن بابت فوري طور تي آگاهه ڪيو وڃي. هن ڪيس جي حقيقتن ۽ حتمي نتيجن کي سامهون آڻڻ لاءِ مڪمل جاچ جا حڪم ڏنا. سنڌ جي گهرو ۽ قانون واري وزير جي ترجمان سهيل احمد جوکيو موجب واقعي جي بنيادي سببن ۽ محرڪن جو تعين واقعي واري هنڌان گڏ ڪيل اکين ڏٺن شاهدن جي بيانن ۽ حالتي ثبوتن جي تجزيي ذريعي ڪيو ويندو گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار ايس ايس پي ايسٽ کي هدايت ڪئي ته هو پنهنجي ذاتي نگرانيءَ ۾ واقعي جي جاچ کي موثر ۽ مربوط بڻائي ۽ جاچ جي اڳڀرائي بابت مسلسل آگاهي ڏيندو رهي.

بقايا | 15 | روزاني عبرت

اڳيان ويندڙ ٽريڪٽر ٽرالي کي پويان کان زوردار ٽڪر لڳي جنهن جي نتيجي ۾ ٽريڪٽر ٽرالي تي سوار مومل زال رنجيتو ڀيل ٻنهي گاڏين وچ ۾ اچي سخت زخمي ٿي پئي ۽ زخمن جا سور نه سهندي واقعي واري هنڌ ئي دم ڏئي ڇڏيو فوتي عورت مومل ڀيل ڊوروناري پرسان ٽيون ميل موري جي رهواسڻ هئي، حادثي جو اطلاع ملندي ئي ڊوروناري پوليس واقعي واري هنڌ پهچي بس کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو. جڏهن ته فوتي عورت جو لاش ضروري قانوني ڪارروائي ۽ پوسٽ مارٽم لاءِ سرڪاري اسپتال عمرڪوٽ منتقل ڪيو ويو واقعي جي خبر علائقي ۾ پکڙجڻ بعد سوڳ جي لهر ڇانئجي وئي، جڏهن ته فوتي عورت جي لاش گهر پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو.

بقايا | 16 | روزاني عبرت

جي پاڙي ۾ بااثر علي شير لنڊ پنهنجي جڳهه ۾ فحاشي جو اڏو هلائي ٿو جن خلاف اسان ڊي آءِ جي وٽ پڻ دانهيون ڏنيون انڪوائري به ڪئي وئي جيڪا سچ ثابت ٿي جنهن تان مذڪوره ماڻهون مڙجي مختلف بهانا ڪري پريشان ڪري رهيا آهن هن چيو هنن ڪيترائي ڀيرا اسان جو شيون چوري ڪيون آهن بااثر ماڻهن گذريل رات بجلي جو بهانو ڪري اسان جي گهر تي حملو ڪري، منهنجو برقعو ڦاڙي منهنجي تذليل ڪئي ۽ منهنجي ٻارن تي به تشدد ڪيو دانهن ڪئي پوليس وٽ وڃان ٿي ته پوليس به منهنجي نٿي ٻڌي. مجبور ٿي انصاف لاءِ هتي پهتي آهيان هن وڌيڪ چيو ته بااثر فحاشي سان گڏ منشيات جو ڪاروبار به ڪن ٿا، اسان پردي دار ۽ عزتدار شهري آهيون. هنن ماڻهن جي ڪري اسان جو ماحول ۽ نوجوان نسل خراب ٿي رهيو آهي. هي ايترا بااثر آهن جو هنن کان ڪير پڇڻ وارو ناهي. بااثرن کي منع ڪريون ٿا ته اسان کي ڪتا لفظ ڳالهائڻ سان گڏ ڌمڪيون ڏئي هراسان ڪن ٿا. هن آئي جي سنڌ. ڊي آئي جي حيدرآباد. ايس ايس پي ٽنڊوالهيار ۽ ٻين وس وارن کان گهر ڪئي ته بااثر خلاف قانوني ڪارروائي ڪري اسان کي تحفظ ڏئي انصاف ڪيو وڃي

بقايا | 17 | روزاني عبرت

هئا،امتحاني مرڪز تي اميدوارن جي چڪاس ۽ داخلا ڪانپوءِ کين مقرر ڪيل سيٽن تي ويهڻ جي اجازت ڏني وئي جڏهن ته امتحاني مرڪز اندر نظم ۽ ضبط برقرار رکڻ لاءِ لاڳاپيل عملي کي مقرر ڪيو ويو هو.اميدوارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو امتحاني ضابطن تي سختي سان عمل ڪندي ۽ ڪنهن به غير ضروري شيءِ کي امتحاني مرڪز اندر کڻي نه اچن. ايم ڊي ڪيٽ دوران نئين پاليسي تحت امتحاني پرچو يا سوالنامو امتحاني مرڪز کان ٻاهر کڻي وڃڻ تي پابندي لاڳو ڪئي وئي هئي ،اميدوار ٽيسٽ مڪمل ٿيڻ ڪانپوءِ سوالنامو امتحاني مرڪز اندر ئي جمع ڪرائي ويا.سنڌ جي مختلف شهرن ۾ ايم ڊي ڪيٽ لاءِ 7 امتحاني مرڪز قائم ڪيا ويا هئا، جتي مجموعي طور 34 هزار کان وڌيڪ اميدوار ميڊيڪل جي 5 هزار 100 سيٽن لاءِ امتحان ڏنو.ڪراچي ۾ 10 هزار 964، ڄامشوري ۾ 4 هزار 627، سکر ۾ 5 هزار 557، ميرپورخاص ۾ 2 هزار 93، شهيد بينظيرآباد ۾ 2 هزار 563 ۽ لاڙڪاڻي ۾ 3 هزار 123 اميدوار امتحان ۾ شريڪ ٿيا.

بقايا | 18 | روزاني عبرت

ٿي ويو هو سندس لاش ڪراچي مان خودڪشي جي حالت ۾ هٿ اچڻ بعد پوسٽ مارٽم ڪرائي عمرڪوٽ آندو ويو لاش عمرڪوٽ پهچڻ تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو جڏهن ته وارثن ۽ مٽن مائٽن جو روڄ راڙو ٻڌي ماحول سوڳوار ٿي ويو بعد ۾ فوتي نوجوان جون آخري رسمون ادا ڪيون ويون، جن ۾ سياسي، سماجي اڳواڻن، شهرين، مٽن مائٽن ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا | 19 | روزاني عبرت

مرتضيٰ ڀٽو جي 30 هين ورسي جي سلسلي ۾ تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن کي خطاب ڪندي ذيب ڪميٽي ضلعي ٺٽي جي اڳواڻن لالا ساگر شيخ زاهد ڪوهستاني ارباب جان علي سليمان گندرو مهدي حسن پالاري اسلم شيخ لقمان ڪاتيار ۽ ٻين چيو ته شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو وفاق جي علامت ۽ هڪ جمهوريت پسند دنيا جو عوامي ليڊر هو جنهن پاڪستان ۾ عوام جي حڪمراني جي ڳالهه ڪئي ۽ جمهوريت کي مضبوط ڏسڻ پئي چاهيو هنن چيو ته فيڊريشن کي شهيد مير مرتضي ڀٽو جهڙن ڪردارن جي ضرورت آهي پر افسوس آهي جو اهڙي عوامي ليڊر کي جمهوريت جي دعويدار پيپلزپارٽي جي حڪومت ۾ سرعام سندس ساٿين سان گڏ شهيد ڪيو ويو پر اڃا تائين سندس قاتل پنهنجي انجام تي پهچي نه سگهيا آهن هنن چيو ته شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي مشن تي ڪم ڪندي جونيئر ذوالفقار علي ڀٽو ۽ فاطمه ڀٽو جي قيادت ۾ پنهنجي سياسي جدوجهد جاري رکي عوام کي پنهنجا حق ڏياريا ويندا. بعد ۾ ذيب ڪميٽي جا اڳواڻ لالا ساگر شيخ ۽ زاهد ڪوهستاني جي اڳوائي ۾ چليا پرسان قريشي قبرستان پهچي شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو سان گڏ شهيد ٿيل رحيم بروهي جي آخري آرامگاهه تي پهچي حاضري ڀري دعا گهري ۽ شهيدن کي خراج تحسين پيش ڪيو.

بقايا | 20 | روزاني عبرت

مٽياري ضلعي ۾ منشيات سرعام آهي نوجوان نسل تباهي جي ڪناري تي آهي پوليس منٿلي عيوض ڪاروائي لاءِ تيار ناهي اسان منشيات خلاف ڀٽ شاهه ۾ آڪٽوبر جي مهيني ۾ وڏو جلسو ڪنداسين جنهن ۾ مٽياري ضلعي جو عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري پنهنجي نوجوان نسل کي منشيات کان پاڪ ڪرائيندا ان موقعي تي ماجد شاهه ۽ عمران تاج ميمڻ سائنس گڏ هئا

بقايا | 21 | روزاني عبرت

مٽياري ضلعي ۾ منشيات سرعام آهي نوجوان نسل تباهي جي ڪناري تي آهي پوليس منٿلي عيوض ڪاروائي لاءِ تيار ناهي اسان منشيات خلاف ڀٽ شاهه ۾ آڪٽوبر جي مهيني ۾ وڏو جلسو ڪنداسين جنهن ۾ مٽياري ضلعي جو عوام وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪري پنهنجي نوجوان نسل کي منشيات کان پاڪ ڪرائيندا ان موقعي تي ماجد شاهه ۽ عمران تاج ميمڻ سائنس گڏ هئا

بقايا | 22 | روزاني عبرت

سميت هر قسم جي گاڏين جي گذرڻ ۾ وڏي ڏکيائي پيش اچي رهي آهي، جڏهن ته روڊ جي وڌيڪ تباهي ۽ حادثن جو خدشو پڻ وڌي ويو آهي.علائقي واسين جو چوڻ آهي ته روڊ جي خراب حالت سبب روزانو وقت ۽ پئسي جو نقصان برداشت ڪرڻو پوي ٿو هنن لاڳاپيل اختيارين کان فوري طور روڊ جو نوٽيس وٺي، مرمت ڪرائڻ ۽ علائقي واسين جي پريشاني ختم ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.علائقي واسين جي اپيل، روڊ جي فوري مرمت ڪرائي، عوام کي محفوظ سفري سهولت فراهم ڪئي وڃي.

بقايا | 23 | روزاني عبرت

واراٻندي خلاف آبادگار سراپا احتجاج بڻجي ويا. مظاهرين ٽئين ڏينهن پڻ مين ملڪاڻي جهڏو روڊ کي ڌرڻو هڻي بند ڪري ڇڏيو. آبادگار اڳواڻ پير فياض شاهه راشدي، لطف علي ملڪاڻي، غلام نبي ملڪاڻي جي اڳوائي ۾ مظاهرين مين ملڪاڻي جهڏو روڊ بند ڪري آبپاشي کاتي جي ڪرپٽ آفيسرن جي خلاف شديد نعريبازي ڪئي. آبادگار اڳواڻن جو چوڻ هو ته مٿي درياهن ۽ واهن ۾ ڪٿي به پاڻي جي ڪا ڪوٽ ناهي تنهن باوجود پوڇڙ جي آبادگارن کي پنهنجي حصي جو پاڻي نه پيو ڏنو وڃي. آبادگارن جو اهو چوڻ هو ته پوڇڙ جي ماڻهن کي انهن جي حصي جو پاڻي ڏئي انهن جي فصلن کي تباهه ٿيڻ کان بچايو وڃي. وڌيڪ اهو به چوڻ هو ته واراٻندي جي باوجود به ڦراهو ريگيوليٽر مان نڪرندڙ شاخن کي پنهنجي حصي جو مقرر پاڻي نه پيو ڏنو وڃي جنهن جي ڪري پوڇڙ ۾ پوکيل فصل سڪي سڙي تباهه ٿي رهيا آهن. مظاهرين طرفان "چانگ روٽيشن نامنظور "جا نعرا هنيا ويا. انهن چيو ته چانگ مان ايندڙ پاڻي جو وارو هفتي بدران صرف ٽي کان چار ڏينهن مس هلي ٿو تنهنڪري چانگ روٽيشن کي جلد کان جلد ختم ڪيو وڃي، جيئن پوڇڙ جي آبادگارن کي انهن جو پورو حصو ملي سگهي ٻي طرف آبادگارن پاران پاڻي جي ڪوٽ خلاف سومر واري ڏينهن اڄ ملڪاڻي شريف شهر شٽر بند هڙتال جو سڏ ڏنو ويو آهي

بقايا | 24 | روزاني عبرت

اسين وارث ان جي ڳولا ڪري رهيا آهيون هنن دعوا ڪندي چيو ته هالا پوليس پڻ گم ٿيل اسان جي نوجوان مدثر ۽ ناري سميرا جي ڳولا ڪري رهي آهي جڏهن ته مختلف وقتن تي ڪراچي ۽ ٻين شهرن ۾ پڻ گم ٿيل ناري ۽ نوجوان جي لاءِ هالا پوليس ڇاپا هڻي رهي آهي پر اڃا تائين سندن ڳولا ۾ پوليس کي ڪا به اڳڀرائي نه ٿي آهي . محمد حسن عرف ابل کيريو چيو ته دايا برادري جي عورتن سندن بيان ۾ معزز شخصيتن جا نالا کڻي سياسي ساک متاثر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي جنهن سان اهو ثابت ٿئي ٿو ته هو ڪنهن سياسي ماڻهوءَ جي چرچ تي ڪوڙا ۽ من گهڙت بيان ڏئي اسان کي بدنام ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيون آهن جڏهن ته الزام هيٺ آيل اسان جي نوجوان مدثر جي دوستن ذاڪر سائد ، دودو ميمڻ ۽ جاويد ٻاچڙو سان اسان جو ڪوبه تعلق ناهي . هنن وڌيڪ چيو ته سوشل ميڊيا ذريعي کين خبر پئي آهي ته سندن نوجوان مدثر ۽ ناري سميرا عدالت ۾ نڪاح ڪيو آهي پر حقيقت ۾ اهڙي عمل بابت اسان کي ڪابه ڄاڻ نه آهي هنن وڌيڪ چيو ته کين قانون ۽ انصاف جي ادارن تي مڪمل اعتماد آهي ۽ ادارن سان تعاون ڪرڻ لاءِ پڻ تيار آهيون هنن اعلا اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جو نوٽيس وٺي صاف شفاف جاچ ڪئي وڃي -

بقايا | 25 | روزاني عبرت

ڏينهن کان يونيورسٽي ويندي مبينا طور اغوا ڪيو ويو هو جنهن کانپوءِ سندس لاش زيرو پوائنٽ پرسان اٿين جي باغ مان مليو عاقب عالماڻي ضلعي نوشهروفيروز جي شهر نارو شاهه جو رهواسي ٻڌايو پيو وڃي ۽ هو قائد عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي نوابشاهه ۾ 2026 بيچ جي فرسٽ ايئر جو شاگرد هو. لاش کي پيپلز ميڊيڪل اسپتال نوابشاهه منتقل ڪيو ويو آهي. واقعي بابت وڌيڪ تفصيل ۽ جاچ هلي رهي آهي.

بقايا | 26 | روزاني عبرت

دورو ڪري روڊن، پلن، انڊر پاس ۽ ٻين انفراسٽرڪچر منصوبن تي جاري ڪم جي رفتار ۽ معيار جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڊي جي ڪي ڊي اي زين العابدين انصاري ۽ لاڳاپيل عملدارن صوبائي وزير کي مختلف منصوبن تي جاري ڪم، لاڳت، مقرر وقت ۽ تعميراتي اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. عملدارن ٻڌايو ته ملير ميمڻ ڳوٺ ۾ 11.54 ڪلوميٽر ڊگهي روڊ جي تعمير جاري آهي، جنهن جي تخميني لاڳت 1428 ملين رپيا آهي. منصوبي تي تعميراتي ڪم فيبروري 2026ع ۾ شروع ڪيو ويو هو ۽ ان کي 24 مهينن اندر مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، روڊ جي ويڪر 7.3 ميٽر آهي، جڏهن ته منصوبي ۾ 125 ميٽر ڊگهو فلاءِ اوور پڻ شامل آهي. هي روڊ ايڪسپريس وي کان ملير ريور روڊ ذريعي تعمير ڪيو پيو وڃي، جنهن جي مڪمل ٿيڻ سان ملير ميمڻ ڳوٺ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن کي مک شاهراهن سان بهتر رابطي جي سهولت حاصل ٿيندي. صوبائي وزير کي اسڪيم 33 ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته چار وڏن روڊن جي تعمير جاري آهي، جڏهن ته مجموعي طور 24 ڪلوميٽر ڊگهي ٻن طرفن واري روڊ جي تعمير واري منصوبي جي تخميني لاڳت 1987 ملين رپيا آهي ۽ منصوبي جو تقريبن 70 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي، جڏهن ته منصوبي کي مقرر وقت کان اڳ مڪمل ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن. عملدارن موجب اسڪيم 33 ۾ تعمير هيٺ روڊن جو نيٽ ورڪ ايم نائن موٽر وي ۽ سپر هاءِ وي سان رابطي کي وڌيڪ بهتر بڻائيندو جڏهن ته مهراڻ روڊ کان لنڪ روڊ تائين تعمير ٿيندڙ روڊ جي ويڪر 10 ميٽر آهي، ان کان علاوه مدراس روڊ، رومي روڊ ۽ سچل سرمست روڊ کان لنڪ روڊ تائين روڊ جي تعمير پڻ جاري آهي. انهن منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان اسڪيم 33 ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ رهندڙ شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ٿينديون ۽ مک شاهراهن تائين پهچ ۾ آساني پيدا ٿيندي. بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته ٿڏو نالي وٽ روڊ جي تعمير سان گڏ پل پڻ تعمير ڪئي پئي وڃي، جنهن سان علائقي ۾ آمدرفت جا مسئلا گهٽ ڪرڻ ۽ ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي. سيد ناصر حسين شاهه منور انڊر پاس جو پڻ دورو ڪيو ۽ اتي جاري ترقياتي ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو لاڳاپيل عملدارن صوبائي وزير کي انڊر پاس جي تعميراتي مرحلن، جاري ڪم ۽ ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ لاءِ ڪئيل قدمن بابت بريفنگ ڏني. صوبائي وزير منصوبي جي مختلف حصن جو معائنو ڪندي لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته تعميراتي ڪم مقرر معيار موجب تيز رفتاري سان مڪمل ڪيو وڃي، جيئن شهرين کي آمدرفت ۾ سهولت ملي ۽ اهم شاهراهن تي ٽريفڪ جي دٻاءُ ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي. مڪاني حڪومت واري وزير سيد ناصر حسين شاهه سمورن منصوبن جو موقعي تي جائزو وٺندي لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته تعميراتي ڪم جي رفتار وڌيڪ تيز ڪئي وڃي، منصوبن کي مقرر وقت کان اڳ مڪمل ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ تعميراتي معيار تي ڪنهن به صورت ۾ سمجهوتو نه ڪيو وڃي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي ترقياتي منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان گڏ انهن جي معيار تي پڻ خاص ڌيان ڏئي رهي آهي، مختلف منصوبن جو مسلسل موقعي تي جائزو وٺڻ جو مقصد ڪم جي رفتار ۽ معيار جي سڌي ريت نگراني ڪرڻ آهي، ڪوشش آهي ته جيڪي منصوبا مقرر وقت کان اڳ مڪمل ٿي سگهن ٿا، انهن کي جلد مڪمل ڪري شهرين کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هن چيو ته ڪراچي ۾ ٽنين وڏن ڪيترن ئي روڊن جي تعمير ۽ بحالي تي ڪم جاري آهي، سنڌ حڪومت ترقياتي منصوبن لاءِ فنڊز فراهم ڪيا آهن، جڏهن ته ايف ڊبليو او سميت لاڳاپيل ادارن کي ڪراچي جي اهم منصوبن جون ذميواريون ڏنيون ويون آهن ۽ حڪومت جي خواهش آهي ته انهن منصوبن جا فائدا جلد عوام تائين پهچن. صوبائي وزير چيو ته ڪراچي جي روڊ انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ حڪومت جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي، نون روڊن، پلن ۽ انڊر پاسن جي تعمير سان گڏ مختلف علائقن کي ايم نائن موٽر وي، سپر هاءِ وي ۽ ٻين اهم شاهراهن سان ڳنڍيو پيو وڃي، جيئن وڌندڙ آبادي ۽ ٽريفڪ جي دٻاءُ کي نظر ۾ رکندي شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪري سگهجن .ناصر حسين شاهه چيو ته چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جو ترقي ۽ تعمير جو واضح ويزن آهي ۽ سنڌ حڪومت ان ئي ويزن تحت عوامي ڀلائي ۽ شهري انفراسٽرڪچر جي بهتري وارن منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي. هن چيو ته مڪاني ادارن کي يونين ڪائونسل کان ٽائون سطح تائين وڌيڪ بااختيار بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ۽ حڪومت چاهي ٿي ته مڪاني نظام عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪري. مڪاني چونڊن بابت سوال تي ناصر حسين شاهه چيو ته مڪاني چونڊن جو انعقاد اليڪشن ڪميشن جي دائري اختيار ۾ آهي، سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته مڪاني چونڊن ۾ غير ضروري دير نه ڪئي وڃي. پيٽروليم ليوي بابت سوال تي صوبائي وزير چيو ته چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري پڻ پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪري چڪو آهي، پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ سبب عوام کي رليف ۽ سهولت ملڻ گهرجي. سياسي معاملن بابت ڳالهائيندي ناصر حسين شاهه چيو ته تشدد ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي، سياسي اختلافن کي جمهوري ۽ پرامن طريقي سان حل ڪرڻ گهرجي، سياسي پارٽين کي عوامي مسئلن ۽ شهرين کي درپيش ڏکيائين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. صوبائي وزير لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته جاري ترقياتي منصوبن جي روزاني بنيادن تي نگراني ڪئي وڃي، تعميراتي ڪم ۾ معيار ۽ رفتار ٻنهي کي برقرار رکيو وڃي ۽ شهرين کي منصوبن جي مڪمل ٿيڻ لاءِ غير ضروري انتظار نه ڪرڻو پوي، سنڌ حڪومت جي ڪوشش آهي ته ڪراچي ۾ جاري ترقياتي منصوبن کي تيزي سان مڪمل ڪري شهر جي مختلف علائقن ۾ بهتر روڊ نيٽ ورڪ ۽ بنيادي شهري سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

بقايا | 27 | روزاني عبرت

محمدشهزاد ولد ارشاد سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي ريسڪيو ٽيم سميت موٽروي ۽ حد جي پوليس اسپتال پهچايو جڏهن ته LPGگيس سان ڀريل ٽرالر ڪلٽي ٿيڻ ڪري آس پاس جي ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس پکڙيل آهي

بقايا | 28 | روزاني عبرت

رسو ٻڌل لاش هٿ اچڻ واري اطلاع تي محرابپور پوليس وارث ۽ علائقي واسي واقعي واري هنڌ تي پهچي لاش شاخ مان ڪيرائي محرابپور اسپتال منتقل ڪري ڇڏيو جتان ضروري ڪاروائي بعد وارثن حوالي ڪيو ويو جڏهن ته وارثن لاش کڻي احتجاجن پوليس ٿاڻي جي گيٽ آڏو رکي جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو ان موقعي تي وارثن دانهيندي مقتول اختر پٺاڻ گذريل رات کان گم هيو جنهن جي ٿاڻي اين سي داخل هئڻ باوجود پوليس ڪو تحرڪ نه ورتو ۽ لاش مليو سندس جي ڪار شاخ جي ٿوري پنڌ تان مليو هنن وڌيڪ چيو ته جوابدارن اختر پٺاڻ کي اغوا ڪرڻ بعد کيس قتل ڪري لاش شاخ ۾ اڇلائي فرار ٿي ويا هنن چيو ته مقتول جو لاش ڳلي ۾ رسو ٻڌل ۽ شاخ جي ڪپر ۾ وڻ سان ٻڌل حالت ۾ مليو ٻئي پاسي پوليس موجب واقعي جي مختلف رخن کان جانچ ڪري جلد حقيقتون سامهون آنديون وينديون ياد رهي ته مقتول اختر پٺاڻ اصل ڪوئٽه جو رهاڪو آهي جيڪو گذريل سالن کان فيملي سميت محرابپور ۾ رهائش اختيار ڪئي آخري اطلاعن تائين واقعي جو ڪيس داخل نه ٿيو نه ئي ڪا گرفتاري عمل ۾ اچي سگهي.

بقايا | 29 | روزاني عبرت

الطاف بروهي کي ٻڌي سخت تشدد جو نشانو بڻايو ۽ کيس مارڪٽ ڪرڻ بعد مڇي جي تلاءِ تي قائم اوطاق مان بيٺري چوڪيدار جو پيل ڪيش رقم 15 رپين ۽ ٻيو سامان ڦر ڪري فرار ٿي ويا نوجوان وڪيل عتيق رفيق ميمڻ پاران مڪلي ٿاڻي تي رپورٽ درج ڪرائي وئي پوليس جا ڇاپا، ڪابه گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي بلاجواز هٿيارٻند ڌوهاري ڦسمر جي ماڻهن منهنجي مڇي جي تلاءِ تي ڪاهه ڪري چوڪيدار کي بدترين تشدد جو نشانو بڻائي يرغمال بڻائڻ بعد ڦرلٽ ڪئي آهي جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري ڦر ٿيل سامان برآمد ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ سخت احتجاج ڪيو ويندو، وڪيل عتيق رفيق ميمڻ پاران چتاءُ

بقايا | 30 | روزاني عبرت

حافظ نعيم الرحمان حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي خطاب ڪندي چيو آهي ته جماعت اسلامي عوام جي حقن لاءِ تحريڪ شروع ڪئي آهي، جنهن جو مقصد عوام جي مسئلن کي اجاگر ڪرڻ ۽ انهن جي حقن لاءِ آواز بلند ڪرڻ آهي.حافظ نعيم الرحمان جي استقبال لاءِ پهتل ماڻهن ۽ ڪارڪنن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته جنهن محبت ۽ جوش سان سندن استقبال ڪيو ويو ان تي هو ٿورائتو آهي.هن چيو ته جماعت اسلامي جو ڪو ذاتي يا پارٽي مفاد وارو ايجنڊا ناهي، پر هو عوام جي ترجماني ڪري رهيا آهن.پيٽرول جي قيمتن بابت ڳالهائيندي حافظ نعيم الرحمان دعويٰ ڪئي ته پيٽرول جي قيمت ۾ ٿيل واڌ ۾ 135 رپيا پيٽرول ليوي شامل آهي ،هن چيو ته جيڪڏهن عالمي مارڪيٽ ۾ حالتون بهتر ٿين ٿيون ته پيٽرول جي قيمت 200 رپين کان هيٺ اچي سگهي ٿي، جڏهن ته پيٽروليم ليوي جو عالمي مارڪيٽ ۾ پيٽرول جي قيمتن سان ڪو تعلق ناهي، جماعت اسلامي جي امير چيو ته حڪمران مافيا سان گڏ آهن ۽ وچولي ۽ غريب طبقي جي کيسي تي بار وڌو پيو وڃي،هن معاشي بحران بابت چيو ته ملڪ جي معاشي خرابي جو تعلق عوام سان نه، پر حڪمرانن جي عياشين سان آهي،حافظ نعيم الرحمان وڌيڪ چيو ته حڪمران پنهنجا جهاز ۽ مراعتون ڇڏڻ لاءِ تيار ناهن، جڏهن ته بيوروڪريسي کي به وڏيون مراعتون حاصل آهن.هن چيو ته جماعت اسلامي عوام جي ترجماني ڪري رهي آهي ۽ اڄ سندن قافلو روهڙي پهچندو سندس چوڻ هو ته ملڪ جي مختلف علائقن مان ماڻهو اسلام آباد ڏانهن روانا ٿيڻ شروع ٿي ويا آهن،حڪومت سان ڳالهين بابت حافظ نعيم الرحمان چيو ته حڪومتي ٽيم ڳالهين لاءِ اچي ٿي، پر انهن وٽ عوام کي ڏيڻ لاءِ ڪجهه به ناهي.

بقايا | 31 | روزاني عبرت

فنڪار فياض جويو گمبٽ ۾ ميڊيا اڳيان احتجاج ڪندي چيو ته پنهنجا درد لڪائي سنڌي قوم جو درد بيان ڪريون ٿا پر بدلي ۾ اسان سان تشدد ۽ تذليل ڪئي وڃي ٿي هن انصاف جو مطالبو ڪندي اختيارين واقعي جو نوٽيس وٺي ذميوارن خلاف ڪاروائي ڪري انصاف فراهم ڪيو وڃي .

بقايا | 32 | روزاني عبرت

ڪندي ڪيترن ئي ڪيسن ۾ گهربل ۽ روپوش جوابدار کي گرفتار ڪري ورتو. پوليس موجب، ايس ايڇ او ٿاڻو پٺڻي ڪاروائي ڪندي مبينا طور منشيات فروشي ۾ ملوث اربيلو شيخ کي گرفتار ڪيو پوليس گرفتار جوابدار جي قبضي مان 1500 گرام چرس هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي آهي. پوليس موجب گرفتار جوابدار منشيات سميت ٻين ڪيسن ۾ پڻ پوليس کي گهربل هو ۽ مختلف ڪيسن ۾ روپوش رهندو پئي آيو پوليس رڪارڊ موجب اربيلو شيخ خلاف ٿاڻي پٺڻي ۽ ٿاڻي روهڙي ۾ ڪيترائي ڪيس داخل ٿيل آهن. جوابدار خلاف ٿاڻي پٺڻي ۾ ڪيس نمبر 105/2026 قلم 353، 324 ۽ 397 تعزيرات پاڪستان تحت داخل آهي، جنهن ۾ جوابدار پوليس کي گهربل هو ان کان علاوه ڪيس نمبر 72/2024، 68/2025، 66/2025 ۽ 125/2024 قلم 9-C منشيات جي قانون تحت داخل ٿيل آهن، جن ۾ جوابدار کي اشتهاري قرار ڏنو ويو هو پوليس رڪارڊ موجب جوابدار خلاف ٿاڻي پٺڻي ۾ ڪيس نمبر 107/2026 قلم 9(1)B، ڪيس نمبر 32/2023 قلم C-9، ڪيس نمبر 122/2026 قلم C-9، جڏهن ته ٿاڻي روهڙي ۾ ڪيس نمبر 251/2011 قلم 9-B ۽ ٿاڻي پٺڻي ۾ ڪيس نمبر 38/2011 قلم 13-D تحت پڻ ڪيس داخل ٿيل آهن. پوليس جو چوڻ آهي ته گرفتار جوابدار خلاف وڌيڪ قانوني ڪاروائي جاري آهي.

بقايا | 33 | روزاني عبرت

سينارجا ريلوي اسٽيشن تي پهچڻ تي جماعت اسلامي جي اڳواڻن ۽ ڪارڪنن پاران شاندار استقبال ڪيو ويو ان موقعي تي حافظ نعيم الرحمان خطاب ڪندي چيو ته پيٽرول تي لڳايل ليوي ختم ڪري پاڪستان جي عوام کي مهانگائي ۽ مافيا جي چنبي مان نجات ڏياري وڃي هن چيو ته عوام کي بنيادي سهولتون ميسر ناهن جڏهن ته تعليمي ادارا تباهي جو شڪار آهن ۽ سنڌ جي موجوده حالتن کان به عوام چڱي ريت واقف آهي حافظ نعيم الرحمان وڌيڪ چيو ته ملڪ ۾ رائج موجوده نظام سبب عام ماڻهو سخت پريشانين کي منهن ڏئي رهيا آهن جماعت اسلامي عوام جي حقن ۽ هن سموري نظام خلاف تاريخي جدوجهد ڪري رهي آهي

بقايا | 34 | روزاني عبرت

لاءِ سندس وارثن پاران پاڪ ڪتاب کڻي خيرپور ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو .مظاهري جي اڳوائي محبت علي پٽو ، رابيل پٽو ، مسمات ممتاز پٽو ، مسمات فرحانه پٽو ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا.مظاهرين احتجاج ڪندي داهيندي چيو ته هڪ مهينو اڳ انجنيئر فيصل گلزار پٽو قتل ڪيس ۾ اسان جي ٻن ڄڻن عبدالحد پٽو ۽ اکين کان نابين علي گل پٽو کي بيگناهه ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو ويو آهي انجنيئر فيصل گلزار واقعي تي ان جي وارثن سان مڪمل پهرين ڏينهن کان گڏ هياسين پر پوءِ به پوليس بيگناهه اسان جي ٻنهي ڄڻن کي گرفتار ڪري وڏو ظلم ڪيو آهي .هنن چيو ته اسان جي نوجوان انجنيئر فيصل گلزار پٽو سان ڪا به دشمني نه هئي بنا جواز بااثر ڌر اسان کي ڏوهي قرار ڏئي رهي آهي جيڪا وڏي زيادتي آهي پوليس به ڪو تدارڪ نه ٿي ڪري. هنن چيو ته فيصل گلزار پٽو اسان جو به ٻچو هو ان جي قتل ڪيس ۾ اسان ملوث ناهيون اسان کي ذاتي بنياد تحت سازش تحت ڦاسايو پيو وڃي.هنن آءِ جي سنڌ ، گهرو وزير سميت ٻين اختيارين کان مطالبو ڪيو ته معاملي جو نوٽيس وٺي شفاف انڪوائري ڪري فيصل گلزار پٽو جا اصل قاتل پڪڙيا وڃن ۽ اسان جي بيگناهه گرفتار ٿيلن کي آزاد ڪيو وڃي .

بقايا | 35 | روزاني عبرت

عورتن ۽ ٻارڙن وڏي انگ ۾ ڏڄلڻ ڪئي راما پير جي گيتن تي رقص ڪندا پيرين پنڌ ٽنڊوغلام علي مندر تي پهتا، ميلي ۾ ايندڙ ياترين ۽ پريمين مندر تي ڌڄاڻون چاڙهي پوڄا پاٺ ڪئي ميلي ۾ ايندڙ سڀني ياترين لاءِ پوڄن يعني پنڊارو صاحب ڪرائڻ جو سلسلو پڻ سڄو ڏينهن جاري رهيو جڏهن ته ان سان گڏ شربت ۽ ٿڌي پاڻي جا اسٽال پڻ لڳايا ويا، جنهن ۾ شيودارين لالچند عرف لالو ٺاڪر رامسن ماياڻي اقليتي ڪائونسلر صوفي رميش ڪمار ڀيل، سومجي ڀيل واگها رام ٺاڪر سيٺ راجو ٺاڪر ماسٽر رميش ٺاڪر حڪمون ڪاريو سميت مندر جي شيوداري ڪاميٽي جي ميمبرن امرو ٺاڪر راجو ٺاڪر بابو ٺاڪر اشوڪ ڪمار ٺاڪر جيتن ٺاڪر پريم ٺاڪر سنتوش ايس ڪي ڀيل ۽ ٻين سڀني آيل ياترين کي پنڊارو صاحب جو پوڄن ڪرائي شربت ۽ پاڻي پياري شيوا ڪئي ميلي ۾ ايندڙ مردن نوجوانن ۽ ٻارڙن طرفان راما پير جي گيتن تي خوشي جو اظهار ڪندي رقص پڻ ڪيو هڪ ڏينهن واري ميلي ۾ ايندڙ ياترين لاءِ تفريح لاءِ جهولا پڻ لڳايا ويا ۽ مختلف شين جي خريداري لاءِ اسٽال پڻ لڳايا. ميلي جي پڄاڻي تي آخر ۾ ملڪ ۽ قوم جي خوشحالي امن پائيداريءَ سلامتي لاءِ پڻ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون.

بقايا | 36 | روزاني عبرت

رپيا في ليٽر تائين رليف ڏيڻ بابت اعلان ڪانپوءِ ڪيترن ئي ماڻهن جي موبائل فونن تي رليف بابت پيغام به موصول ٿيا، پر اهي شهري عملي طور تي رليف حاصل ڪرڻ لاءِ پيٽرول پمپن جا چڪر ڪاٽڻ باوجود سهولت کان محروم آهن.متاثر شهرين الزام لڳايو آهي ته 100 رپيا في ليٽر رليف ڏيڻ جو اعلان عملي طور تي ڪيترن ئي هنڌن تي نظر نٿو اچي، ۽ ان جو طريقيڪار سامهون نظر اچي رهيو آهي جنهن ڪري سرڪاري اسڪيم بابت عوام ۾ بيچيني وڌي رهي آهي. شهرين جو چوڻ آهي ته هو سرڪاري هدايتن موجب ميسج کڻي پمپن تي وڃن ٿا، پر کين رليف ڏيڻ بدران واپس موٽايو وڃي ٿو اگر شهرين کي آيل ميسج ذريعي رليف نه ٿو ڏنو وڃي ته پوءِ وزيراعظم اسڪيم مان شهري فائدو ڪيئن حاصل ڪري سگهندا شهرين جو وڌيڪ چوڻ هو ته پيٽرول مالڪ جتي رهيا آهن ته اهو پيڪيج صرف اشتهارن تائين محدود آهي شهرين ضلعي انتظاميا ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته فقيرآباد سميت ضلعي جي مختلف پيٽرول پمپن تي وزيراعظم پيٽرول رليف اسڪيم جي عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ فوري طور جاچ ڪرائي وڃي پيٽرول پمپ وارن هدايت ڪري عوام جي رليف پيڪيج کي يقيني بڻايو وڃي

بقايا | 37 | روزاني عبرت

روڊ بلاڪ ڪري ڇڏيو جڏهن ته زخمين کي ٽنڊوڄام اسپتال منتقل ڪيو ويو بعد ۾ ٽنڊو ڄام پوليس پهچي احتجاج ختم ڪرائي ڇڏيو جڏهن ته ڪار ڊرائيور عمرڪوٽ واسي تاج محمد راهمون کي ڪار سميت تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ٻئي طرف پاڻڻ ڏين الزام هنيو ته پوليس ڪار ڊرائيور جي ونگار وهندي هٿيار ٺائي، ڌمڪيون ڏيئي احتجاج ختم ڪرايو.

بقايا | 38 | روزاني عبرت

ڪيو ويو ته 26 سيپٽمبر تي شام 4 وڳي ٽنڊو غلام علي جي چمبڙ ناڪي کان سنڌ محبت ريلي ڪڍي ويندي، جنهن جي اڳواڻي قومي عوامي تحريڪ جو مرڪزي صدر اياز لطيف پليجو ڪندو اجلاس ۾ چيو ويو ته ريلي جو مقصد سنڌ جي ورهاڱي ۽ نون صوبن جي قيام بابت ڪوشش خلاف سنڌ جي عوام ۾ سجاڳي ۽ آگاهي پيدا ڪرڻ آهي. اجلاس ۾ وڌيڪ فيصلو ڪيو ويو ته ريلي جي پڄاڻي بعد سمورا شرڪت ڪندڙ قافلي جي صورت ۾ ٺٽون دمبالو روانا ٿيندا، جتي ڪامريڊ محمد بچل آنڊائي جي چاليهي جي موقعي تي منعقد ٿيندڙ جلسي ۾ شرڪت ڪئي ويندي. اجلاس ۾ سنڌ محبت ريلي ۽ جلسي کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ حڪمت عملي جوڙي وئي، جڏهن ته پيغام گهر گهر پهچائڻ لاءِ مختلف ٽيمون جوڙي عهديدارن کي ذميواريون سونپيون ويون.اجلاس ۾ قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ عبدالله جاڏيس انور نوحاڻي، مجيد پکهيس نثار پرڳڙي، شوڪت نوحاڻي،گيان چند ميهشوري سڪندر ڪاٽ پال، مقصود پرڳڙي، حاجي نوحاڻي، رزاق بوزدار ايڊووڪيٽ ڏاڪر لغاري، جاويد سامي، لڇمڻ داس سميت وڏي انگ ۾ عهديدارن ۽ ڪارڪنن شرڪت ڪئي.

بقايا | 39 | روزاني عبرت

اجرڪ اوڍايا ويا، جتي عوامي ميڙاڪي کان پوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ٽي پي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته هي وقت ويهڻ جو ناهي سادگي ڇڏڻي پوندي هينئر ڪنهن جي آسري تي به ناهي ويهڻو دشمن پنهنجي پوري طاقت سان سنڌ تي هڻان حملا آور آهي هن چيو ته ڪراچي جا پاليل طوطا لاهور ۽ اسلام آباد جي سازشن ۾ مصروف آهن اسان جو ڪم 7 ڪروڙ ماڻهن کي جاڳائڻ آهي جيڪي سنڌ منهنجي امان سان سهمت آهن انهن کي پاڻ سان گڏ وٺي هلنداسين ۽ زبردست مزاحمت ٿيندي ۽ سنڌ جي بقا جي جنگ وڙهنداسين هن چيو ته سنڌ کي ٽوڙڻ جون ڳالهيون لاهور ۽ اسلام آباد مان ٿيون ٿيون ڪراچي ، سنڌ منهنجي امان امان جي نعري هيٺ پوري سنڌ کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون، اسان سڀني قومپرستن کي گڏ ٿيڻ جي دعوت ڏيون پڻ ٿا ته اچو گڏجي سنڌ جي بقا جي جنگ وڙهون

بقايا | 40 | روزاني عبرت

گار نٿي ڏي، اسان کي نوڪرين جا آڊر ن مليا ت اسان مجبورن بلاول هائوس سميت وزير اعلي هائوس آڏو احتجاج ڪنداسين

بقايا | 41 | روزاني عبرت

بي اي ٽيسٽ ۾ 40 کان وڌيڪ مارڪون حاصل ڪيون آهن، تنهن هوندي به هو اڃا تائين نوڪرين جا منتظر آهن. احتجاج ڪندڙن هاءِ ڪورٽ جي تازي فيصلي جو حوالو ڏيندي سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته آءِ بي اي پاس 40 پلس پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي ويٽنگ اميدوارن جو مسئلو قانون ۽ انتظامي طريقيڪار موجب حل ڪيو وڃي. ويٽنگ ٽيچرز خاص ڪميٽي جي چيئرمين سيد اويس قادر شاهه کي اپيل ڪئي ته خاص ڪميٽي جو اجلاس جلد کان جلد طلب ڪري ويٽنگ اميدوارن جي مسئلي تي سنجيدگي سان غور ڪيو وڃي ۽ ميرٽ ۽ انصاف جي بنياد تي فيصلو ڪيو وڃي. هنن سنڌ حڪومت کان مطالبو ڪيو ته سرڪاري اسڪولن ۾ موجود خالي جاين ۽ دستياب گنجائش کي نظر ۾ رکندي اهل ويٽنگ اميدوارن کي سندن حق ڏنو وڃي ته جيئن هو پنهنجي قابليت ۽ تعليم مطابق روزگار حاصل ڪري سگهن.

بقايا | 42 | روزاني عبرت

شروع ڪري ڇڏيو آهي، جنهن تحت بجلي پيدا ڪندڙ ۽ استعمال ڪندڙ وچ ۾ هڪ شفاف طريقيڪار ذريعي سڌي ريت بجلي جي خريد ۽ وڪرو ڪري سگهندا. اڄ ڏينهن ميڊيا سان ڳالهائيندي هن چيو ته هن وقت پاڪستان ۾ بجلي حڪومت خريد ڪري ٿي ۽ پنهنجي رسد جي نظام ذريعي صارفين تائين پهچائي ٿي جڏهن ته بجلي جي قيمت آءِ پي پيز ۽ واپڊا سميت مختلف معاملن تي گذريل 25 - 30 سالن کان سوال اٿندا رهن ٿا. وفاقي وزير چيو ته وزيراعظم محمد شهباز شريف جي حڪومت گذريل 25 کان 30 سالن کان غور هيٺ هن اداري کي عملي شڪل ڏيڻ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي. نئين نظام تحت حڪومت لاءِ بجلي جي خريداري لازمي نه هوندي ۽بجلي پيدا ڪندڙ ۽ استعمال ڪندڙن جو پاڻ ۾ سڌي ريت رابطي ذريعي بجلي جي خريد ۽ وڪرو ٿي سگهندو. هن چيو ته هن نظام جو پهريون مرحلو صنعتي ۽ وڏن بجلي صارفين لاءِ شروع ڪيو پيو وڃي جنهن ۾ هڪ ميگاواٽ يا ان کان وڌيڪ بجلي استعمال ڪندڙ صارفين فائدو حاصل ڪري سگهندا. شفاف ميڪنازم تحت صارفين پنهنجي ضرورت موجب سستي بجلي خريد ڪري سگهندا. هن چيو ته هي نظام مسلسل واڌ اسختيار ڪندو ۽ ايندڙ ڪجهه سالن ۾ عام صارفين جن ۾ 200 ۽ 400 يونٽ استعمال ڪندڙ صارفين پڻ شامل آهن تائين ان جا فائدا پهچائيندا ان جي نتيجي ۾ بجلي جي هڪ مارڪيٽ وجود ۾ ايندي جتي صارفين پنهنجي مرضي سان سستي ترين بجلي خريد ڪري سگهندا. هن چيو ته سستي بجلي سان صنعت کي به فائدو ٿيندو ۽ صنعتي شعبو عالمي مارڪيٽ ۾ پنهنجي شين کي وڌيڪ چئلينجي وارن اگهن ۾ پيش ڪري سگهندو بجلي جي خرچن ۾ گهٽتائي سان پاڪستاني شين جي روانگي واپار ۾ به مدد ملندي. وفاقي وزير چيو ته گذريل ٻن سالن دوران حڪومت ان مقصد لاءِ جيڪي ڪوشش ڪيون، اڄ انهن کي عملي جامو پارايو پيو وڃي. هن چيو ته حڪومت قوم سان ڪيل واعدن کي پورو ڪرڻ جي شروعات ڪري ڇڏي آهي.

بقايا | 43 | روزاني عبرت

دورو ڪري روڊن، پلن، انڊر پاس ۽ ٻين انفراسٽرڪچر منصوبن تي جاري ڪم جي رفتار ۽ معيار جو جائزو ورتو ان موقعي تي ڊي جي ڪي ڊي اي زين العابدين انصاري ۽ لاڳاپيل عملدارن صوبائي وزير کي مختلف منصوبن تي جاري ڪم، لاڳت، مقرر وقت ۽ تعميراتي اڳڀرائي بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. عملدارن ٻڌايو ته ملير ميمڻ ڳوٺ ۾ 11.54 ڪلوميٽر ڊگهي روڊ جي تعمير جاري آهي، جنهن جي تخميني لاڳت 1428 ملين رپيا آهي. منصوبي تي تعميراتي ڪم فيبروري 2026ع ۾ شروع ڪيو ويو هو ۽ ان کي 24 مهينن اندر مڪمل ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو ويو آهي، روڊ جي ويڪر 7.3 ميٽر آهي، جڏهن ته منصوبي ۾ 125 ميٽر ڊگهو فلاءِ اوور پڻ شامل آهي. هي روڊ ايڪسپريس وي کان ملير ريور روڊ ذريعي تعمير ڪيو پيو وڃي، جنهن جي مڪمل ٿيڻ سان ملير ميمڻ ڳوٺ ۽ ڀرپاسي وارن علائقن کي مک شاهراهن سان بهتر رابطي جي سهولت حاصل ٿيندي. صوبائي وزير کي اسڪيم 33 ۾ جاري ترقياتي منصوبن بابت بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ويو ته چار وڏن روڊن جي تعمير جاري آهي، جڏهن ته مجموعي طور 24 ڪلوميٽر ڊگهي ٻن طرفن واري روڊ جي تعمير واري منصوبي جي تخميني لاڳت 1987 ملين رپيا آهي ۽ منصوبي جو تقريبن 70 سيڪڙو ڪم مڪمل ٿي چڪو آهي، جڏهن ته منصوبي کي مقرر وقت کان اڳ مڪمل ڪرڻ جون ڪوششون جاري آهن. عملدارن موجب اسڪيم 33 ۾ تعمير هيٺ روڊن جو نيٽ ورڪ ايم نائن موٽر وي ۽ سپر هاءِ وي سان رابطي کي وڌيڪ بهتر بڻائيندو جڏهن ته مهراڻ روڊ کان لنڪ روڊ تائين تعمير ٿيندڙ روڊ جي ويڪر 10 ميٽر آهي، ان کان علاوه مدراس روڊ، رومي روڊ ۽ سچل سرمست روڊ کان لنڪ روڊ تائين روڊ جي تعمير پڻ جاري آهي. انهن منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان اسڪيم 33 ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ رهندڙ شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ٿينديون ۽ مک شاهراهن تائين پهچ ۾ آساني پيدا ٿيندي. بريفنگ دوران ٻڌايو ويو ته ٿڏو نالي وٽ روڊ جي تعمير سان گڏ پل پڻ تعمير ڪئي پئي وڃي، جنهن سان علائقي ۾ آمدرفت جا مسئلا گهٽ ڪرڻ ۽ ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ ۾ مدد ملندي. سيد ناصر حسين شاهه منور انڊر پاس جو پڻ دورو ڪيو ۽ اتي جاري ترقياتي ڪم جو تفصيلي جائزو ورتو لاڳاپيل عملدارن صوبائي وزير کي انڊر پاس جي تعميراتي مرحلن، جاري ڪم ۽ ٽريفڪ جي رواني بهتر بڻائڻ لاءِ ڪئيل قدمن بابت بريفنگ ڏني. صوبائي وزير منصوبي جي مختلف حصن جو معائنو ڪندي لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته تعميراتي ڪم مقرر معيار موجب تيز رفتاري سان مڪمل ڪيو وڃي، جيئن شهرين کي آمدرفت ۾ سهولت ملي ۽ اهم شاهراهن تي ٽريفڪ جي دٻاءُ ۾ گهٽتائي آڻي سگهجي. مڪاني حڪومت واري وزير سيد ناصر حسين شاهه سمورن منصوبن جو موقعي تي جائزو وٺندي لاڳاپيل عملدارن کي هدايت ڪئي ته تعميراتي ڪم جي رفتار وڌيڪ تيز ڪئي وڃي، منصوبن کي مقرر وقت کان اڳ مڪمل ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن ۽ تعميراتي معيار تي ڪنهن به صورت ۾ سمجهوتو نه ڪيو وڃي. ان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي ناصر حسين شاهه چيو ته سنڌ حڪومت ڪراچي جي ترقياتي منصوبن جي مڪمل ٿيڻ سان گڏ انهن جي معيار تي پڻ خاص ڌيان ڏئي رهي آهي، مختلف منصوبن جو مسلسل موقعي تي جائزو وٺڻ جو مقصد ڪم جي رفتار ۽ معيار جي سڌي ريت نگراني ڪرڻ آهي، ڪوشش آهي ته جيڪي منصوبا مقرر وقت کان اڳ مڪمل ٿي سگهن ٿا، انهن کي جلد مڪمل ڪري شهرين کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن. هن چيو ته ڪراچي ۾ ٽنين وڏن ڪيترن ئي روڊن جي تعمير ۽ بحالي تي ڪم جاري آهي، سنڌ حڪومت ترقياتي منصوبن لاءِ فنڊز فراهم ڪيا آهن، جڏهن ته ايف ڊبليو او سميت لاڳاپيل ادارن کي ڪراچي جي اهم منصوبن جون ذميواريون ڏنيون ويون آهن ۽ حڪومت جي خواهش آهي ته انهن منصوبن جا فائدا جلد عوام تائين پهچن. صوبائي وزير چيو ته ڪراچي جي روڊ انفراسٽرڪچر کي بهتر بڻائڻ حڪومت جي اهم ترجيحن ۾ شامل آهي، نون روڊن، پلن ۽ انڊر پاسن جي تعمير سان گڏ مختلف علائقن کي ايم نائن موٽر وي، سپر هاءِ وي ۽ ٻين اهم شاهراهن سان ڳنڍيو پيو وڃي، جيئن وڌندڙ آبادي ۽ ٽريفڪ جي دٻاءُ کي نظر ۾ رکندي شهرين کي بهتر سفري سهولتون فراهم ڪري سگهجن .ناصر حسين شاهه چيو ته چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جو ترقي ۽ تعمير جو واضح ويزن آهي ۽ سنڌ حڪومت ان ئي ويزن تحت عوامي ڀلائي ۽ شهري انفراسٽرڪچر جي بهتري وارن منصوبن تي ڪم ڪري رهي آهي. هن چيو ته مڪاني ادارن کي يونين ڪائونسل کان ٽائون سطح تائين وڌيڪ بااختيار بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن ۽ حڪومت چاهي ٿي ته مڪاني نظام عوام کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ وڌيڪ اثرائتو ڪردار ادا ڪري. مڪاني چونڊن بابت سوال تي ناصر حسين شاهه چيو ته مڪاني چونڊن جو انعقاد اليڪشن ڪميشن جي دائري اختيار ۾ آهي، سنڌ حڪومت چاهي ٿي ته مڪاني چونڊن ۾ غير ضروري دير نه ڪئي وڃي. پيٽروليم ليوي بابت سوال تي صوبائي وزير چيو ته چيئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري پڻ پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جي ڳالهه ڪري چڪو آهي، پيٽرول جي قيمتن ۾ واڌ سبب عوام کي رليف ۽ سهولت ملڻ گهرجي. سياسي معاملن بابت ڳالهائيندي ناصر حسين شاهه چيو ته تشدد ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي، سياسي اختلافن کي جمهوري ۽ پرامن طريقي سان حل ڪرڻ گهرجي، سياسي پارٽين کي عوامي مسئلن ۽ شهرين کي درپيش ڏکيائين تي ڌيان ڏيڻ گهرجي. صوبائي وزير لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته جاري ترقياتي منصوبن جي روزاني بنيادن تي نگراني ڪئي وڃي، تعميراتي ڪم ۾ معيار ۽ رفتار ٻنهي کي برقرار رکيو وڃي ۽ شهرين کي منصوبن جي مڪمل ٿيڻ لاءِ غير ضروري انتظار نه ڪرڻو پوي، سنڌ حڪومت جي ڪوشش آهي ته ڪراچي ۾ جاري ترقياتي منصوبن کي تيزي سان مڪمل ڪري شهر جي مختلف علائقن ۾ بهتر روڊ نيٽ ورڪ ۽ بنيادي شهري سهولتون فراهم ڪيون وڃن.

بقايا | 44 | روزاني عبرت

گهرواري ۽ سندن ٽن ڌيئرن طور ڪئي وئي آهي سمورا لاش هڪ ئي ڪمري مان مليا. ڊاڪٽر عمر احسن آباد ۾ واقع ڪنهن اسپتال ۾ ڪم ڪندو هو.واقعي جي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ پهتي ۽ ڪرائم سين يونٽ کي طلب ڪيو ميڊيا سان ڳالهائيندي ايس ايس پي ايسٽ زبير نذير شيخ ٻڌايو ته پاڙيسرين "مددگار 15" تي اطلاع ڏنو هو.پوليس اچي فليٽ جو دروازو ٽوڙي ۽ اندر داخل ٿي ته اتي هڪ ڪمري ۾ مڙس، زال ۽ سندن ٽن ٻارن جا لاش موجود هئا.

نئين نظام تحت بجلي پيدا ڪندڙ ۽ صارف پاڻ ۾ سڌي ريٽ بجلي خريد ۽ وڪرو ڪري سگهندا: اويس لغاري

حڪومت بجلي جي خريد ۽ وڪري جي موجوده نظام ۾ بنيادي تبديلي آڻڻ شروع ڪري ڇڏي آهي

پهرين مرحلي ۾ هڪ ميگاواٽ يا ان کان وڌيڪ بجلي استعمال ڪندڙ صنعتي ۽ وڏا صارف فائدو حاصل ڪري سگهندا

ايندڙ مرحلن ۾ 200 ۽ 400 يونٽ بجلي استعمال ڪندڙ عام گهريلو صارفين تائين به نئون نظام وڌايو ويندو

اسلام آباد (اي پي پي) توانائي واري وفاقي وزير سردار اويس احمد لغاري چيو آهي ته حڪومت بجلي جي خريد ۽ وڪري جي موجوده نظام ۾ بنيادي تبديلي آڻڻ جي پنهنجي پراڻي عزم کي عملي جامو پارائڻ
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

راڻيپور: اسڪردو ۾ بارودي سرنگ ڦاٽڻ سبب شهيد ٿيل پاڪ فوج جو جوان ثناءالله راڄپر

نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف جي سي اسپارڪ ۾ شريڪ اهلڪارن سان ملاقات

سمنڊ ۽ ڪريڪس جي علائقن ۾ مقرر پاڪ بحريه جي مشق جي آپريشنل سرگرمين جو جائزو ورتو ويو

مشق دوران امن کان جنگي حالتن ڏانهن فوري منتقلي ۽ پاڪ بحريه جي آپريشنل تيارين جي مشق ڪئي وئي

راولپنڊي (اي پي پي) نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف نشان امتياز (ملٽري)، تمغه بصالت، مشق سي اسپارڪ 2026ع جي جائزي لاءِ سمنڊ ۽ ڪريڪس جي علائقي ۾ مقرر يونٽس جو دورو ڪيو. آءِ ايس پي آر طرفان جاري پريس رليز مطابق پهرين سيپٽمبر کان جاري اها ٻن سالن جي مشق
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

ڪراچي: نيول چيف ايڊمرل نويد اشرف مشق سي اسپارڪ 2026ع جي جائزي لاءِ سمنڊ ۽ ڪريڪس جي علائقي ۾ مقرر يونٽس جو دورو ڪندي

گاڙهو: ٽيٽيارو درياءَ پار ڪرڻ دوران 38 سالن جو شخص ٻڏي فوت

گاڙهو (ن ع) ڪيٽي بندر جي ڳوٺ احمد سمون لڳ آرچتو ٽيٽيارو درياءَ پار ڪرڻ
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

پاڪستان جي ترقي لاءِ پراعتماد، تعليم يافته ۽ نظم وضبط رکندڙ نوجوان نسل اڻٽر آهي: قيصر شيخ

نوجوانن کي علم، مهارتن ۽ قائداڻين صلاحيتن سان تيار ڪري ڪين موقعا فراهم ڪرڻ گهرجن

ڪيڊٽ ڪاليج ملير شاگردن ۾ اعتماد، نظم و ضبط، ڪردار ۽ قيادت جون صلاحيتون اجاگر ڪري رهيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) بورڊ آف انويسٽمينٽ واري وفاقي وزير قيصر احمد شيخ پرنسپل ڪيڊٽ ڪاليج ملير خزيمه گوهر جي دعوت تي اچر ڏينهن ڪيڊٽ ڪاليج ملير جو دورو ڪيس جتي پهچڻ تي
بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 5

روهڙي ويجهو باهه پکڙڻ سبب چڻن پورهيتن جا گهر سڙي رک

نئين آبادي واسي منظور، عزيز الله عطا الله ۽ يوسف شيخ جي گهرن کي باهه وڪوڙيو

الهه تلهه رک ٿيڻ بعد معصوم سميت کليل آسمان هيٺ زندگي گذارڻ تي مجبور آهيون، مدد ڪئي وڃي: متاثر

سکر(بيورو رپورٽ) روهڙي ويجهو ٽنڊو بوراهه نئين آبادي گڏاڙو ۾ اوچتو باهه پکڙڻ سبب چڻن پورهيتن منظور شيخ، عزيز الله عطا الله ۽ يوسف شيخ جن جا گهر سڙي رک ٿي ويا، متاثر خاندانن ٻڌايو
بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 5

پير جو ڳوٺ پوليس پاران مقابلي بعد ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور(ڊ ر) پير جو ڳوٺ پوليس جو لوڙا موڙ پرسان ڌاڙيلن سان مقابلو ٿيو جنهن دوران هڪ ڌاڙيل کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته سندس هڪ
بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 5

ڳڙهي ياسين لڳ بروهي برادري ۾ هلندڙ خوني تڪرار ختم ڪرائڻ لاءِ ميڙ منٿ قافلو

صوبائي صلاحڪار محمد امين مينگل، احمد علي بروهي، وڏيرو رسول بخش بروهي ۽ ٻين ڌرين کي ناهه لاءِ منٿ ڪئي

ٻنهي ڌرين جي جهيڙي ۾ مارجي ويلن وارثن ميڙ کي مان ڏيندي، ناهه لاءِ راضپو ظاهر ڪيو

قافلي جي اڳواڻن پاران نبيرو 25 سيپٽمبر مينگل هائوس تي ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو

ڳڙهي ياسين (رپورٽ سليم احمد سومرو) ڳڙهي ياسين لڳ بروهي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ هلندڙ خوني تڪرار ختم
بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن کان موهن جو دڙو مسافر ٽرين جي ٻيهر شروعات

پير مظهرالحق ۽ ڊاڪٽر سڪندر علي شورو ٻين ٽڪيٽ وٺي ٽرين ۾ سفر پڻ ڪيو

ٽرين بحالي ۾ سان جامشورو، سيوهڻ، دادو، لاڙڪاڻو ۽ مختلف علائقن جي مسافرن کي فائدو پهچندو: اڳواڻ

ڪوٽڙي (رپورٽ: حسين شورو) ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن کان موهن جو دڙو مسافر ٽرين جي باقاعده ٻيهر شروعات ڪئي وئي جنهن سان شهرين ۽ مسافرن ۾ خوشيءَ جي لهر ڇانئجي وئي. ٽرين جي بحاليءَ جو افتتاح پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينيئر ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي ميمبر ۽ اڳوڻي صوبائي وزير تعليم پير مظهرالحق، ايم پي اي ڊاڪٽر سڪندر علي شورو سان گڏجي ڪيو. افتتاحي تقريب جي موقعي تي پير مظهرالحق ۽ ڊاڪٽر سڪندر علي شورو ٻين شخصيتن سان گڏ ڪوٽڙي ريلوي اسٽيشن تان ٽڪيٽ خريد ڪري
بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 5

سکر: ڊي ايس ريلوي سکر فرحان غني موهن جو دڙو ايڪسپريس ٽرين جو افتتاح ڪندي

سيوهڻ جي صحافين جي گڏجاڻي، قلم ڏيڻ تي داخل ڪوڙا ڪيس ختم ڪرڻ جو مطالبو

سيوهڻ(ن ع) نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ جي اهم گڏجاڻي ڪالهه صدر ذوالفقار سولنگي جي ٿي گذري، جنهن ۾ ڪوٽڙي
بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 5

عمرڪوٽ لڳ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ بس ۾ ٽڪر، عورت فوت

ڏوروناڙو ويجهو بس جو بريڪ فيل ٿيڻ سبب بس اڳيان ويندڙ ٽريڪٽر ٽرالي کي ٽڪر هنيو

حادثي جي نتيجي ۾ ٽريڪٽر ٽرالي تي سوار مومل ڀيل موقعي تي دم ڏنو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو، ڪارروائي بعد وارثن حوالي

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ جي علائقي ڏوروناڙو ويجهو ٽيون سيل موري وٽ خوفناڪ روڊ حادثي ۾ ٽريڪٽر ٽرالي ۽ بس وچ ۾ اچي هڪ عورت فوت ٿي وئي، خبر موجب بس جو بريڪ فيل ٿيڻ سبب بس
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

خيرپور لڳ سم نالي جا ڪپر ٽٽڻ ڪري پاڻي ڳوٺ نارو ڏوڙو ۾ ڪاهي پيو، احتجاج

پاڻي سبب ووڻ، ڪمند، سبزيون، مڪئي، ڪيلا ۽ ٻيون فصلون ٻڏي ويون

ڳوٺاڻن پاران اسڪارپ کاتي جي عملدارن خلاف احتجاج، نقصان جي ازالي جو مطالبو

خيرپور(ڊ ر) خيرپور لڳ ڳوٺ نارودڙو وٽ سم نالي جا ڪپر ٽٽڻ ڪري پاڻي ڳوٺ ناروڏوڙو ۾ ڪاهي پيو آهي جڏهن ته پاڻي مختلف فصلن ووڻ ،ڪمند،سبزيون،مڪئي، ڪيلا،پاڻي هيٺ اچي ويا آهن جنهن ڪري ڳوٺاڻن کي لکين روپين جو نقصان رسيو آهي جڏهن ته متاثر ڳوٺاڻن پاران سخت احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جن پاران دانهيندي ٻڌايو ته اسڪارپ کاتي جي نااهلي ڪري سم نالي جا ڪپر ٽٽڻ ڪري پاڻي ڳوٺن ۾ ٻيهڻ سان گڏ فصل ٻوڙي ڇڏيا آهن هنن چيو ته جيڪڏهن ازالو نه ڪيو ته عدالت جو دروازو کڙڪائينداسين.

حيدرآباد: ڊاڪٽر شاهه سندر مير حسين آباد ۾ هندو برادري جي تقريب کي خطاب ڪندي

پي ٽي آءِ ٽنهي صوبن جي حمايت ناهي ڪئي، ضلعي نظام تباهه آهي: مخدوم محسن

عليمه خان جي گرفتاري 27 ڊسمبر واري جلسي کي روڪڻ جي سازش آهي، پي ٽي آءِ اڳواڻ

ملياري جي ڳوٺن ۾ گٽر، روڊ ۽ صحت جون سهولتون ناهن، تعليم جو نظام به تباهه آهي

اوڏيرولال (ن ع) پي ٽي آءِ اڳواڻ مخدوم محسن اوڏيرولال اسٽيشن ڀٽو عوامي پريس ڪلب اوڏيرولال اسٽيشن ۾ اهم پريس ڪانفرنس ڪندي چيو ته پي ٽي آءِ ڪڏهن به نون صوبن ۽ انتظامي يونٽ جي حمايت نه ڪئي آهي نه ڪندي عمران خان جي ڀيڻ عليمه خان جي گرفتاري 27 ڊسمبر واري جلسي کي روڪڻ جي سازش آهي ان وڌيڪ چيو ته هن هن وقت سموري ملياري ضلعي جو نظام تباهه ٿي ويو آهي ملياري ضلعي جي ڳوٺن ۾ نه سڱي گٽر جي سهولت آهي نه روڊن جي ۽ نه وري صحت جي ضلع جي تعليم تباهه آهي
بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 5

اوڏيرولال: پي ٽي آءِ اڳواڻ مخدوم محسن پريس ڪانفرنس ڪندي

حيدرآباد ۾ ٽراٽسڪي جي ڪتاب 'انهن جي اخلاقيات ۽ اسان جي اخلاقيات' جي اردو ترجمي جي مهورت

حيدرآباد پريس ڪلب ۾ تقريب، ترقي پسند دانشورن، سياسي ۽ سماجي اڳواڻن، شاگردن ۽ نوجوانن جي شرڪت

جنگ ۽ بحرانن دوران حڪمران طبقا طبقاتي مفادن کي ترجيح ڏين ٿا، عام اخلاقي اصول متاثر ٿين ٿا: مقررين

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) عمران ڪامياڻ پاران ٽراٽسڪي جي ڪتاب "انهن جي اخلاقيات ۽ اسان جي اخلاقيات"جي اردو ترجمي جي مهورت واري تقريب ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ منعقد ٿي تقريب ۾ ترقي پسند دانشورن ۽ اڳواڻن چيو ته جڏهن به سماج ۾ جنگ يا ڪو غيرمعمولي بحران پيدا ٿيندو آهي ته عام اخلاقي اصول ناڪام ٿي ويندا آهن چاڪاڻ ته حڪمران طبقا پنهنجي طبقاتي مفادن کي وڌيڪ اهميت ڏيندا آهن هن تقريب جي ميزباني پاڪستان ٽريڊ يونين ڊفينس ڪئمپين ۽ ريوولوشنري اسٽڊي گروپ جي سهڪار
بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 5

خيرپور گمبوه جي شاخن ۾ پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ خلاف آبادگار روڊن تي نڪري آيا

ملڪاڻي ـ جهڏو روڊ تي ٽئين ڏينهن به ڌرڻو، آبادگارن پاران آبپاشي کاتي جي عملدارن خلاف نعريبازي

پرچڙ جي آبادگارن کي حصي جو پاڻي نه ملڻ سبب فصل سڪي سڙي تباهه ٿي رهيا آهن: آبادگار

"چانگ روٽيشن نامنظور" جا نعرا، پاڻي جي ڪوٽ خلاف سومر تي ملڪاڻي شريف ۾ شٽر ڊائون هڙتال جو اعلان

ٽنڊوباگو (ٽ ر) سب ڊويزن خيرپور گمبوه جي شاخن ۾ پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ ۽
بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوباگو: سب ڊويزن خيرپور گمبوه جي شاخن ۾ پاڻي جي هٽرادو ڪوٽ احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

گمبٽ پرسان لالڻ واهه مائنر تي ٺهيل روڊ هنڌان هنڌان اکڙي ويو، رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

گمبٽ (ٽ.ر) گمبٽ پرسان لالڻ واهه مائنر جي ڪپر سان ٺهيل روڊ هنڌان هنڌان اکڙي ويو علائقي واسي سخت پريشان لالڻ واهه مائنر جي ڪپر سان ٺهيل روڊ هنڌان هنڌان ٽٽي ۽ اکڙي وڃڻ سبب علائقي واسين کي روزاني اچ وڃ ۾ سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پوي ٿو روڊ جي خراب حالت سبب ڪار، ٽريڪٽر ٽرالي ۽ موٽرسائيڪل
بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 5

باڪو: پاڪستان سفارتخاني جي منعقد قومي لباس جي ڏينهن جي تقريب ۾ شريڪ نارين

راڻيپور واسي فوجي جوان اسڪردو ۾ بارودي سرنگ ڦاٽڻ سبب شهيد

ڳوٺ پيروز حاجي راڄپر واسي جوان ثناءالله پاڪ وطن تي جان نڇاور ڪئي

شهيد جو تڏو اباڻي ڳوٺ ۾ وڇايو ويو، جنازي نماز اڄ ادا ڪئي ويندي

راڻيپور(ن ع) ڪنڊيجي لڳ ڳوٺ پيروز حاجي راڄپر جو رهواسي پاڪ فوج جو جوان ثناءالله حاجي راڄپر اسڪردو ۾ دوران ديوٽي بارودي سرنگ ڦاٽڻ سبب شهيد ٿي ويو شهيد جوان ثناءالله حاجي راڄپر پاڪ فوج جو جوان هيو وطن جي حفاظت ڪندي پنهنجي جان جو نذرانو پيش ڪري ملڪ ۽ قوم لاءِ قرباني ڏئي ڇڏي جڏهن ته شهيد جو تڏو ڳوٺ ڪنڊيجي پرسان پيروز حاجي ۾ وڇايو ويو آهي سندس جي جنازي نماز سپاٽي ڪنڊيجي محمدي عيدگاهه ۾ ادا ڪئي ويندي جڏهن ته سندس وارثن جو چوڻ آهي ته الله پاڪ شهيد جي شهادت قبول
بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 5

آٽو انڊسٽري پاڪستان جي صنعتي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي: احسن اقبال

ملڪ جي پيداواري ڍانچي کي جديد ٽيڪنالاجي ۽ عالمي معيار سان هم آهنگ ڪيو پيو وڃي

نوجوانن کي عالمي معيار جي هنرن سان تيار ڪرڻ لاءِ صنعت ۽ اڪيڊميا وچ ۾ سهڪار وڌائڻ ضروري آهي

لاهور (اي پي پي)رٿابندي ۽ ترقي واري وفاقي وزير احسن اقبال چيو آهي ته روانگي واپار تي ٻڌل معيشت کي هٿي ڏيڻ پهرين ترجيح آهي، وزيراعظم محمد شهباز شريف جي ويزن تحت 2035ع تائين 100 ارب ڊالرن جو روانگي واپار جو هدف حاصل ڪرڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون نوجوانن کي عالمي معيار جي هنرن سان تيار ڪرڻ اڻٽر آهي آٽو انڊسٽري پاڪستان جي صنعتي ترقي ۾ اهم ڪردار ادا ڪري رهي آهي، ملڪي معاشي ترقي جو مستقبل
بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 5

لاهور: وفاقي وزير احسن اقبال ايڪسپو سينٽر ۾ تقريب کي خطاب ڪري رهيو آهي

خيرپور ۾ موريجا برادري جو بدامني خلاف احتجاجي مظاهرو

ڳوٺ حاجي غلام حيدر موريجو جي رهواسين مريم ٽوب چوڪ تي احتجاج ڪيو

علائقي ۾ وڌندڙ بدامني ڪنٽرول ڪري نوجوان کان ڦريل سامان واپس ڪرايو وڃي

خيرپور(ڊ ر)خيرپور پرسان شاهه لطيف ٿاڻي جي حد ۾ ڦر واقعي خلاف موريجا برادري جي رهواسين جو مريم ٽوب چوڪ تي احتجاج تفصيل موجب خيرپور جي شاهه عبداللطيف ٿاڻي جي حد ڳوٺ حاجي غلام حيدر موريجو جي رهواسين پاران علائقي ۾ وڌندڙ بدامني خلاف مريم ٽوب چوڪ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري جي اڳواڻي غلام اصغر موريجو، فريد موريجو ۽
بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو محمد خان ۾ قتل ڪيل اظهر علي ڪوسو جو ڪيس 8 جوابدارن تي داخل

مقتول جي ماهي ذوالفقار ڪوسو جي فرياد تي الهرکيو ڪوسو سميت 8 ڄڻن خلاف داخل ڪيو ويو

پوليس قتل واري واقعي ۾ مک جوابدار الهرکيو ۽ پيو ڪوسو کي گرفتار ڪري ورتو آهي:ذريعا

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان ۾ عدالت مان پيشي کان واپسي دوران گذريل ڏينهن سامارو واسي قتل ٿيل نوجوان اظهر علي ڪوسو جي قتل واري واقعي جي 8 جوابدارن خلاف ايف آءِ آر داخل ڪئي وئي ٽنڊو محمد خان جي بي سيڪشن ٿاڻي تي قتل ٿيل نوجوان اظهر علي ڪوسو جي ماهي
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ڪراچي ويجهو فليٽ مان زال مڙس ۽ سندن ٽن معصوم ڌيئرن جا سڙيل لاش هٿ آيا

سائيٽ سپر هاءِ وي جي ويجهو احسن آباد جي لڪائي فليٽس جي ڪمري مان لاش هٿ ڪيا ويا

فوت ٿيلن جي سڃاڻپ ڊاڪٽر عمر، سندس گهرواري ۽ سندن ٽن ڌيئرن طور ڪئي وئي

ڪرائم سين يونٽ واقعي واري هنڌان ثبوت گڏ ڪري ورتا، لاش پوسٽ مارٽم لاءِ اسپتال منتقل

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ سائيٽ سپر هاءِ وي جي ويجهو احسن آباد جي لڪائي فليٽس ۾ گهر جي اندران هڪ ئي خاندان جي پنجن ڀاتين مڙس، زال ۽ ٽن ٻارن جا سڙيل لاش مليا آهن پوليس موجب فوت ٿيلن جي سڃاڻپ ڊاڪٽر عمر سندس
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: ايم ڊي ڪيٽ جي ٽيسٽ ڏيندڙ شاگردن جي رش نظر اچي رهي آهي

حيدرآباد ۾ ايم ڊي ڪيٽ، 5 هزار اميدوارن ميڊيڪل ۾ داخلا لاءِ امتحان ڏنو

پبلڪ اسڪول ۾ قائم امتحاني مرڪز تي صبح کان هزارين اميدوار پهتا

سنڌ جي 7 امتحاني مرڪزن تي 34 هزار کان وڌيڪ اميدوارن جي شرڪت

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) سنڌ جي ميڊيڪل يونيورسٽين ۽ ميڊيڪل ڪاليجن ۾ داخلا لاءِ ايم ڊي ڪيٽ پري انٽري ٽيسٽ ٿي، حيدرآباد ۾ هزارين شاگرد اميدوار امتحاني مرڪز تي پهتا،حيدرآباد ۾ پبلڪ اسڪول ۾ قائم امتحاني مرڪز تي مجموعي طور لڳ ڀڳ 5 هزار اميدوار ايم ڊي ڪيٽ ۾ شرڪت ڪئي امتحان ۾ شرڪت لاءِ اميدوار صبح کان ئي امتحاني مرڪز تي پهچڻ شروع ٿي ويا، جتي انتظاميه پاران اميدوارن جي داخلا ويهڻ ۽ امتحاني عمل کي ضابطن موجب مڪمل ڪرڻ لاءِ انتظام ڪيا ويا
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ ٻاٿرن خلاف عورت جو پريس ڪلب آڏو احتجاج، گهر تي حملي ۽ هراسان ڪرڻ جو الزام

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار شهر جي سخي بنگلوز واري علائقي جي رهواسي اياز لغاري جي گهرواري ٻاٿرن طرفان گهر تي حملي، چورين ڪرڻ، مارڪٽ ۽ بنا جواز پريشان ڪرڻ خلاف انصاف لاءِ پريس ڪلب پهچي وئي ٽنڊوالهيار پريس ڪلب تي پريس ڪانفرنس ڪندي اياز لغاري جي گهرواري ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته اسان
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ڪراچي مان لاپتا عمرڪوٽ واسي نوجوان جو لاش هٿ، گهر ۾ ڪهرام

راول عرف راجا لوها هڪ ڏينهن اڳ لائيٽ هائوس واري علائقي مان لاپتا ٿيو هو

لاش پوسٽ مارٽم بعد عمرڪوٽ پهچايو ويو، وارثن جي روڄ راڙي سبب ماحول سوڳوار

فوتي نوجوان جون آخري رسمون ادا، سياسي، سماجي اڳواڻن ۽ شهرين جي وڏي انگ ۾ شرڪت

عمرڪوٽ (ڊ ر) عمرڪوٽ واسي راول عرف راجا لوها ولد گليش لوها، جيڪو هڪ ڏينهن اڳ ڪراچي جي لائيٽ هائوس واري علائقي ۾ واقع سوامي نارائڻ مندر مان لاپتا
بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 5

ٺٽي ۾ شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي 30هين ورسي ملهائي وئي

ڏيپ ڪميٽي ۽ ذوالفقار علي ڀٽو رابطه ڪميٽي پاران تقريبون، اڳواڻن ۽ ڪارڪنن جي شرڪت

مير مرتضيٰ ڀٽو عوامي جمهوريت جو حامي هو، قاتلن کي انجام تائين پهچايو وڃي: اڳواڻ

ٺٽو (ڊ ر) شهيد مير مرتضيٰ ڀٽو جي 30 هين ورسي ٺٽي ۾ مڪلي تي ملهائي وئي ڏيپ ڪميٽي ٺٽو پاران ورسي تقريب بعد مير مرتضيٰ ڀٽو سان گڏ شهيد ٿيل شهيد رحيم بروهي جي آخري آرامگاهه تي حاضري ڀري ڪيس پيتا پيش ڪئي وئي ذوالفقار علي ڀٽو رابطه ڪميٽي ضلعي ٺٽي پاران نيشنل پريس ڪلب ٺٽو ۾ پ پ شهيد ڀٽو جي اڳوڻي چيئرمين شهيد مير
بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 5

گمبٽ: لالڻ واهه مائنر جي ڪپر سان ٺهيل روڊ هنڌان هنڌان اکڙيل نظر اچي ٿو

سميرا دايو جي اغوا واري الزام ۾ ڪا صداقت ناهي: محمد اسلم

اسان جو نوجوان مدثر به پنجن ڏينهن کان گم آهي، ڳولا ڪري رهيا آهن

پوليس ناري ۽ نوجوان جي ڳولا لاءِ ڪراچي سميت مختلف شهرن ۾ ڇاپا هڻي رهي آهي

سوشل ميڊيا تي مدثر ۽ سميرا جي عدالتي نڪاح جي خبر ملي، حقيقت جي ڪا ڄاڻ ناهي

هالا (ٽ ر) هالا واسي محمد اسلم ڪيريو، محمد حسن عرف اڀل ڪيريو هالا پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي سندن معاملي دايا برادريءَ جي ناري سميرا دايو جي اغوا واري الزامن کي رد ڪندي چيو آهي ته گذريل ڏينهن هالا جي سخي مراد شاهه ڪالونيءَ جي رهواسڻ مسمات زينت ۽ بختاور پاران ناري سميرا جي اغوا بابت اسان مٿان بي بنياد ۽ غلط الزام لڳايا آهن جن ۾ ڪنهن به قسم جي صداقت ناهي. هنن چيو ته گذريل پنجن ڏينهن کان اسان جو نوجوان مدثر پڻ گم آهي جنهن بابت اسان کي ڪوبه پتو نه پئجي سگهيو آهي ۽
بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 5

نوشهروفيروز لڳ يونيورسٽي ويندي ٻه ڏينهن اڳ گم ٿيل شاگرد جو لاش باغ مان هٿ

قائد عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي نوابشاهه جي پهرين سال جي شاگرد عاقب عالماڻي ٻه ڏينهن اڳ پراسرار طور گم ٿي ويو

لاش زيرو پوائنٽ پرسان انبن جي باغ مان هٿ اچڻ بعد پوليس ڪٽائي اسپتال مان پوسٽ مارٽم بعد وارثن حوالي ڪيو

نوشهروفيروز(رپورٽ:شاهد علي چنه) قائد عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي جي پهرين سال جي شاگرد جو لاش زيرو پوائنٽ پرسان انبن جي باغ مان هٿ، قائد عوام انجنيئرنگ يونيورسٽي نوابشاهه جي پهرين سال جي شاگرد عاقب عالماڻي جو لاش زيرو پوائنٽ پرسان انبن جي باغ مان هٿ آيو آهي ذريعن موجب عاقب عالماڻي ولد حاڪم عالماڻي کي ٻن
بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 5

سنڌ حڪومت ڪراچي ۾ ترقياتي منصوبا مڪمل ڪرڻ ۽ معيار تي خاص ڌيان ڏئي پئي: ناصر شاهه

مڪاني ادارن واري وزير اسڪيم 33، ملير ميمڻ ڳوٺ، منور انڊر پاس ۽ ٻين منصوبن جو دورو ڪري جائزو ورتو

منصوبا وقت کان اڳ مڪمل ڪرڻ لاءِ اثرائتا قدم کنيا وڃن، معيار تي ڪوبه سمجهوتو نه ڪيو وڃي

مڪاني ادارن کي يوسيز کان ٽائون سطح تائين وڌيڪ بااختيار بڻائڻ لاءِ قدم کنيا پيا وڃن

ڪراچي (رپورٽ : راهب ڳاهو) سنڌ جي مڪاني ادارن واري وزير سيد ناصر حسين شاهه ڪراچي جي اسڪيم 33، ملير ميمڻ ڳوٺ، منور انڊر پاس ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ جاري وڏن ترقياتي منصوبن جو تفصيلي
بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 5

صوبائي وزير ناصر شاهه کي بريفنگ ڏني پئي وڃي

ٽنڊومحمدخان لڳ هٿيارٻندن موبائل دڪان تان 5 لک رپيا ڦري فرار

ٽنڊو محمد خان(ڊ ر) ٽنڊو محمد خان لڳ ايوب ڪندرا بس اسٽاپ تي موبائيل شاپ تان نامعلوم موٽر سائيڪل تي سوار هٿيارٻند ڦورو واپاري معظم پٽي کان هٿيارن جي زور تي 5 لک روپيه نقد رقم ڦر ڪري ڪيس زخمي ڪرڻ ڪانپوءِ آساني سان فرار ٿي ويا ، واقعي جي اطلاع ملڻ بعد پوليس پهچڻ باوجود ڦورن کي گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام رهي ، واقعي بابت ڪوبه ڪيس داخل نه ڪرايو ويو آهي .

پٽ شاهه پرسان LPG سان ڀريل ٽرالر ڪلٽي، ڊرائيور زخمي

تيز رفتار ڪوچ جي ٽڪر سبب قومي شاهراهه تي حادثو پيش آيو

زخمي ڊرائيور کي ريسڪيو، موٽروي ۽ پوليس اهلڪارن اسپتال منتقل ڪيو

پٽ شاهه (ن ع) ڪنڊواسٽاپ ويجهو شورا واٽر پرسان LPGگيس سان ڀريل ٽرالر ڪلٽي ٿي پيو نتيجي ۾ ٽرالر ڊرائيور محمدشهزاد زخمي ريسڪيو ٽيم موٽروي ۽ حد جي پوليس واقعي واري هنڌ پهتل LPG گيس سان ڀريل ٽرالر ڪلٽي ٿيڻ سبب آس پاس جي ماڻهن ۾ خوف ۽ هراس پکڙيل. پٽ شاهه ٿاڻي جي حد ڪنڊواسٽاپ ويجهو قومي شاهراهه تي شورا واٽر پرسان LPG گيس کڻي گوادر کان لاهور ويندڙ ٽرالر تيزرفتار ڪوچ جو ٽڪر لڳڻ سبب ڪلٽي ٿي پيو جنهن ڪري پنجاب صوبي جي ساهيوال علائقي جو ٽرالر ڊرائيور
بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 5

محرابپور: واپاري جو ڳلي ۾ رسي ٻڌل لاش ۽ ٻئي طرف حياتي جي تصوير

محرابپور مان پراسرار طور ٿيل واپاري جو ڦاهو ڪاتل لاش هٿ، وارثن جو احتجاجي ڌرڻو

وارڊ نمبر ٻارهن واسي ڊرائي فروٽ جو واپاري 40 ورهين جو اختر پٺاڻ گذريل رات کان پراسرار نموني گم ٿي ويو

پيروسڻ روڊ تي لانگڙجي شاخ وٽ لاش جي اطلاع تي پوليس پهچي ڪٽائي اسپتال منتقل ڪيو

ضروري ڪارروائي بعد وارثن لاش ڪٽائي ٿاڻي گيٽ آڏو رکي جوابدارن جي گرفتاري جو مطالبو ڪيو

واقعي جي مختلف رخن کان جانچ ڪري جلد حقيقتون سامهون آنديون وينديون: پوليس

محرابپور (رپورٽ: سريچند) محرابپور ۾ گذريل رات کان پراسرار نموني گم ٿيل وارڊ نمبر ٻارهن واسي ڊرائي فروٽ جو واپاري 40 ورهين جو اختر پٺاڻ جو محرابپور ۾ پيروسڻ روڊ تي لانگڙجي شاخ مان ڳلي ۾
بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 5

مڪلي لڳ مڇي جي تلاءَ تي هٿيارٻندن جي ڪاهه، چوڪيدار تي تشدد، ڦرلٽ

15 کان وڌيڪ هٿيارٻندن چوڪيدار الطاف بروهي کي بدترين سخت تشدد جو نشانو بڻايو

اوطاق مان سامان ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار، وڪيل عتيق رفيق ميمڻ پاران مڪلي ٿاڻي تي رپورٽ

ٺٽو(ڊ ر) مڪلي لڳ ڪلان ڪوٽ ۾ ٺٽي جي نوجوان وڪيل عتيق رفيق ميمڻ جي تلاءَ تي هٿيارٻند جوابدارن حملو ڪري چوڪيدار کي بدترين مارڪٽ ڪرڻ بعد ڦرلٽ ڪري فرار پوليس پاران ڇاپا مڪلي لڳ ڪلاڪوٽ واري علائقي ۾ ديهه ڏوماڻي الهندو ۾ قائم نوجوان وڪيل عتيق رفيق ميمڻ جي مڇي جي تلاءَ تي 15 کان مٿي هٿيارٻندن ڪاهه ڪري سندس چوڪيدار
بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 5

گمبٽ ۾ قومي راڳي فياض جويو جو حملو ڪندڙ جوابدارن خلاف احتجاج، انصاف جو مطالبو

گمبٽ (ٽ.ر) سنڌ جو مشهور قومي راڳي گمبٽ جو رهواسي فياض جويو کي فرمائشي ڪلام نه ڳائڻ تي مبينا حملو فنڪار پاران ميڊيا اڳيان احتجاج انصاف لاءِ اپيل گمبٽ واسي سنڌ جي مشهور قومي راڳي فياض جويو تي نئوديرو ۾ محفل کان واپسي دوران رستي ۾ مبينا حملو ۽ تشدد ڪيو ويو واقعي خلاف
بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 5

پيٽرول اگهن ۾ واڌ خلاف جماعت اسلامي جو ٽرين مارچ حيدرآباد پهچڻ تي شاندار استقبال

حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي حافظ نعيم الرحمان ۽ ڪارڪنن جي اڳيان امير جماعت اسلامي پاران عوامي حقن لاءِ تحريڪ جو اعلان

135رپيا ٽيڪس شامل آهي، عالمي مارڪيٽ ۾ حالتون بهتر ٿين نه ته 200 ٻين کان هيٺ اچي سگهن ٿا: حافظ نعيم الرحمان

حيدرآباد (رپورٽ غلام حسين خاصخيلي) جماعت اسلامي پاران پيٽرول جي وڌندڙ اگهن خلاف ڪراچي کان اسلام آباد تائين ٽرين مارچ جو آغاز ڪيو ويو جماعت اسلامي ٽرين مارچ ڪراچي کان حيدرآباد پهتو جتي جماعت اسلامي جي اڳواڻ حافظ طاهر مجيد ۽ ڪارڪن ٽوڙي شهرين پاران سندن شاندار استقبال ڪيو ويو ، ان موقعي تي جماعت اسلامي پاڪستان جي امير
بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد: جماعت اسلامي جو امير حافظ نعيم الرحمان حيدرآباد ريلوي اسٽيشن تي ٽرين لانگ مارچ کي خطاب ڪندي

سکر پوليس پاران ڪيترن ئي ڪيسن ۾ روپوش جوابدار کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

سکر(بيورو رپورٽ) سکر ۾ منشيات خلاف پوليس جون ڪارروايون جاري آهن ايس ايس پي سکر احمد چوڌري جي هدايتن تي سکر پوليس منشيات خلاف ڪارروائي
بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 5

سيٺارجا ۾ جماعت اسلامي جي ٽرين مارچ جو شاندار استقبال، پيٽروليم ليوي ختم ڪرڻ جو مطالبو

ٺري ميرواهه (ن ع) جماعت اسلامي پاڪستان جي امير حافظ نعيم الرحمان جي اڳواڻي ۾ پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ۽ پيٽروليم ليوي ختم نه ڪرڻ خلاف ڪراچي کان شروع ڪيل ٽرين مارچ
بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 5

خيرپور ۾ انجنيئر فيصل گلزار قتل ڪيس ۾ گرفتار جوابدارن جي وارثن جو احتجاج

مظاهرين محبت علي، رابيل پڌو ، مسمات ممتاز پڌو ، مسمات فرحانه پڌو ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

بنا جواز بااثر ڌر عبدالحد پڌو ۽ اکين کان نابين علي گل پڌو کي بيگناهه ڪوڙي ڪيس ۾ ڦاسايو آهي: مظاهرين

شفاف انڪوائري ڪري فيصل گلزار جا اصل قاتل کي گرفتار ڪري اسان جي گرفتار ٿيلن کي آزاد ڪيو وڃي

خيرپور(رپورٽ: عبدالمجيد پنهيرو) خيرپور:هڪ مهينو اڳ ڪوڏيجي ٿاڻي جي حد حسين آباد پرسان قتل ٿيل انجنيئر فيصل گلزار پڌو واقعي ۾ گرفتار ٿيل علي گل پڌو ۽ عبدالحد پڌو جي آزادي ۽ انصاف
بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 5

ٽنڊو غلام علي ۾ شري راما پير مندر تي هڪ ڏينهن وارو ميلو سوين ياترين جي شرڪت

ڏجا صاحب چاڙهي ميلي جو افتتاح، مردن عورتن ۽ ٻارڙن پاران راما پير جي گيتن تي رقص

ياترين لاءِ ڀنڊارو، شربت ۽ ٿڌي پاڻي جا اسٽال قائم، ملڪي سلامتي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعائون

ٽنڊوغلام علي (ن ع) ٽنڊوغلام علي۾ هر سال جيان هن سال به ڏگهوڙي ناڪي تي قائم شري راما پير مندر تي هڪ ڏينهن وارو ميلو لڳايو ويو هڪ ڏينهن واري ميلي جو افتتاح مندر تي راما پير جي ڏجا صاحب (جهنڊو) چاڙهي ڪيو ويو مندر جي اڳواڻن ۽ هندو ناڪر برادري جي اڳواڻن پٽيل جٺ رام ٺاڪر سانسنگ، چيتن پٽيل ٺاڪر ۽ ٻين ڪيو جڏهن ته هڪ ڏينهن واري ميلي ۾ ٽنڊو غلام علي ٽئو دمبالي ڪيري سوري، ٺري نظاماڻي، راڄوخاڻي، ساٽلي ڏگهوڙي ۽ ان جي ڀرپاسي جي مختلف ڳوٺن مان سوين پريمين مردن
بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 5

فقيرآباد ۾ وزيراعظم پيٽرول ريليف اسڪيم تي عمل نه ٿيو، رهواسين پاران نوٽيس جو مطالبو

فقيرآباد (ن ع): فقيرآباد ۽ ڀرپاسي وارن علائقن ۾ وزيراعظم پيٽرول ريليف اسڪيم تي مبينا طور تي مڪمل عملدرآمد نه ٿيڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن شهرين جو چوڻ آهي ته حڪومت پاران پيٽرول جي قيمت ۾ 100
بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوغلام علي: شري راما پير جي ميلي جو ڏيک

ٽنڊوڄام پرسان تيز رفتار ڪار پانڌيئڙن مٿان چڙهي وئي، عورتن ۽ ٻارن سميت 10 ڄڻا زخمي

تاجپور لنڪ روڊ وٽ سبيل تي بيٺل راما پير جي ميلي جي پانڌيئڙن کي ڪار ٽڪر هنيو

پانڌيئڙن ڪار ڊرائيور کي پڪڙي روڊ بلاڪ ڪري احتجاج ڪيو، زخمي ٽنڊوڄام اسپتال منتقل

پوليس عمرڪوٽ واسي ڊرائيور تاج محمد راهمون کي ڪار سميت تحويل ۾ ورتو

ٽنڊوڄام(ٽ ر) حيدرآباد ميرپورخاص روڊ تي تاجپور لنڪ روڊ وٽ تيز رفتار ڪار راما پير جي ميلي تي ويندڙ پانڌيئڙن مٿان چڙهي وئي لوڊر رڪشا ۾ ويندڙ پانڌيئڙا روڊ تي لڳل سبيل پيئڻ لاءِ بيٺا ته غلط سائيڊ کان بس کي ڪراس ڪندڙ ڪار پانڌيئڙن مٿان چڙهي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ عورتن ۽ ٻارن سميت ڏهه ڄڻا زخمي ٿي پيا، زخمين ۾ پانڌيئڙن لاءِ سبيل لڳائيندڙ تاجپور واسي ٻه نوجوان پڻ زخمي ٿي پيا. زخمين ۾ راجا، رميش، جيتني ڏال موسو ۽ راجو شامل آهن واقعي بعد پانڌيئڙن ڪار ڊرائيور کي جهلي ورتو ۽ احتجاج ڪندي
بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 5

ڏگهڙي ۾ قومي عوامي تحريڪ جو اجلاس، 26 سيپٽمبر تي سنڌ محبت ريلي ڪڍڻ جو فيصلو

ڏگهڙي(ن ع) ڏگهڙي پريس ڪلب جي ڪانفرنس هال ۾ قومي عوامي تحريڪ جي سنڌ محبت ريلي ۽ جلسي جي تيارين بابت ضلعي ميرپور خاص ۽ ضلعي بدين جو گڏيل اهم اجلاس منعقد ٿيو جنهن ۾ 26 سيپٽمبر 2026ع تي ٿيندڙ سنڌ محبت ريلي ۽ جلسي جي انتظامن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو اجلاس ۾ فيصلو
بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 5

ڪراچي جا پاليل طوطا لاهور ۽ اسلام آباد جي سازشن ۾ مصروف آهن: ڊاڪٽر قادر مگسي

ڪراچي سنڌ منهنجي امان جي نعري هيٺ پوري سنڌ کي گڏ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون

هينئر ڪنهن جي آسري تي به ناهي ويٺو دشمن پنهنجي پوري طاقت سان سنڌ تي مٿان حملا آور آهي

اسان سڀني قومپرستن کي گڏ ٿيڻ جي دعوت ڏيون ٿا ته اچو گڏجي سنڌ جي بقا جي جنگ وڙهون

ڪوٽڙي سائيٽ (ن ع) ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي ڪوٽڙي جي خورشيد چونڪ تي پهچڻ تي جتي سندس شاندار استقبال ڪيو ويو اڳواڻن ڪارڪنن پاران گلن جي ورکا ڪري ڪيس
بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 5

ڪوٽڙي سائيٽ: ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي ميڊيا سان ڳالهائيندي

ٽنڊوباگو ۾ 5 کان 15 گريڊ جون ٽيسٽون پاس ڪندڙ نوجوانن جو نوڪرين لاءِ احتجاج

عباس جمالي، حاجي زئون، صديق سمون ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ بدر چوڪ کان ريلي

چالان تي لکين رپيا خرچ ڪيا آهن، نوڪرين جا آرڊر نه مليا ته وزيراعلي هائوس آڏو احتجاج ڪنداسين: مظاهرين

ٽنڊوباگو (ٽ ر) ٽنڊوباگو ۾ 5 کان 15 گريڊ پاس نوجوانن کي نوڪريون نه ملڻ خلاف 5 کان 15 ٽيسٽ پاس ڪندڙ بي روزگار نوجوانن عباس جمالي، حاجي زئون صديق سمون، غمشاد عمراڻي، ڪرشن ريباري ،سريش ڀيل ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ نوجوانن شهر جي بدر چوڪ کان مظاهرو ۽ ريلي ڪڍي پريس ڪلب پهتا جتي هنن احتجاج ڪندي دانهيندي ٻڌايو ته اسان پهرين کان پنڌرهان گريڊ جي نوڪرين لاءِ اپلائي ڪندي ٽيسٽ پاس ڪيا پر افسوس ته سنڌ حڪومت ٽيسٽ پاس نوجوانن کي روزگار آڊر ڏيڻ بجاءِ رلائي رهي آهي ، اسان چالان تي لکين روپيه خرچ ڪيا پر سنڌ حڪومت بي روزگار نوجوانن کي روز
بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 5

حيدرآباد ۾ آءِ بي اي ٽيسٽ پاس استادن جو آفر آرڊر نه ملڻ خلاف احتجاجي مظاهرو

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) تعليم کاتي ۾ آءِ بي اي ذريعي پي ايس ٽي ۽ جي اي ايس ٽي پاس 40 کان وڌيڪ مارڪون ڪندڙ اميدوار کي انتظار ڪرائڻ جي باوجود ڪي آفرآرڊر نه مليا، متاثر اميدوار مردن توڙي عورتن نوڪري حاصل ڪرڻ لاءِ سنڌ اسيمبلي ميمبرن ۽ تعليم کاتي جي صوبائي وزير جون تصويرون کڻي حيدرآباد پريس ڪلب آڏو انوکو احتجاج ڪيو ان دوران متاثر اميدوارن جو چوڻ هو ته هنن آءِ
بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 5

ڄامشورو: بجلي لوڊشيڊنگ، بدامني ۽ منشيات خلاف عوامي اتحاد جي سڏ تي ريلي ڪڍي پئي وڃي

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.